# سُوۡرَةُ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ

هن سورت جو نالو پهرين آيت “قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ” مان ورتو ويو آهي. هيءَ مکي سورت آهي. جڏهن ڪافرن جي نبي ڪريم ﷺ سان سخت ڪشمڪش برپا هئي، ان وقت حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنه ايمان آڻي چڪو هو ۽ هي سورت ان جي سامهون نازل ٿي رهي هئي. جڏهن حضور اڪرم ﷺ تي سورت نازل ٿي چڪي ته پاڻ فرمايائون ته هن وقت مون تي 10 اهڙيون آيتون نازل ٿيون آهن، جيڪڏهن ڪوبه شخص ان جي معيار تي پورو لهي ته يقيناً جنت ۾ ويندو. پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ اهي شروعاتي 10 آيتون پڙهي ٻڌايون. هن سورت جو مرڪزي مضمون اتباع رسول جي دعوت آهي. هن سورت جو قرآن پاڪ ۾ 23 نمبر آهي، پر نزول جي حساب سان 64 شمار ڪيو ويو آهي، يعني 63 سورتون مکي مڪرم ۾ هن سورت کان اڳ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 26 سورتون هن کان بعد مکي ۾ نازل ٿيون ۽ 24 سورتون هجرت بعد مديني ۾ نازل ٿيون. هن سورت ۾ انسان جي پيدائش، آسمان ۽ زمين جي پيدائش، نباتات ۽ حيوانات جي پيدائش ۽ ڪائنات جي ٻين شين طرف توجه ڏياريو ويو آهي، جنهن جو مقصد آهي ته نبي ڪريم ﷺ توحيد ۽ معاد جي حقيقتن کي مڃڻ جو حڪم ڏنو آهي. اهو برحق آهي. هن کان بعد انبياء اڪرام عليهم السلام ۽ ان جي امتن جا قصا بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾: (1) ڪافرن کي ٻڌايو ويو آهي ته توحيد ۽ يوم آخرت تي ايمان نه آڻيندؤ ته ان جو ڪهڙو برو انجام ٿيندو. (2) ڪافرن کي ٻڌايو ويو آهي ته سمورن نبين جو دين هڪ آهي. (3) جن به نبين جي مخالفت ڪئي، آخرڪار اهي تباهه ٿي ويا. (4) دين هڪ آهي، جيڪو الله طرفان نازل ڪيل آهي، باقي ٻيا هٺ جا گهڙيل دين آهن. الله تعالي وٽ ايمان، راست بازي ۽ خدا ترسي گهربل آهي. گهڻو مال دولت اولاد يا حڪومت اهي الله طرفان مهرباني آهي، پر آخرت ۾ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. آخر ۾ مکي وارن لاءِ مختلف طريقن سان نبي ڪريم ﷺ جي نبوت تي اطمينان ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ڪافرن کي چيو ويو آهي ته اک کولي اهي ڪنڊرات ۽ تباهه ٿيل بستيون ڏسو ته ڇا ان بعد به توهان جو عقل ۽ فطرت هنن جي صحت ۽ صداقت جي گواهي نٿو ڏئي؟

آخر ۾ نبي ڪريم ﷺ جي رهنمائي ڪئي وئي آهي ته ڪافر ڪيتري به بدشد گفتگو ڪن، توهان ان جو سهڻي نموني جواب ڏيو.

آيتون ١١٨ — سُورَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ (مڪي سورت) — رڪوع ٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ‏ ﴿۱﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ فِىۡ صَلَاتِهِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ‏ ﴿۲﴾ وَ الَّذِيۡنَ
هُمۡ عَنِ اللَّغۡوِ مُعۡرِضُوۡنَ ۙ‏ ﴿۳﴾ وَ الَّذِيۡنَ هُمۡ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوۡنَ ۙ‏ ﴿۴﴾ وَ الَّذِيۡنَ
هُمۡ لِفُرُوۡجِهِمۡ حٰفِظُوۡنَ ۙ‏ ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزۡوَاجِهِمۡ اَوۡ مَا مَلَـكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ
فَاِنَّهُمۡ غَيۡرُ مَلُوۡمِيۡنَ‌ ۚ‏ ﴿۶﴾ فَمَنِ ابۡتَغٰى وَرَآءَ ذٰ لِكَ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡعٰدُوۡنَ‌ ۚ‏ ﴿۷﴾
وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِاَمٰنٰتِهِمۡ وَعَهۡدِهِمۡ رٰعُوۡنَ ۙ‏ ﴿۸﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَلٰى صَلَوٰتِهِمۡ
يُحَافِظُوۡنَ‌ۘ ﴿۹﴾ اُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡوٰرِثُوۡنَ ۙ‏ ﴿۱۰﴾ الَّذِيۡنَ يَرِثُوۡنَ الۡفِرۡدَوۡسَ ؕ هُمۡ
فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ‏ ﴿۱۱﴾

الجزء ١٨ — وقف لازم

**الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.**

بيشڪ ايمان آڻڻ وارا ڪامياب ٿي ويا. (1) جيڪي پنهنجن نمازن ۾ خشوع ۽ خضوع (عجز و نياز) ڪن ٿا. (2) جيڪي لغو (بيڪار فضول) گفتگو ۽ ڪمن ڪان پاڻ ڪي پري رکن ٿا. (3) جيڪي زڪوات جي ادا ڪرڻ ۾ سرگرم آهن. (4) جيڪي پنهنجي اوگهڙ (شرم گاهن) جي حفاظت ڪن ٿا. (5) سواءِ انهن جي جيڪي پنهنجي زالن ۽ غلام تي آيل سان (نڪاح بعد) مجامعت (هم بستري) ڪن ٿا، انهن تي ڪا بہ ملامت نہ آهي (6) ۽ جيڪي بہ هن ڪان

سواءِ ٻين ڏانهن لاڙو ڪندا تہ اهي مقرر حدون اورانگهي ويندا. (7) جيڪي پنهنجن امانتن ۽ معاهدن يا عهدن جو پرم رکن ٿا. (8) جيڪي پنهنجن نمازن جي پوري حفاظت ڪن ٿا. (9) يقينًا اهڙا شخص ئي پنهنجي ميراث ماڻيندا. (10) هو فردوس جي زندگي ميراث ۾ حاصل ڪندا ۽ هميشہ لاءِ ان ۾ قيام پذير رهندا. (11)

---

ايمان آڻڻ وارا ماڻهو پنهنجي مراد ماڻي ويا، يعني پنهنجي ذات جي تعمير ڪري مادي دنيا کان نڪري، روحاني ارتقا ۾ حاصل ڪري ورتو. هنن جي مثالي حياتي هر حق جي متلاشي لاءِ رهبري ۾ روشني جو نشان آهي. هنن پاڪيزه صفات ماڻهن خدا جي قانون کي صداقت سان تسليم ڪيو آهي ۽ قرآن ۾ اسوه حسنہ کي پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين ۽ مقصدِ حيات بنايو آهي. ڪيترن ئي تفسيرن ۾ آيو آهي تہ اهي مؤمن ماڻهو ڪامياب ٿي ويا، جن پاڻ ۾ هيٺيون خوبيون پيدا ڪيون. پر ڪجهہ تفسير، جن ۾ موضح قرآن: شاهہ عبدالقادر دهلوي ﷫ ۽ تفسير بيان القرآن: ڊاڪٽر اسرار احمد موجب هن آيت ۾ "اَفۡلَحَ" جو لفظ "فَلَحَ" مان ورتل آهي. لفظ "فَلَحَ" ۽ لفظ "فَلَقَ" هڪ مفهوم ۾ آيا آهن. يعني ڪنهن شيءِ کي ڦاري، ٻاهرنڪرڻ. جيئن ڪڪڙيءَ ۾ پورو وڻ هوندو آهي، ۽ ڪڪڙيءَ جي زمين اندر ڦاٽڻ کان پوءِ اهڙي طرح انسان جي انا يا روح ۾ بہ تمام خصوصيتون موجود آهن، جڏهن انساني وجود جي اندر موجود ماديت جا پردا چاق ٿيندا آهن، تہ پوءِ هن جي انا ۽ روح بيتاب ٿي پوندو آهي. چڳن ڪمن ڪرڻ سان ماديت جا پردا چاق ڪرڻا هوندا آهن، جنهن بعد هيٺ بيان ڪيل صلاحيتون يعني روح ظاهر ٿي پوندو آهي، پر جيڪي ماڻهو حيواني وجود رکن ٿا، اهي پنهنجي روح جو خيال نٿا رکن ۽ نہ وري ان جي نشوو نما جو اهتمام ڪن ٿا، ان ڪري هنن جون هيٺ بيان ڪيل صلاحيتون ظاهر نٿيون ٿين. مؤمن پنهنجي نيڪ عملن جي ڪري هيٺين صفتن جي مراد ماڻي ويا. اهڙن مؤمنن جي شناخت هنن خوبين سان ڪئي وئي آهي: (1) هو نماز خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪن ٿا. هو خدا جي آڏو "الله اڪبر" چئي عجز و نيزاري جي

تصوير بڻجي وجن ٿا، گويا هو پنهنجي رب کي ڏسي، ان سان محو گفتگو آهن ۽ خدا جي حڪمن جو دل و جان سان بجا آڻڻ جو يقين ڏيارين ٿا ۽ ان يقين کي قائم رکڻ لاءِ الله جي مدد، توفيق ۽ اعانت جي درخواست پيش ڪن ٿا ۽ راهه مستقيم تي هلڻ ۽ گمراهي ۽ ڀٽڪڻ کان بچڻ جون روئي رڙي پڪارون ڪن ٿا. خشوع خضوع مان مراد آهي ته الله جي بارگاهه ۾ بيهي هن جي جلال، عظمت ۽ ڪبريائي جي تصور تي ڪنبي وڃڻ ۽ ڏڪڻ جي حالت طاري ٿيڻ. (2) جيڪي هميشه پنهنجي مقصدِ حيات حاصل ڪرڻ جي ڌن ۾ رهن ٿا. بيڪار ۽ فضول گفتگوءَ کان بچندي، اهڙين محفلن کان دور رهن ٿا، جتي گلا، غيبت، ڪوڙ ۽ تصنع جهڙيون بي سود ۽ بيڪار مجلسون متل هجن. اهي اهڙن فضول ڪمن ۾ به پاڻ کي الجهائي نٿا رکن، جن سان مادي خواهشون پوريون ٿين ۽ روحاني قوتون ڪمزور ٿينديون وڃن. مؤمن ماڻهو ته احسن ۽ سودمند ڪلام جو قائل آهي. (لقمان: 19/31، حٰم السجده:26/41، النحل: 125/16، الصف: 2/61، البقره: 41/2، الفرقان: 63/25، الاحزاب: 44/33) وڏو گناهه ته هڪ طرف، پر هو بيڪار گفتگو ڪري پنهنجو قيمتي وقت ضايع نٿا ڪن. "وَإِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا" (الفرقان: 72/25) اهڙا مؤمن نه شرڪ جي ڳالهه ڪن ٿا، نه گناهه ۽ معاصي جون محفلون رچائن ٿا، نه ڪنهن کي گار گند ڪن ٿا، نه غيبت ۽ توهين آميز مسخري ڪن ٿا، پر هميشه "قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا" سلامتي ۽ خير و عافيت واري گفتگو ڪن ٿا. (3) هو انساني معاشري جي فلاح ۽ بهبود، لاءِ زڪوات جي پوري پوري ادائگي ڪن ٿا. يعني پنهنجي مال جي تطهير ۽ پنهنجي ذات جو تزڪيو ڪري، ان کي سود مند حيات جو درجو ڏين ٿا. معذور، محتاج ۽ گهٽ وسائل وارن ماڻهن جي دل کولي امداد ڪن ٿا ۽ انهن کي پينو فقير بنائڻ بدران پنهنجي پيرن تي بيهڻ لائق ڪن ٿا. ياد رهي ته نماز ٻانهي کي الله سان جوڙي رکي ٿي ۽ زڪوات خدا جي ٻانهن سان ميڙي رکي ٿي. ان ڪري قرآن ۾ اڪثر نماز ۽ زڪوات جو گڏ بيان ٿيو آهي. گويا زڪوات جو عمل نماز جي عمل جو جوڙ ۽ تڪميل آهي. الله به راضي ۽ انسان به خوش.

اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید (مشتاق سچاروي)

زڪواة جهڙي طرح مال جي تطهير ڪري ٿي، پر ان سان گڏوگڏ انسان ۾

انسانيت جي تعمير ۽ سندس ذات، انا يا خود شناسي لاءِ نشو نما ڪري ٿي، جنهن سان انساني پرواز جا در کلي وڃن ٿا ۽ دنياوي مال متاع جو حرص هٽجي وڃي ٿو. ضرورت کان وڌيڪ پنهنجي مال کي حقدارن لاءِ مخصوص ڪرڻ سان انسان حيواني غلاظتن کان پاڪ ٿي، انسان اشرف المخلوقات وارو درجو حاصل ڪري ٿو.(4) جيڪي پنهنجي اوگهڙ ۽ شرمگاهن جي حفاظت ڪن ٿا. (الاعلیٰ: 4/87، الشمس: 9-10/91) يعني فحاشي، زنا ۽ هم جنسي جهڙن برن ڪمن کان پاڻ کي بچائي رکن ٿا. فحاشي ۽ زنا اهڙي معاشري کي جنم ڏئي ٿو، جنهن ۾ زلزلا پيدا ٿين ٿا ۽ جن کي ڪو سنڀالڻ وارو بہ نٿو هجي ۽ معاشري جا معتوب ۽ معيوب افراد شمار ڪيا وڃن ٿا. قرآن ۾ مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لاءِ ۽ نسل جي پئدائش لاءِ رڳو ازدواج يعني نڪاح ڪري رهڻ جو تصور آهي، بنا نڪاح جي زنا واري عمل سان معاشري ۾ بيحيائي، بي غيرتي ۽ بي چينيءَ جو سبب بڻبو، جنهن ۾ اولاد جي سار سنڀال ڪرڻ ۽ ان کي سفيد انسان بنائڻ ۾ ناڪامي ٿيندي. زنا کي وڏن ڪبيره گناهن ۾ شمار ڪيو ويو آهي، جنهن جو بار بار ذڪر خود هن جي خرابيءَ جو وڏو ثبوت آهي. ان ڪري منڪوحه عورت سان ۽ غلام ٿي آيل عورت، جيڪا ڪنهن جي قبضي ۾ هجي، اهو ان سان نڪاح ڪري، مجامعت ڪري سگهي ٿو. (النساءِ: 25/4)

ياد رهي تہ نزول قرآن کان اڳ جنگ ۾ قيدي ٿي آيل عورتن کي غلام بنائي رکيو ويندو هيو، جنهن رواج کي سورت محمد جي نزول بعد بند ڪيو ويو. يعني هاڻي ڪا بہ عورت جنگ بعد غلام يا لونڊي بنائي رکڻ تي بندش وڌي وئي، پر هن بندش کان اڳ غلام، لونڊي جو رواج باقي هيو، ان ۾ بہ نڪاح ڪري ان سان هم بستري ڪرڻ جي اجازت هئي. ان وقت جي معاشري ۾ هڪ آزاد خانداني عورت جو تصور هيو ۽ ٻيو انهن غلام عورتن جو رواج هيو. هي بہ الڳ طبقا هئا، پهريون طبقو يعني آزاد خودمختار عورت سان نڪاح جو حڪم لازم قرار ڏنو ويو، پر معاشري ۾ باقي رهيل ٻئي طبقي جي عورتن يعني غلام بنايل لونڊين جو معاملو حل ڪرڻو هيو، جنهن لاءِ هنن کي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ انهن سان نڪاح ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو. ڪين مڪاتيب هجڻ جو حق ڏنو ويو ۽ ڪفاري جي صورت ۾ غلام مرد ۽ عورتن کي آزاد ڪرڻ جي اوليت واري ترجيح ڏني وئي. ان ڪري نئون اسٽاڪ نہ اچڻ ۽ پراڻي کي آزاد ڪرڻ جو عمل سان اهو انسانيت لاءِ

ذلت ڀريو در هميشہ هميشہ لاءِ بند ڪيو ويو. قرآن فهمي کان محروم ماڻهن غلام عورتن کي عياشيءَ جو سامان بڻايو آهي ۽ ڪجهہ ماڻهن اسلام ۾ غلاميءَ واري رسم کي رائج رکڻ جي تنقيد ڪئي آهي. ياد رهي تہ ”وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ“ هر عورت کي تذليل ۽ تحقير کان محفوظ رکڻ لاءِ اسلام ۽ قرآن هڪ مانائتو حل پيش ڪيو آهي، پر جيڪڏهن غلاميءَ جو ڀهرئين ڏينهن خاتمو آڻڻ لاءِ حڪم اچي ها تہ پوءِ ڪثير تعداد ۾ موجود غلام مرد ۽ عورتون، ڪيڏانهن وڃن ها. ان وقت تہ اڃان مديني جي رياست مالي طور ايتري مضبوط نہ هئي، جو انهن جو بار کڻي سگهي، ان ڪري نئين داخلا تي بندش وڌي وئي ۽ پراڻي داخلا کي ڏيري ڏيري چند سالن جي عرصي ۾ ختم ڪيو ويو. هن اسڪيم کي مضبوط بڻائڻ ۽ معاشري جي خانداني اڪائي کي صحيح طريقي سان قائم ڪرڻ لاءِ زنا ۽ فحاشي جهڙي گناهہ کي قابل سزا جرم بڻايو ويو، جنهن لاءِ سورت النور جي شروعات جون آيتون هن اهم موضوع لاءِ نازل ڪيو ويون. ان کان علاوه احاديث حضور اڪرم ﷺ ۽ صحابہ ڪرام جي فيصلن ۾ اتفاق راءِ سان هن سزا کي قبول ڪيو ويو ۽ رواج ۾ آندو ويو، جنهن سبب مسلم معاشرو هن شر کان بچڻ لائق ٿي ويو، پر مغربي معاشرو اڄ بہ هن لعنت ۾ گرفتار آهي. اسلام هن کي قانون شڪني سڏيو آهي ۽ بي غيرتيءَ جي انتها تي پهچڻ وارو عمل قرار ڏنو آهي. هن گندي عمل تي مقرر ٿيل سزا تي درآمد ٿيڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي ۽ معاشري جي اهڙن بدڪار ماڻهن سان ڪنهن بہ نرمي اختيار ڪرڻ کان سختيءَ سان روڪيو آهي ۽ سزا کي عوام جي ميڙ ۾ جاري ڪرڻ جو حڪم آهي تہ جيئن ماڻهن لاءِ عبرت جو مقام ۽ اصلاح جو سبب بڻجي. ڇڙواڳ ۽ شتر بي مهار معاشرو، جنهن ۾ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو مضبوط ۽ مستحڪم نظام نہ هوندو، اهو هميشہ فتني، فساد ۽ لاقانونيت جو شڪار ٿي تباهہ ٿي ويندو. مطلب تہ نہ رڳو عورت سان زنا کان روڪيو ويو آهي، اهو فحاشي ۽ شهوت وارو عمل اغلام بازي، مشت زني يا جانور سان شهوت زنيءَ جهڙا سمورا عمل هن آيت جو موضوع آهن ۽ انهن کان پرهيز ڪرڻ لازم آهي. نبي اڪرم ﷺ نڪاح کي سنت قرار ڏنو آهي.

جيڪي امانت ۽ عهد و اقرار ۽ معاهدن جي سختي سان حفاظت ڪن ٿا. هنن وٽ جيڪڏهن ڪنهن جي شيءِ امانت طور رکيل آهي تہ هو ان ۾ خيانت نٿا ڪن، پر پوري

طرح اصل مالڪ ڪي شيءِ موٽائي ڏين ٿا. ان مان ناجائز فائدو حاصل نٿا ڪن ۽ نه وري سٺي شيءِ ۾ سٺي جنس جي بدلي اوتري مگر خراب شيءِ ڏيڻ جي جرئت به نٿا رکن.

"امانت" جو لفظ وسيع معنىٰ جو حامل آهي. هن ۾ اهي تمام امانتون شامل آهن، جن ۾ اسان جي رب قوت ۽ صلاحيت ۽ ذميداري جي صورت ۾ عائد ڪيو آهي. علم، مال، عهدا سڀ خدا طرفان عطا ٿيل نعمتون امانت آهن. انهن ڪي ٻين تائين پهچائڻ فرض جي ادائگي ۾ شامل آهن. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ سُئِلَ عَنۡ عِلۡمٍ ثُمَّ كَتَمَهٗ اُلۡجِمَ بِلِجَامٍ مِّنَ النَّارِ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ". سورة النساء: 58/4 ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰهَ يَاۡمُرُكُمۡ اَنۡ تُؤَدُّوا الۡاَمٰنٰتِ اِلٰٓى اَهۡلِهَا وَاِذَا حَكَمۡتُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ اَنۡ تَحۡكُمُوۡا بِالۡعَدۡلِ" الله ذوالجلال جو حڪم آهي ته امانت ڪي انهن جي اهل ڪي ادا ڪريو. خاص طرح ڪنهن ذميدار عهدي تي هجڻ وقت ڪنهن جي حقن جي لتاڙ ڪرڻ، حقدار جو حق مارڻ، ناجائز ڪي جائز جو درجو ڏيڻ، مليل فرائض جي ادائگي لاءِ مقرر ڪيل وقت ۽ ذميداري ڪان بي پرواهه ٿيڻ، خدا طرفان عطا ٿيل ذات ڪي ٻين تائين نه پهچائڻ به خيانت ۾ شمار ٿيندو، چو ته اهي سڀ نعمتون جيڪي الله انسان ڪي بخشيون آهن، اهي سڀ الله جي امانت آهن. انهن جي صحيح ادائگي نه ڪرڻ به امانت ۾ خيانت آهي. گويا انسان جي زندگي هن جي صلاحيت ۽ هن ڪي مليل ذات ۽ عهدا سڀ الله جي امانت آهن، اهي ڪنهن جون ذاتي ملڪيتون يا خود ڪمايل شيون نه آهن، ان ڪري امانت ۾ خيانت ڪي "نفاق" به سڏيو ويو آهي. اهڙي طرح عهد ۽ اقرار يا ڪيل معاهدن جي بجا آوري به مؤمن جي ايمان جو لازمي جز آهي. وعده وفائي ڪرڻ ۽ وعده خلافي ڪان بچڻ، عهد اقرار ڪي برقرار رکڻ ۽ پوري طرح ايمانداريءَ سان ان تي عمل ڪرڻ لازم آهي. ڪيل معاهدن ڪي پنهنجي روح مطابق اکر به اکر پورو ڪرڻ، انفرادي ۽ اجتماعي قومي فريضو آهي. سورة المائده جي شروعات ئي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ" سان ڪئي وئي آهي. هن ۾ مؤمن ڪي عهد و پيمان پوري ڪرڻ جي زوردار هدايت جو حڪم آهي. سورة التوبه ۾ مسلمانن جا ڪافرن سان ڪيل معاهدن جي پوري ڪرڻ جو وضاحت سان ذڪر ٿيل آهي. معاهدي ۽ عهد و اقرار ڪي نباهڻ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو آئينو آهي. ڪيل عهد و اقرار ۽ معاهدي جو مان نه رکڻ ۽ ان جو بنا جائز سبب جي ٽوڙي ڇڏڻ سان انسان جي ايمان جي نازڪ ۽ نفيس تند به تار تار ٿيو وڃي.

جيڪي نماز جي ادائگيءَ جي پوري طرح حفاظت ڪن ٿا. نماز دين اسلام جو اهم فريضو آهي. (النور: 41/24) حضور اڪرم ﷺ جي مبارڪ دور ۾ نماز مؤمن ۽ منافق جي شناخت لاءِ حد فيصل هئي. جيڪڏهن نماز عجزو انڪساري ۽ حضور دل سان ادا ڪري ٿو ته اها مؤمن جي نشاني، پر جيڪڏهن نماز ٻري سان پڙهي ٿو، مسجد ۾ اچي نماز ۽ سجدن جي سورت ۾ نونگا هڻي ٿو يا نماز جي ارڪان ۽ شرائط طرف توجه نٿو ڏئي، بي ڌياني ۽ وائڙن خيالن جو شڪار ٿي، عدم توجهي سان نماز ادا ڪري ٿو، يا خودنمائي لاءِ ڊگها سجدا ڪري، ماڻهن تي پنهنجي پرهيزگاري جي ڌاڪ ويهارڻ گهري يا نماز شروع ڪرڻ بعد پنهنجي دنياوي ڪمن ڏانهن متوجه ٿي وڃي ٿو ته گويا هن نماز جي حفاظت نه ڪئي، پر نماز جي لبادي ۾ فعل شنيع جو مرتڪب ٿيو. گويا: ”اَلصَّلٰوۃُ بَيْنَ الْكُفْرِ وَالْاِيْمَانِ“ آهي. نماز مؤمن جو معراج آهي، جنهن ۾ هو الله تبارڪ و تعالىٰ سان هم ڪلامي ٿي، الله جي بزرگي، ڪبريائي ۽ بنده نوازي لاءِ سندس حمد ۽ شڪر ڪري ٿو ۽ پنهنجي فلاح ۽ بهبود، نجات ۽ ڪاميابي جي درخواست پيش ڪري الله جي توفيق ۽ مدد جي درخواست ڪري، شيطان جي وسوسن ۽ نفس جي ناجائز خواهش جي بي راهه روي، گمراهي، ضلالت ۽ خدا جي قهر ۽ غضب ڪان بچڻ ۽ صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ الله جي حضور حاضر ٿي عرضدار جي حيثيت ۾ عرض گذار ٿئي ٿو ۽ پنهنجي مطالبن جي پوري دل جي سچائين سان يقين ڪري ٿو. ائين سمجهو ته ”الله اڪبر“ چئي پاڻ ڪي الله جي سپرد ڪري ٿو يا سريندر ڪري ٿو. پنهنجي وجود ڪي وساري عجز و نياز پيڪر بڻجي بارگاهه ايزدي ۾ حاضر ٿئي ٿو.

جان جان پسين پاڻ ڪ تان تان ناهه نماز
سڀ وڃائي ساز تنهان پوءِ تڪبير چئو

جان جان پسين پاڻ ڪي تان تان ناهه سجود
وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير هو چئو

پلا جيڪڏهن خيال منتشر آهن ۽ تڪبير چئي الله سان هم ڪلامي ٿيڻ يا رابطي ۾ اچڻ بدران ڊڳي، ڍور، زر زمين، صنعت، تجارت وڻج، واپار يا لغو خيالن ۾

مشغول رهي تہ اهڙي نماز نماز نہ آهي، پر نفاق آهي.

سر بسجده دل بہ پیشِ گاؤ خر
این چنین تسبیح کے دارد اثر

سر تہ سجدي ۾ آهي، پر دل دنياوي ڏنڌن ۾ رڌل آهي تہ اهڙي تسبيح ۽ نماز ڪهڙو تاثير پيدا ڪندي.

هن فلاح واري عمل ۾ شروعات بہ نماز سان ٿي هئي تہ هاڻي انهن املھ صفتن جو اختتام بہ نماز جي ذڪر سان ٿي رهيو آهي. پهرين آيت ۾ نماز ۾ "خَاشِعُوْنَ" جو لفظ آيو آهي، يعني روهاني ۽ باطني طرح نماز ادا ڪرڻ. ان ڪان پوءِ نماز لاءِ "يُحَافِظُوْنَ" جو لفظ آيو آهي، جنهن جي معنىٰ آهي تہ نماز جي نظام ڪي پوري ادب ۽ قانون مطابق ادا ڪرڻ گهرجي. درحقيقت انهن سمورن مڪارم اخلاق جي محافظ نماز ئي آهي. دين اسلام تي قائم رهڻ جي ضمانت بہ آهي ۽ شيطانن جي حملن ڪان بچاءَ جو هٿيار بہ آهي، نماز جي پابندي گويا هڪ مضبوط حصار آهي. اهوئي سبب آهي، جو خطري جي حالت، جنگ جو ميدان سفر جي ڏکيائي، يا بيماريءَ جو عذر هجي، پر نماز هر حال ۾ قيام وقعود يا اشارن سان ادا ڪرڻ جو حڪم آهي، چو تہ نماز ئي بانهي ڪي منڪر ۽ فحش ڪمن ڪان روڪي رکي ٿي. "وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ" (العنڪبوت: 25/29) يقينًا اهي خوشنصيب سڳورا انسان آهن، جيڪي پنهنجو ميراثي ورثو حاصل ڪرڻ وارا اصلي مالڪ آهن. (الاعراف: 53/7) يعني خدا جون اهي سموريون نعمتون ۽ نوازشون، جيڪي نيڪ انسانن ڪي سندن نيڪين، سعادتن ۽ ڪامرانين جي بدلي ۾ دنيا توڙي آخرت ۾ عطا ٿيڻ واريون آهن، هي اشخاص ئي انهي جا وارث آهن ۽ اهي نعمتون انهن جائز مالڪن جي حوالي ڪيون وينديون.

هن دنيا جي اندر سڪون قلبي اطمينان ۽ آرام سان خوشگوار زندگي گذارڻ ۽ هر قسم جي شادابي ۽ خوشي حاصل ڪرڻ بعد ڪين آخرت ۾ هو جنت جي سبز باغن جن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون جا مالڪ ۽ وارث هوندا ان سان گڏوگڏ رضوان الله جي انعام Award سان نوازيا ويندا ۽ هو اهڙي ماحول ۾ هميشہ موجون ڪندا رهندا. "رَضِيَ اللّٰهُ

عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ“ خدا هنن کان راضي هوندو ۽ هو خدا جي رضامندي تي راضي هوندا. ”ارۡجِعِيۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً ○ فَادۡخُلِيۡ فِيۡ عِبٰدِيۡ ○ وَادۡخُلِيۡ جَنَّتِيۡ ○“ (الفجر: 89/ 28 کان 30) ڊوليا! پنهنجي رب ڏانهن نچندا ڪڏندا اچو، جو الله توهان کان خوش ۽ راضي آهي ۽ اوهان بہ الله جي رضا تي راضي آهيو. اچو اچو منهنجا خاص ٻانهؤ! مقربين ۽ ابرار جي صف ۾ شامل ٿي وڃو ۽ جنت ۾ داخل ٿي، اتي جا دائمي مزا، لطف ۽ راحتون ماڻيندا رهو. ”ذٰلِكَ فَضۡلُ اللّٰهِ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ“

خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طینت را

این سعادت بزور بازو نیست

تا نہ بخشد خدائے بخشندہ

هونءَ تہ پورو قرآن اهڙن نيڪوڪار انسانن جي اوصاف، اعمال، اشغال ۽ ڪردار جي بيان سان لبريز آهي، پر ڪجھ جاين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ حوالو ڏيڻ ضروري آهي. (المعارج: 22/70 کان 35، المؤمنون: 23/ 1 کان 11، الفرقان: 25/ 63 کان 76، البقره: 2/ 2 کان 5، 77-76 ۽ 215)

---

وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنۡ سُلٰلَةٍ مِّنۡ طِيۡنٍ ۚ﴿١٢﴾ ثُمَّ جَعَلۡنٰهُ نُطۡفَةً فِيۡ
قَرَارٍ مَّكِيۡنٍ ۪﴿١٣﴾ ثُمَّ خَلَقۡنَا النُّطۡفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقۡنَا الۡعَلَقَةَ مُضۡغَةً
فَخَلَقۡنَا الۡمُضۡغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوۡنَا الۡعِظٰمَ لَحۡمًا ۗ ثُمَّ اَنۡشَاۡنٰهُ خَلۡقًا اٰخَرَ ؕ
فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحۡسَنُ الۡخٰلِقِيۡنَ ؕ﴿١٤﴾ ثُمَّ اِنَّكُمۡ بَعۡدَ ذٰلِكَ لَمَيِّتُوۡنَ ؕ﴿١٥﴾ ثُمَّ
اِنَّكُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ تُبۡعَثُوۡنَ ﴿١٦﴾ وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا فَوۡقَكُمۡ سَبۡعَ طَرَآئِقَ ۖ وَمَا
كُنَّا عَنِ الۡخَلۡقِ غٰفِلِيۡنَ ﴿١٧﴾ وَاَنۡزَلۡنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسۡكَنّٰهُ فِي

الْاَرْضِ ۖ وَ اِنَّا عَلٰى ذَهَابٍۭ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ۚ ﴿۱۸﴾ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ
نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ ۘ لَكُمْ فِيْهَا فَوَاكِهُ كَثِيْرَةٌ وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۙ ﴿۱۹﴾ وَ شَجَرَةً وقف لازم
تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَ صِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَ اِنَّ لَكُمْ فِي
الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۭ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا وَ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ
كَثِيْرَةٌ وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۙ ﴿۲۱﴾ وَ عَلَيْهَا وَ عَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع ۲۲

۽ اسان انسان کي مٽيءَ جي خلاصي (جوهر) مان پيدا ڪيو. (12) پوءِ اسان هن کي نطفو بنايو ۽ هڪ مضبوط ۽ محفوظ جڳهه ۾ رکيو. (13) پوءِ اسان هن کي عَلَقه (رحم ۾ لٽڪندڙ مادي) ۾ تبديل ڪيو، پوءِ ان کي گوشت جو ٽڪرو ڪيو ۽ پوءِ هن تي هڏين جو ڍانچو بنايو ۽ پوءِ هڏين جي ڍانچي تي گوشت چاڙهيو ۽ پوءِ اسان هن کي هڪ ٻئي نموني جي مخلوق بڻائي ڇڏيو، سو وڏي برڪت وارو آهي الله ۽ هو بهترين خالق يعني پيدا ڪرڻ وارو آهي.(14) هن کان بعد اوهان کي مرڻو آهي. (15) پوءِ وري قيامت جي ڏينهن اٿي کڙو ٿيڻو آهي.(16) ۽ اسان توهان جي مٿان ست رستا ٺاهيا آهن ۽ اسان پنهنجي مخلوق کان غافل نہ آهيون. (17) ۽ اسان هڪ خاص اندازي سان آسمان طرفان مينهن وسايو ۽ ان کي زمين تي برقرار رکيو ۽ اسان ان کي بخارات جي صورت ۾ واپس ونون. (18) پوءِ اسان اوهان لاءِ کجور ۽ انگور جا باغ آباد ڪيا، جن مان توهان لاءِ ڪثير انگ ۾ ميوا پيدا ٿين ٿا، جيڪي اوهان کائو ٿا. (19) اهڙي طرح اهو درخت بہ اپايو، جو طورسينا ۾ پيدا ٿيندو آهي. (يعني زيتون جو درخت) جيڪو تيل اپائي ٿو ۽ کائڻ وارن لاءِ سالن بہ آهي.(20) بيشڪ چوپاين

جي پيدا ڪرڻ ۾ توهان لاءِ عبرت جو مقام آهي ۽ اوهان کي هنن جي پيٽ مان (کير) پياريون ٿا ۽ توهان لاءِ ان کان وڌيڪ به ڪيترا فائدا آهن ۽ انهن مان ڪجهه کي کھي به کائو ٿا.(21) انهن جانورن ۽ ٻيڙي تي چڙهي سواري به ڪيو ٿا.(22)

---

انسان جي زندگي تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اها محض هڪ حيواني زندگي ناهي، کاڌو پيتو ۽ آرام ڪيو. پنهنجي پرائي حق ناحق، حلال حرام، جائز ناجائز ۾ ڪا تميز نه ڪري رکو، پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ ساري تگ دو رهي پر انسان حيواني زندگي وارا سمورا مرحلا طئي ڪرڻ بعد منزل انسانيت تي قدم رکي ٿو ۽ هو ذي جان کان علحده امتيازي صلاحيتن ۽ استعداد سان ارتقا ڪندي هڪ منزل کان ٻي منزل ڏانهن روان دوان آهي. هن جي ابتدائي حيواني زندگي اتان شروع ٿئي ٿي، جڏهن سندس تخليق مٽيءَ جي جوهر ۽ خلاصي جهڙي بي جان مادي مان ٿي. (الحج: 22/ 5) ۾ به ان جو ذڪر پڙهي آيا آهيون. ”سُلٰلَةٍ مِّنۡ طِيۡنٍ“ يعني ڳوهيل صاف ستري مٽيءَ واري جوهر ۽ خلاصي مان جيڪو ڪيچڙ مان چندي ڇاڻي صاف ڪري الڳ ڪيو ويو هو. يعني اها آلي مٽي، جيڪا پاڻي پوڻ بعد ”تراب“ مان ”طين“ تي وئي هئي، هڪ لمبي مدت خمير جي حالت ۾ رهي، جنهن اڳتي هلي هڪ اهڙي شڪل اختيار ڪئي، جنهن کي ان آلي ڪيچڙ واري مٽيءَ جو خلاصو، ست يا جوهر چئجي، اهو جوهر سڪي ٺوٺ تي ”صَلۡصَالٍ“ ۽ ”سُلٰلَةٍ مِّنۡ طِيۡنٍ“ جي صورت ۾ هڪ وجندڙ ٺڪريءَ وانگر تي ويو ۽ پوءِ ان خلاصي مان زندگي جي اولين نمود تي ۽ آخرڪار اڳتي وڌي انساني شڪل اختيار ڪئي. نيست مان هيست يا عدم کان وجود ۾ آڻڻ لاءِ هڪ بي جان مادي ۾ زندگي جي لهر موجزن ٿي. پوءِ انسان جي افزائش توليد جي ذريعي ٿيڻ شروع ٿي، جنهن ۾ پهريان پهريان اسان هن کي هڪ نطفه يعني بوند يا قطري جي شڪل ۾ رحم Uterus جي محفوظ قلعي ۾ رکيو ۽ ان ۾ اهڙيءَ طرح جاءِ گزين ڪيو، جهڙيءَ طرح ٻج زمين اندر دفن ٿي ويندو آهي. پوءِ جهڙي طرح ٻج منزلون طئي ڪري، سلي جي صورت اختيار ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح اهو منيءَ جو قطرو يا نطفو ”عَلَقَه“ جي شڪل اختيار ڪئي. (السجده: 32/9-8، نوح: 71/14، الحج: 22/5،

التين:4/95) علقه رت جو دڳ ناهي، جور وانگر لٽڪندڙ صورت آهي. نطفہ کان علقہ تائين پهچڻ ۾ چاليھ ڏينهن لڳا ۽ پوءِ اهو علقہ "مُضۡغَه" يعني گوشت جي چٻاڙيل ٽڪري تائين چاليھ ڏينهن جو سفر ڪري پهتو پوءِ اسان ان گوشت جي ان پکيڙيل هيئت اندر هڏين جو جار وڇايو ۽ انهن هڏين تي گوشت چاڙهيو، جنهن ۾ بہ چاليھ ڏينهن لڳا. اهڙي طرح 120 ڏينهن بعد يعني پنجين مهيني دوران فرشتي جي معرفت روح ڦوڪيو ويو، جيڪو عالمِ ارواح ۾ موجود هيو، جنهن سان حيواني تخليق جا سمورا مرحلا خير خوبي سان طئي ڪري هڪ نئين قسم جي نرالي صلاحيتن ۽ استعداد واري مخلوق بنايو، جنهن ۾ عقل و شعور، فهم وفراست، بيان ۽ برهان جون خوبيون رکيون ويون، پوءِ الله جي نائب يا خليفي طور ڪيس منتخب ڪيو ويو.

"ثُمَّ اَنۡشَاۡنٰهُ خَلۡقًا اٰخَرَ" (ڪيس نئين ۽ نرالي مخلوق بنايو ويو) مان ڇا مراد آهي، ان جو تفصيل هن حديث ۾ ملي ٿو، جنهن جو راوي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنه آهي. "اِنَّ اَحَدَكُمۡ يُجۡمَعُ خَلۡقُهُ فِيۡ بَطۡنِ اُمِّهٖ اَرۡبَعِيۡنَ يَوۡمًا نُّطۡفَةً ثُمَّ يَكُوۡنُ عَلَقَةً مِّثۡلَ ذَالِكَ ثُمَّ يَكُوۡنُ مُضۡغَةً مِّثۡلَ ذَالِكَ ثُمَّ يُرۡسَلُ اِلَيۡهِ الۡمَلِكُ فَيَنۡفَخُ فِيۡهِ الرُّوۡحُ" توهان مان هر هڪ جي تخليق هن طرح ٿي آهي، جو هو پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ چاليھ ڏينهن تائين نطفي صورت ۾، ان کان پوءِ ايترو ئي عرصو علقہ جي صورت ۾ ۽ ان کان پوءِ ايترو ئي عرصو گوشت جي ٽڪري ۾ رهيو، بعد ازان ان ڏانهن فرشتو موڪليو ويو جنهن هن ۾ روح الاهي/ توانائي Divine energy ڦوڪيو ويو. عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ 120 ڏينهن بعد ان ۾ جان اچي ٿي، اهو درست ناهي، جان تہ ان وقت کان جڏهن مرد عورت جي پاڻ ۾ ميلاپ ٿئي ٿو، يعني نطفہ وقت. دراصل ان وقت روح وڌو وڃي ٿو. اهو انسان هن ڪائنات جو جوهر بہ ۽ مقصود تخليق ڪائنات پڻ آهي. انسان عالمِ صغير آهي، جنهن ۾ پورو عالم ڪبير سمايل آهي. اهڙي طرح جيئن الفاتحہ پورو قرآن آهي. بلڪل الله سڀ کان وڌيڪ بابرڪت ۽ قدرت آهي، تخليق ڪرڻ ۾ يعني اهڙي تخليق جيڪا پوري عالم تي محيط آهي ۽ ان جو معدن ۽ مخزن آهي. الله عزو جل جو شان آهي.

زندگيءَ جا سمورا توليد وار مرحلا طئي ڪرڻ بعد نومولود ٻار، پوءِ طفل، پوءِ جوان، پوءِ پوڙهو ٿي، آخرڪار موت جو مهمان ٿئي ٿو ۽ مرڻ بعد قبر جي ڪوٺڙي ۾

سڪونت پذير ٿي، عالم برزخ جون منزلون طئي ڪري، قيامت جي ڏينهن وري ڪيس ساڳي زندگيءَ جي صورت ۾ اٿاريو وڃي ٿو. قبر مان ڪيس اٿاريو ويندو، ڇو ته لفظ ”بعث“ آهي ”خلق“ ناهي. خلقت ته اها پهرئين آهي، موت ۾ رڳو جسم بي جان ٿئي ٿو، پر روح باقي رهي ٿو. قيامت جي ڏينهن اهو روح واپس جسم ۾ وڌو وڃي ٿو. پوءِ ڪيس اهڙي طرح اٿاري ڪڙو ڪيو وڃي ٿو، جهڙيءَ طرح ماڻهو ننڊ مان اٿندو آهي. ننڊ به هڪ قسم جو موت آهي. موت جي معنىٰ انسان جي طبعي جسم بي جان ٿي ويندو. جيڪڏهن انسان رڳو طبعي جسم رکندو هجي، جهڙي طرح ساهه وارا آهن ته پوءِ مرڻ ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي ها. پر انسان طبعي جسم کان علاوه ڪجهه ٻي اضافي شيءِ به آهي، جيڪو روح يا انساني ذات انا يا خودي آهي، جيڪا جسم جي موت سان ختم نٿي ٿئي. اها باقي رهي ٿي. ان ڪري قيامت واري ڏينهن هنن کي نئين سر وري زنده نه ڪيو ويندو، پر ڪيس اٿاري ڪڙو ڪيو ويندو. (الانشقاق: 19/84)

ڏسو هي اسان جي ئي ڪارفرمائي جو توهان جي مٿان (گردش جا) ست رستا (ست ڪواڪب) يا ست وڏا ستارا ناهيا ۽ ائين ناهي ته خلقت ڪائنات بعد اسان مخلوق کان بي خبر يا لاتعلق ٿي وياسون، اهي ست ستارا هڪ ٻئي جي اڳيان پويان گردش ۾ آهن. اسان پنهنجي تخليق ۾ نوان نوان اضافا ڪندا رهيا آهيون. (فاطر: 1/35) ان سان گڏوگڏ هر شيءِ جي نشو و نما جو سامان به مهيا ڪندا رهيا آهيون ته جيئن تخليق آسانيءَ سان ارتقا جون منزلون طي ڪري، پنهنجي حد ڪمال ڏانهن روان دوان هجي. هن عمري نظام جي هڪ شڪل اها آهي ته اسان بادلن جي ذريعي مقرر مقدار مطابق بارش وسايون ٿا. بادل نهڻ ڪان سمندن جي پاڻي کي بخارات جي شڪل ۾ مٿي موڪليون ٿا، جن کي هوائون لڳي بادل بنائي ڏيهان ڏيهه موڪليون ٿا ۽ ان مان برسات وسائي، زمين تي پاڻي گڏ ڪيون ٿا ته جيئن خشڪ زمين ۾ پئدائش جي صلاحيت پيدا ڪري. اسان زمين طرف آيل برسات جي پاڻيءَ کي هيٺ لهڻ بدران مٿي ڪٽي وڃون ته اهو اسان جي قدرت لاءِ مشڪل ناهي، پر زميني نظام کي برقرار رکڻ لاءِ زمين تي پاڻي موجود رکون ٿا. پوءِ ان پاڻي جي آبياريءَ سان زمين کي آباديءَ لائق بنائي، ان ۾ هر قسم جو اناج، ميوا، سبزيون، گل ٻوٽا پيدا ڪيون ۽ ڪيت سر سبز بنائي اوهان لاءِ کجور ۽ انگور جا باغ اپائي

اوهان جي لاءِ غذا جا وسيلا جوڙيا سون تہ اوهان ميوا کائي سگهو ۽ زمين آباد ڪري، اناج اگايو. هي ڪو معمولي نظام ناهي، اوهان ڏسو تہ پاڻيءَ جي بخارات مان بادل تشڪيل ڏيون، بادلن کي هوا ذريعي زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايون، بادل برسات وسائن، برسات جي پاڻيءَ سان پهاڙن ۾ برف ناهي، گليشر بنايو تا ۽ انهن گليشرس کي پگهاري پاڻيءَ جي صورت ۾ ندين نالن رستي سمنڊ تائين پهچايون تہ وري اهو ري سائيڪل تي بادل ناهي خشڪ ۽ غير آباد زمين برسات سان گل و گلزار تي وجي ٿي ۽ زمين تي بہ ٻج جي داڻي مان ڪهڙي طرح دلفريب نظارا ظاهر ٿين ٿا. اهي سڀ هڪ قادر جي قدرت حڪمت ربوبيت ۽ رحمت جو دليل ۽ برهان آهن.

هنن زميني بي شمار نعمتن مان هڪ اهو درخت آهي، جيڪو طورسينا ۾ پيدا ٿئي ٿو. اتان جي زمين ۾ اهڙي خاصيت رکي آهي، جو هن درخت يعني زيتون جي درخت مان تيل نڪري ٿو، جيڪو انسانن جي کاڌي لاءِ سٺي جو ڪم ڪري ٿو ۽ ان سان ماڻهو سالن بہ ناهين ٿا، جيڪو کائيندڙن لاءِ لذت ۽ صحت جو سبب ٿئي ٿو. هي زيتون جو درخت پوري جو پورو سٺي يعني تيل آهي. اهو تيل چڪنائيءَ کان پاڪ، نهايت مفيد تحفو آهي، جيڪو کاڌي ۾ دوا طور ڪم اچي ٿو. ياد رهي تہ پوري دنيا نباتاتي تيل استعمال ڪندي آهي، پر هندستان، پاڪستان ۾ مکڻ کي گيهہ بنائي، ان کي استعمال ڪرڻ جو رواج آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اوهان پنهنجن مويشي جانورن تي غور ڪندا تہ توهان کي قدرت جون اهڙيون نشانيون نظر اينديون، جو انهن کي ڏسي عقل حيران ٿي ويندو. توهان ڏسو تہ هن جي پيٽ ۾ ڇا آهي. ”نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّ دَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ“ (النحل: 66/16) هنن جانورن جي پيٽ ۾ ڇيڻا، ڦيڳٽيون، ليڏڻا رت وغيره سان گڏ خالص وڻندڙ کير اوهان کي پياريون ٿا. ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن، انهن تي سواري ڪريو، گوشت کائو، زمين کيڙيو، هر هلايو نار وهايو ٿا. اٺ کي صحرا جي سفينہ ٻيڙي سڏيو ويو آهي. خشڪي يعني زمين تي انهن مٿان سواري ڪيو ٿا. بار برداري ڪيو ٿا. جنهن جي ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين سفر بہ ڪيو ٿا ۽ جيڪو بار توهان جي ڪٽڻ کان ڳرو آهي، اهو بہ انهن تي لڏي منزل مقصود تي پهچو ٿا. دريائن ۽ سمندن جي عميق ۽ گهرو پاڻي، جيڪو ڇوليون هڻي رهيو آهي، اوهان کي

ٻيڙيون ۽ جهاز ڏنا آهن، جيڪي اوهان کي سمنڊ پار ڪرڻ ۽ دريا اڪارڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، باقي انهن ذريعي تجارت ڪرڻ سان هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ جي ڪم اچن ٿيون.

آيت نمبر 17 کان 22 تائين جن دليلن ڏانهن توجه ڏياريو ويو آهي، اهي سڀ برهان ربوبيت جو ثبوت آهن. هنن آيتن ۾ ٽن قسمن جا برهان ۽ دليل موجود آهن: (1) آيت 12 کان 16 تائين انسان کي چيو ويو آهي ته پنهنجي خلقت تي غور ڪر يعني انفس ۽ آفاق مان انفس پنهنجي ذات تي غور ڪر ته ڪهڙي طرح هن جي ابتدائي تخليق ٿي ۽ ڪن ڪن مرحلن مان گذرڻو پيو، جڏهن انسان پوري طرح نهي وجود ۾ آيو ته پوءِ توليد جو عمل شروع ٿيو. اهو به تخليق وانگر پنجن مرحلن مان گذرندو "اَنۡشَاۡنٰهُ خَلۡقًا اٰخَرَ" تائين پهتو. آيت 17 کان 22 ۾ عالمِ آفاق جا مختلف مناظر بيان ٿيا. آسمانن، سيارن جي گردش، برسات جو وسڻ، زمين جو شاد آباد ٿيڻ، جانورن جا فائدا ڳڻائڻ جو ذڪر ٿيو. هاڻي آيت 23 کان 53 تائين گذريل دورن جي واقعن ۾ نبين سڳورن ۽ انهن جي قومن جو ذڪر آهي. جنهن ۾ نافرمان قومن جي خوفناڪ نتيجن جو ذڪر ۽ ايمان آڻڻ وارن لاءِ انعام ۽ بخشش جو بيان آهي. (جنين يا تخليق انسان بابت وڌيڪ تفصيل ڏسو: ترجمان القرآن جلد4 ،ابو الڪلام آزاد ۽ بيان القرآن: ڊاڪٽر اسرار احمد)

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِهٖ فَقَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ
غَیۡرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۲۳﴾ فَقَالَ الۡمَلَؤُا الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ مَا هٰذَاۤ اِلَّا
بَشَرٌ مِّثۡلُکُمۡ ۙ یُرِیۡدُ اَنۡ یَّتَفَضَّلَ عَلَیۡکُمۡ ؕ وَ لَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَاَنۡزَلَ مَلٰٓئِکَةً ۚۖ
مَّا سَمِعۡنَا بِهٰذَا فِیۡۤ اٰبَآئِنَا الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿ۚ۲۴﴾ اِنۡ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوۡا
بِهٖ حَتّٰی حِیۡنٍ ﴿۲۵﴾ قَالَ رَبِّ انۡصُرۡنِیۡ بِمَا کَذَّبُوۡنِ ﴿۲۶﴾ فَاَوۡحَیۡنَاۤ اِلَیۡهِ اَنِ
اصۡنَعِ الۡفُلۡکَ بِاَعۡیُنِنَا وَ وَحۡیِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمۡرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوۡرُ ۙ فَاسۡلُکۡ

فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ
وَ لَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَ
مَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٨﴾ وَ قُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّ اَنْتَ خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّ
فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ وَّ اِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا
اٰخَرِيْنَ ﴿٣١﴾ فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ
اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣٢﴾ ع ٢

۽ اسان نوح عليه السلام کي سندس قوم ڏانهن موڪليو. هن انهن کي چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو. هن ڪانسواءِ توهان جو ڪوبه معبود ناهي. ڇا توهان هن جي عذاب کان بچڻ نٿا گهرو. (23) ان تي سندس قوم جي سردارن چيو هي ڪجهه به نه آهي، هي ته اوهان جهڙو بشر آهي، هي توهان تي پنهنجي وڏيرپائي ڪرڻ گهري ٿو. جيڪڏهن خدا کي اهو منظور هجي ها ته ڇا هو فرشتا نٿي موڪلي سگهيو، اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي ٻڌي.(24) هن شخص کي جنون لاحق ٿي پيو آهي، سو ڪجهه ڏينهن هن جو انتظار ڪريو. (25) نوح عليه السلام چيو اي منهنجا رب! هنن مون کي ڪوڙو ڪوٺيو آهي، تون منهنجي مدد ڪرڻ فرماءِ.(26) پوءِ اسان ان ڏانهن وحي موڪلي ته اسان جي اکين آڏو ٻيڙي ناهي تيار ڪريو، جڏهن اسان جو حڪم اچي وڃي ۽ تنور اٿلي پوي ته پوءِ ان ۾ تون تمام مخلوق مان هر شيءِ جو جوڙو

جوڙو سوار ڪر ۽ پنهنجي خاندان کي به (سوار ڪر) سواءِ ان جي، جن لاءِ
عذاب جو فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ ظالمن جي باري ۾ مون کي ڪجهه نه
چئجانءِ جن بابت اڳ ۾ ئي فيصلو ٿي چڪو آهي.(27) پوءِ جڏهن تون ۽
تنهنجا ساٿي ٻيڙي ۾ ويهي وڃن ته پوءِ تون الله جو شڪر ادا ڪر، جنهن اسان
کي نجات ڏني آهي ظالم قوم کان. (28) ۽ هي دعا به گهر اي الله اسان کي
برڪت واري هنڌ تي پهچاءِ ۽ تون ئي بهترين قوت آهين، جيڪا اسان کي
منزل تي پڄائي. (29) بيشڪ هن قصي ۾ به نشانيون آهن، اسان کي ته رڳو
آزمائش ڪرڻي هئي. (30) ان کان پوءِ اسان هڪ ٻي جماعت پيدا ڪئي.(31) ۽
انهن مان ئي هنن ڏي اسان پيغمبر موڪليو ته هڪ الله جي عبادت ڪريو، ان
ڪانسواءِ توهان جو ڪو ٻيو معبود ناهي. ڪجهه خوفِ خدا نٿا ڪيو.(32)

هن کان اڳ ذڪر ٿي آيل ارضي ۽ سماوي نعمتون اوهان جي جسم جي پرورش لاءِ آهن، جيڪي اوهان کي بلا رڪاوٽ ملنديون رهن، پر اسان جي ربوبيت جو تقاضا هيو ته جنهن طرح توهان جي جسم جي نشو و نما لاءِ سامان مهيا ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح توهان جي روحاني قوتن کي اجاگر ڪرڻ جو اهتمام به ڪجي. ڇو ته اهو اسان جي شان جل جلاله ۽ ربوبيت جي مطابق نه هيو ته اسان اوهان کي انسان ناهيون، بار امانت جو ذميوار به ڪيون ۽ اوهان جي پوشيده جوهر صلاحيت ۽ لياقت جي ترقي ۽ تعمير جو انتظام نه هجي. ان ڪري اوهان جي رهنمائيءَ لاءِ مون پنهنجي طرفان قانون ۽ احڪام انبياءِ ڪرام جي معرفت وحيءَ ذريعي موڪلڻ شروع ڪيا. هن سلسلي جي پهرين ڪڙي نوح عليه السلام هيو، جنهن پنهنجي قوم کي چيو ته توهان صرف خدا جي حڪمن جي اطاعت ڪريو ۽ ان جي محڪوميت قبول ڪريو ۽ اطاعت ڪريو. هن هڪڙي الله ڪانسواءِ ڪا به اهڙي هستي ناهي، جنهن جي اطاعت ۽ عبادت ڪجي. سو اوهان هن جي حڪمن جي تابعداري ڪرڻ لاءِ آماده آهيو؟ پر هو الله کان باغي هئا ۽ پيغمبر جي فرمان کان سرتابي ڪندا رهيا. ڪڏهن اوهان جي دل ۾ انديشو به نه آيو آهي ته توهان الله کي ڇڏي، ان ڪانسواءِ ٻين کي

معبود سمجهي انهن جي پوڄا ڪريو ٿا، الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪيو ٿا، جنهن جي ڪري اوهان ڪان اهي نعمتون ڪسجي وڃن ۽ توهان ڪي ان شرڪ جي ڏوهه ۾ عذاب جي سزا ڀوڳڻي پوي.

نوح ﷺ جي قوم جي بااثر سردارن پنهنجي قوم ڪي چيو ته نوح ﷺ به اوهان جهڙو انسان آهي ۽ هڪ انسان پيغمبر ٿي سگهي، هي اوهان تي پنهنجي وڏيرپ مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هي جيڪڏهن واقعي الله جو رسول هجي ها ته الله هن سان گڏ پنهنجو فرشتو به سندس مدد لاءِ موڪلي ها، اسان ڪڏهن به پنهنجي وڏڙن کان نه ٻڌو آهي. هي هن جو نٻڳيءَ جو ناهه آهي، جيڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهه هجي ها ته اها اسان جي ابن ڏاڏن ڪي ضرور معلوم هجي ها. اهي به ته پنهنجي وقت جا معتبر ماڻهو ۽ سردار هئا. ان ڪري هن جي ڳالهين تي ڪو ڌيان نه ڌريو. اسان ڪي لڳي ٿو ته هن جو دماغ ڦري ويو آهي. هو معتدل مزاج وارو ماڻهو نه رهيو آهي، بهڪي بهڪي ڳالهيون ڪري ٿو. هن چرئي جي ڳالهيون ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت انتظار ڪريو ۽ ڏسو ته هن جو ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري. هن مان اسان ڪو خطرو محسوس ڪونه ٿا ڪريون، پر سمجهون ٿا ته هي پاڻ ڪي خدا جو رسول سڏائي، توهان ڪي دڙڪا دهمان ڏئي، ڊيڄاري پنهنجي تابع ڪرڻ گهري ٿو ته توهان تي پنهنجي وڏيرپ ۽ سرداري قائم ڪري سگهي. هن جي سموري تبليغ توهان جي وڏڙن جي طور طريقن جي ابتڙ آهي. بدعت ۽ گمراهيءَ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي. اهي شيطاني وسوسا آهن، جي ڪجهه وقت بعد ماٺا ٿي ويندا. بس ان وقت جو انتظار ڪريو. هن گمراهه ٽولي جي لعن وطعن، مخالفت ۽ معاندت باوجود نوح ﷺ هنن ڪي سمجهائڻ ۽ سڌي دڳ لڳائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، پر ساري جي ساري بي سود ٿي، جنهن تي نوح ﷺ هنن کان مايوس ٿي پنهنجي خدا ڪي پڪاري چيو ته اي منهنجا پروردگار! هي هنيلو ٽولو پنهنجي ضد تي قائم آهي ۽ منهنجي نصيحت ٻڌڻ لاءِ بلڪل تيار ناهي، بنا سوچڻ سمجهڻ، غور و فڪر ڪرڻ، حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ جي منهنجي تڪذيب ڪري رهيو آهي. هنن جي ترن ۾ تيل نٿو ڏسان، معاملو حد کان وڌي ويو آهي. مان هنن ڪي جنهن خوفناڪ انجام جي خبر ڏئي رهيو آهيان، هي ان جو مذاق ڪن ٿا. هاڻي تون هنن جي خلاف منهنجي مدد ڪرڻ فرماءِ. (القمر: 10/54)

هنن حالات جي مدنظر اسان نوح ﷺ ڏانهن وحي موڪلي ته اسان جي زير نگراني اسان جي وحيءَ جي روشني ۾ هڪ ڪشتي تيار ڪر، پوءِ جڏهن اسان جي منصوبي موجب پاڻيءَ جا چشما جوش ڪرڻ لڳن "فَارَ التَّنُّوْرُ" ۽ هر طرف سيلاب جو ريلو وڏندو اچي ته تون پنهنجي ڪشتيءَ ۾ هر جنس جا ٻه ٻه جوڙا ۽ پنهنجا ساٿي ان ۾ سوار ڪر، پر انهن کي ٻيڙيءَ ۾ نه ويهارجانءِ، جن جي ڪفر ۽ عداوت موجب هن کان اڳ ئي اعلان ڪيو ويو آهي ته اهي تنهنجي مؤمنن واري جماعت جا فرد ناهن. يقين ڪر ته جيڪي سرڪش ماڻهن جنهن ڳالهه تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن، سڀ جا سڀ غرق ٿي ويندا. ان ڪري انهن ظالم مرد ۽ عورتن لاءِ اسان وٽ ڪا سفارش نه ڪجانءِ. جو ته ائين ٿي سگهي ٿو ته تون هنن تي عذاب ايندو ڏسي تنهنجا همدردي ۽ خير سگاليءَ جا جذبا ڀڙڪي پون. الله جڏهن اتمام حجت بعد ڪنهن قوم تي عذاب جو فيصلو صادر ڪرڻ فرمائيندو آهي ته ان بعد ڪنهن به سفارش جي گنجائش نه رهندي آهي. پوءِ جڏهن خيريت سان تون پنهنجي ساٿين سميت سڪون سان پاڻ کي محفوظ سمجهندي ٻيڙي ۾ ويهي وڃين ته پوءِ خدا جي هن احسان کي ياد ڪندي تنهنجي زبان مان "الحمدلله" جي صدا اچي ۽ زبان تي اهو ذڪر جاري رهي ته منهنجا رب تنهنجا لک لک شڪرانا، جو اسان کي هن ظالم قوم جي استبداد ۽ قهر کان نجات ڏياري آهي. هن دعا کان بعد هي دعا به ڪرڻ گهرجي ته اي منهنجا مهربان پروردگار! اسان کي اهڙي زمين تي اتارجانءِ، جتي ٻيڙي مان نڪرڻ بعد اهو خيرو عافيت جو هنڌ هجي ۽ بلاشڪ تون اسان کي پار پهچائڻ ۽ منزل تي پڄائڻ وارو آهين.

قوم نوح ﷺ جي هن پوري واقعي ۾ اسان جي قانون مڪافات جي پڪڙ ۽ سخت گيري جون نشانيون موجود آهن، جيئن اسان اوهان کي آزمايون. (الملڪ: 2/67) جنهن مان ثابت ٿيو ته پيغمبر برحق آهن ۽ جهڙي طرح هي قيامت صغرىٰ برپا ٿي آهي، اهڙي طرح اها وڏي قيامت به لازمي طور برپا ٿي ويندي، جنهن جو هو اعلان ڪندا رهيا آهن. اسان جي هن حڪمت ڀرئي قانون مان واضح آهي ته اسان ڪهڙي طرح قومن ۾ انقلاب آڻي، حالتن جو جائزو وٺندا رهندا آهيون، جنهن جو اهو نتيجو نڪرندو آهي، جو

هر هڪ کي سندن حصي جو نتيجو ملندو رهي. ياد رهي تہ هن وقت جون حالتون پيغمبر ۽ سندس اصحاب کي پيش اچي رهيون آهن. اهي سنت الاهي موجب آهن، ان ڪري ڪا غلط فهمي نہ ٿئي. اها سنت الاهي تبديل نٿي ٿئي. هن ڪان پوءِ اسان ٻين قومن جي عروج و اقبال ۽ عهد جي دور جي شروعات ڪئي ۽ انهن کي زندگيءَ جا سڀ مالي وسيلا مهيا ڪيا، جنهن ۾ هو خوشگوار ۽ خوشحال زندگي گذارڻ لڳا. ياد رهي ”قرون“ يا ”قرن“ مان مراد رڳو قومون نہ آهن، پر قومي عروج ۽ اقبال جي دؤر ۽ عهد جو ذڪر آهي. جڏهن هڪ نافرمان قوم ڪمزور ۽ زوال پذير ٿي ويندي ۽ ان بعد انهن جي جاءِ نشيني ٻي اهڙي قوم جي حوالي ٿئي، جنهن جي اجتماعي زندگي ۽ تمدني خصوصيتون اهڙي طرح ابري، نکري عروج حاصل ڪن، جنهن سان هڪ خاص قومي عهد جو دؤر پيدا ٿي وڃي تہ اهڙي حالت کي ڪنهن قوم يا ملڪ کي ”قرن“ جي لفظ سان تعبير ڪنداسون، يعني اسان هنن جي زوال بعد هڪ اهڙي قوم يا ملڪ کي جاءِ نشين بنايو، جو انهن خوبين جو حامل هئي. انهيءَ تبديلي جي نتيجي ۾ سنت الاهي موجب مڪافات عمل جي اصول تي نوح ؑ جي قوم جي تباهي آهي، جنهن جو نالو نشان بہ مٽجي ويو. ان ڪان پوءِ اسان قومن جو هڪ ٻيو دور شروع ڪيو. (الاعراف: 49/7)

اهڙي طرح هن بعد ۾ ايندڙ قومن ۾ بہ اسان پنهنجا رسول مبعوث ڪيا، جن بہ انهيءَ پيغام کي دهرايو تہ اوهان جو مالڪ خالق ۽ ڪارساز هڪ الله آهي، ان ڪري ان جي عبادت ۽ اطاعت اختيار ڪريو. هن وحده لا شريڪ له جي ذات باري تعالیٰ ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ اهڙي قوت يا هستي ناهي، جنهن جي محڪوميت اختيار ڪئي وڃي ۽ ان جي اطاعت ۾ سجده ريز ٿجي ۽ پنهنجن مشڪلاتن ۾ مرادن ۾ هن جي مدد جي طلب ڪجي. هو بلڪل بي اختيار ۽ بي بس محتاج ۽ مجبور آهن. هر قسم جو اقتدار ۽ اختيار صرف خدا کي حاصل آهي. سو توهان ٻڌايو تہ اوهان هن جي حڪمن ۽ قانون جي پيروي پاڻ کي برن نتيجن ڪان بچائڻ لاءِ تيار آهيو يا نہ آهيو تہ جيئن اوهان غلط روش جي تباهين ڪان بچي وڃو.

وَ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَ
اَتْرَفْنٰهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا
تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَ يَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۪ۙ ﴿۳۳﴾ وَ لَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ
اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۙ ﴿۳۴﴾ اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ اِذَا مِتُّمْ وَ كُنْتُمْ تُرَابًا وَّ
عِظَامًا اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ۪ۙ ﴿۳۵﴾ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لِمَا تُوْعَدُوْنَ ۪ۙ ﴿۳۶﴾ اِنْ هِيَ
اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَ نَحْيَا وَ مَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ۪ۙ ﴿۳۷﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلُ
اِۨفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّ مَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا
كَذَّبُوْنِ ﴿۳۹﴾ قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ۚ ﴿۴۰﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ
بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَآءً ۚ فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۱﴾ ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ
بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ؕ ﴿۴۲﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَ مَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ؕ ﴿۴۳﴾
ثُمَّ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا ؕ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا
بَعْضَهُمْ بَعْضًا وَّ جَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۴﴾

هن ڪافر قوم جي سردارن جيڪي اسان سان آخرت ۾ ملاقات ڪرڻ کي ڪوڙ سمجهندا هئا ۽ دنيا جي زندگي ۾ اسان هنن کي آسودگي ڏني هئي، سي چوڻ لڳا ته هي توهان جهڙو بشر آهي، جيڪو ائين کاڌو کائي ٿو، جهڙي طرح اوهان کائو ٿا ۽ اوهان جيڪي پاڻي پيو ٿا هي به انهي وانگر پاڻي پيئي ٿو.(33)

جيڪڏهن اوهان پاڻ جهڙي شخص جي اطاعت ڪئي تہ نقصان ۾ اچي ويا. (34) چاهي توهان کي اهو چئي ديجاري ٿو تہ جڏهن توهان مري ويندا ۽ مٽي ۽ هڏيون ٿي ويندا تہ توهان کي ان موت جي حالت مان ڪڍيو ويندو(زندهہ ڪيو ويندو). (35) بعيد بلڪل بعيد آهي هي ڊپ، جيڪو توهان کي ڏنو وڃي ٿو. (36) بس زندگي تہ رڳو اها دنيا واري زندگي آهي، جتي اسان مرون بہ ۽ جيون بہ ٿا ۽ اسان ٻيهر اٿاريا (زنده ڪيا) نہ ويندا سون. (37) هي تہ اهڙو انسان آهي، جنهن الله تي ڪوڙ مڙهيو آهي، اسان هن کي ڪونہ ٿا مڃون. (38) پيغمبر عليہ السلام چيو تہ اي منهنجا پروردگار! هنن مون کي ڪوڙو سمجهيو آهي تون منهنجي مدد ڪرڻ فرماءِ. (39) الله فرمايو تہ هي ٿوري وقت ۾ پشيمان ٿي ويندا. (40) چنانچہ هڪ برحق هولناڪ آواز انهن کي پنهجي گرفت ۾ ورتو ۽ اسان هنن کي خس و خشاڪ وانگر پامال ڪري ڇڏيو. ان گروهہ لاءِ جو ظلم ڪري ٿو، محرومي هجي.(41) پوءِ ان کان بعد اسان طاقتور قومن جا ڪيترائي دؤر پيدا ڪيا. (42) ڪا بہ قوم پنهنجي مقرر وقت کان نہ اڳتي وڌي سگهي ٿي ۽ نہ پٺتي هٽي سگهي ٿي (سڀ قانون مطابق پنهنجو دؤر پورو ڪري ٿي).(43) پوءِ اسان لڳاتار هڪ ٻئي پٺيان پنهنجا رسول موڪليا، پر جڏهن بہ ڪنهن قوم ۾ انهن جو رسول آيو تہ ڪيس ڪوڙو ڪرڻ ۾ لڳي ويا، پوءِ اسان بہ هنن کي هڪ ٻئي پٺيان هلاڪ ڪندا رهياسون ۽ اهي هڪ افسانو بڻجي ويا، انهن لاءِ محرومي ۽ نامرادي هجي، جيڪي حق کي نٿا مڃين. (44)

---

ان منڪر قوم جي رئيسن ۽ وڏيرن، جن خدا جي حڪمن ۽ قانون جو انڪار ڪيو هيو ۽ سرڪشيءَ جي راهہ اختيار ڪئي. جيڪي مڪافات عمل ۽ آئنده جي زندگي جا قائل نہ هئا ۽ هن زندگي کي ئي پنهنجي منزل مقصود سمجهي، ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هئا ۽ جن کي زندگيءَ جون سڀ نعمتون ۽ فائدا حاصل هئا، جنهن تي هو نازان

هئا ۽ غرور ۽ وڏائي جي نشي ۾ مخمور هئا ۽ اهو ڏسي رهيا هئا تہ اسلام جي هن خير سگالي، خير خواهي، همدردي ۽ انسان دوستيءَ جي نظام کي وڌڻ ڏنو ويو تہ اسان جو ذاتي خواهشن، ذاتي مفادن ۽ ذاتي اقتدار وارو نظام ان جي زد ۾ اچي ويندو ۽ اسان کي مالي، معاشي ۽ معاشرتي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو، ان ڪري هو هن جي مٽائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا ۽ مخالفت جا سمورا حربا هلائڻ لڳا. هنن پنهنجي قوم جي ذهن کي جنجهوڙيندي چيو تہ اهو اوهان جهڙو هڪ انسان آهي. هي اهو ڪجھ کائي ٿو، جيڪو اوهان کائو ٿا. اهو ئي پاڻي پيئي ٿو، جيڪو اوهان پيئو ٿا. هي توهان کان ڪهڙي شيءِ ۾ وڌيڪ فضيلت رکي ٿو، جو اوهان هن جي ڳالھ مڃو. جيڪڏهن هي الله جو رسول هجي ها، تہ الله پاران هن سان گڏ فرشتو هجي ها ۽ هي اڪيلو اهڙي طرح مصيبت جو شڪار نہ ٿئي ها. پر جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن شخص پاڻ جهڙي انسان جي اطاعت ڪئي تہ ان کان وڌيڪ گمراهي نہ هوندي، جنهن ۾ توهان جي رڳو تباهي ئي تباهي هوندي. اطاعت تہ اهڙي هستيءَ جي ڪجي جيڪو انسانن کان عليحده هڪ مافوق الفطرت طاقت هجي.

ڏسو ڌن ۽ دولت بہ توهان وٽ آهي، اقتدار ۽ اختيار جا بہ توهان مالڪ آهيو، توهان جيڪي پسند ڪيو اهو ڪيو، اوهان کان ڪير پڇڻ وارو بہ ناهي. پنهنجي نگري جا گويا پاڻ بادشاھ آهيو. توهان کي ڪنهن جي حاجت نہ آهي، ان هوندي بہ هي رسول اوهان کي ڌمڪيون ٿو ڏئي تہ عذاب ايندو ۽ چوي ٿو تہ خدا جي قانون مڪافات کان ڊڄو، جنهن کان اوهان بچي نٿا سگھو. زندگي تہ ڇا، پر مرڻ بعد جڏهن اوهان ڳري مٽي ۽ هڏين جو ڍير ٿي ويندا تہ ان وقت بہ سندس دائره اختيار کان نڪري ڪونہ سگھندا، توهان کي قبر مان اٿاري زندھ ڪري توهان جي هٿ ڪيل زيادتين ۽ ظلمن جو حساب وٺندو ۽ سزا ڏيندو. توهان پاڻ ڏسو تہ هي ڪيتري نہ اڻ ٿيڻ جوڳي ڳالھ آهي، جيڪا عقل و دانش کان دور، قياس ۽ خيال کان بعيد آهي. جنهن ناممڪن کان اوهان کي ڊيڄاري رهيو آهي تہ جيڪڏهن هن جي ڳالھ نہ مڃي وئي تہ توهان جو ستيا ناس ٿي ويندو ۽ توهان جي مدد لاءِ ڪير بہ نہ ايندو، تن تنها پڇاڙي بعد عذاب حوالي ڪيو ويندو. ڀلا مري ڳري خاڪ ٿي وڃڻ بعد وري زندھ ٿي اٿڻ ۽ دنياوي زندگيءَ جو حساب ڏيڻ، اهو ڪيئن ٿي سگھي ٿو.

هي دنيا جي زندگي آهي، صدين سالن کان هلندي اچي، جنهن ۾ حيات و موت جو سلسلو جاري آهي. اهڙو ڪو مثال ناهي، جو ڪو مري ويل ماڻهو واپس زندگيءَ ۾ آيو هجي. اسان پاڻ پنهنجن اکين سان اهو منظر ڏسي رهيا آهيون ته ماڻهو مرندا رهن ٿا ۽ نومولود ايندا رهن ٿا. حقيقت ۾ هي دنيا ئي پهرين ۽ آخري منزل آهي. هن بعد وري زنده ٿيڻ، حساب ڏيڻ ۽ جزا سزا جو هجڻ ٻڌرن کان ٻيو گهڙڻ آهي. هي شخص ڪو رسول يا نبي ناهي، جو هن تي وحي الاهي ايندي هجي، هي پنهنجي طرفان ڪوڙيون ڪهاڻيون گهڙي ٿو ۽ انهن کي الله سان منسوب ڪري ٿو. اسان هن جي ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ وارا نه آهيون. (الاعراف: 70/7، هود: 54/11-53، حٰم السجده: 14/41، الاحقاف: 22/46-21) هتان انهن جي سرڪشي، تڪبر ۽ رعونت جو اصل سبب معلوم ٿي ويو آهي ته هو نبيءَ جي معنوي حقيقت ڏسڻ کان قاصر آهن. هنن جي رڳو ظاهر تي نظر آهي، ان ڪري حقيقت کان نا آشنا آهن.

آيت نمبر 33 کان آيت 38 تائين جيڪي عقائد ۽ قبول بيان ٿيا آهن، غور طلب آهن، جن جو خلاصو هي آهي ته تمام رسالت جو انڪار ڪندڙن جي انڪار جو وجه ساڳيو آهي. هنن آيتن ۾ نوح ﷺ کان بعد ڪنهن به رسول يا قوم جو نالو وٺي ذڪر ناهي، پر سيني جو مجموعي بيان آهي، جن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ پنهنجي پنهنجي ملڪن اندر جن حقيقتن جو انڪار ڪيو آهي، انهن ۾ هي به ڳالهيون مشترڪ آهن: (1) هڪ ته اسان وانگر ڪائڻ پيئڻ وارو انسان نبي ڪيئن ٿي سگهي ٿو ۽ (2) ٻيو ته حيات بعد الموت يعني مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ ۽ عذاب ثواب جو هجڻ عجيب ڳالهه آهي. ڪافرن جي يقيني انڪار بعد هر رسول هميشه دعا گهري آهي ته اي خدا! هنن مون کي ڪوڙو سمجهيو آهي ۽ منهنجي نصيحت کان انڪاري آهن. مون پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو. خداوند ڪريم فرمايو ته گرفت وارو ڏينهن مقرر آهي، جيڪو ٽري به نٿو سگهي ۽ نه وري اڳتي پنتي ٿي سگهي ٿو. هينئر هنن کي مهلت مليل آهي ته اهي مهلت جي وقت اندر توبه تائب ٿي، سڌي راهه تي اچي وڃن. پوءِ جڏهن مهلت جو وقت ختم ٿيو ته سندن عملن جو فيصلو صادر ٿي ويندو، جنهن کي ڏسي هو وائڙا ۽ شرمسار ٿي ويندا. چنانچه زياده دير نه ٿي، هڪ هولناڪ عذاب (آواز) انهن کي

پڪڙي ورتو ۽ انهن جي وجود کي خس و خاشاڪ ڪري، پامال ڪري ڇڏيو. ڇوته هي اسان جي تعميري ۽ اصلاحي خيرخواهي واري پروگرام کي رائج ڪرڻ واري راهه ۾ رستي جو پٿر هئا ۽ رڪاوٽ جو ڪارڻ بڻيا ۽ پنهنجي ضد ۽ هٺ کان نه هٽيا. (هود: 27-68/11) سو توهان پاڻ ڏسو ته جيڪي ماڻهو ظلم و استبداد جي روش اختيار ڪندا آهن، اهي ڪهڙي طرح خوشگوار زندگي جي ڪاميابين ۽ شادابين کان محروم ٿي ويندا آهن. هي اسان جو اٽل قانون آهي، اصل کان هلندو اچي ۽ سراپا حق ۽ انصاف جي سچي تصوير آهي. اهڙين نالائق ۽ نامراد قومن جي زوال پذير ٿي وڃڻ کان پوءِ اسان ٻين قومن جو دور شروع ڪيو ۽ انهن آڏو به ساڳيو نظام ساڳيو قانون آندو. ڪا به قوم پنهنجي مقرر ٿيل وقت کان نه اڳ ۾ انهن جو نتيجو حاصل ڪري سگهندي ۽ نه وري بعد ۾ (الاعراف: 34/7، الرعد: 38/13، الحجر: 5/15) ان ڪري بار بار عذاب جي گهر نه ڪيو ۽ جلدي نه مچايو، توهان سان به اهو ئي قانون لاڳو ٿيندو، جيڪو پوين قومن تي لاڳو ٿيو هو. ان ۾ ڪنهن به قسم جي هير ڦير ممڪن ناهي. پوءِ هر قوم جي تباهي بعد اسان هڪ ٻئي پٺيان رسولن جي بعثت جو سلسلو جاري رکيو ته اهي پنهنجي پنهنجي قوم جي رهنمائي ڪن ۽ کين گمراهي ۽ ضلالت جي غار مان ڪڍي روشني طرف وٺي اچن، پر رسولن جي چٽن دليلن ۽ معجزن باوجود هنن کين قبول ڪرڻ بدران ڪوڙو قرار ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ اسان هنن کي هڪ ٻئي پٺيان هلاڪ ڪري ماڻهن لاءِ عبرت جو نشان بنائي ڇڏيو. اهڙن بدنصيب ۽ بدبخت ماڻهن تي لعنت ۽ ڦٽڪار هجي، جيڪي نادان رسولن جي اتمامِ حجت واري عرصي دوران ايمان آڻڻ کان قاصر رهيا.

گذري ويل قومن جي تاريخ هن حقيقت جي زنده شهادت آهي ته جن ماڻهن خدا جي حڪمن ۽ قانون جي صداقت تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو، اهي زندگيءَ جي خوشگوار ڪامياب ۽ ڪامران ٿيڻ کان محروم ٿي ويندا آهن. هي اسان جو اٽل قانون آهي، جنهن جي شهادت گذريل قومون آهن. آيت 42-43 ۽ 44 ۾ حضرت نوح عليه السلام کان پوءِ قومي عروج و زوال جي جنهن دور جو ذڪر ڪيو ويو آهي، غالبًا اهو عاد ۽ ثمود جي قومن جو دور رهيو، پوءِ انهن کان بعد ”قرون“ جي اصلاح استعمال ڪري، بي شمار قومن طرف اشارو ڪيو آهي، جنهن ۾ اهي سموريون قومون شامل آهن، جيڪي حضرت موسىٰ عليه السلام

ڪان اڳ گذري چڪيون هيون ۽ جن بابت سورة ابراهيم جي آيت 9 ۾ ذڪر آهي. "وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ" انهن مان ڪيترن جو ذڪر نه تاريخ ۾ آهي نه قرآن ۾ آهي. الله ڪانسواءِ انهن جي صحيح تعداد ۽ شناخت جو ڪنهن ڪي بہ علم ناهي. آيت 44 انهيءَ ڳالھ جي تصديق ٿي ڪري تہ "اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا" ۽ "فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ بَعْضًا" يعني يڪي بعد لڳاتار رسول ايندا رهيا ۽ هڪ ٻئي پٺيان قومون اينديون ۽ پاداش عمل ۾ پامال ٿينديون رهيون.

ثُمَّ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَ اَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ۬ بِاٰيٰتِنَا وَ سُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۟ۙ ٤٥ اِلٰى فِرْعَوْنَ
وَ مَلَا۟ىِٕهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ۟ۚ ٤٦ فَقَالُوْۤا اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ
مِثْلِنَا وَ قَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ۟ۚ ٤٧ فَكَذَّبُوْهُمَا فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ٤٨ وَ
لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ٤٩ وَ جَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَ
اُمَّهٗۤ اٰيَةً وَّ اٰوَيْنٰهُمَاۤ اِلٰى رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّ مَعِيْنٍ ۟ؒ ٥٠ ع ٣ ١٨

پوءِ اسان موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي ڀاءُ هارون عليه السلام کي پنهنجون نشانيون ۽ واضح دليل ڏنا.(45) فرعون ۽ ان جي سردارن طرف موڪليو، پر انهن تڪبر ڪيو ۽ اهي سرڪش ماڻهو هئا.(46) چوڻ لڳا تہ ڇا اسان پاڻ جهڙن ٻن ماڻهن تي ايمان آڻيون، حالانڪ هنن جي قوم تہ اسان جي خدمت گذار آهي. (47) تہ اُنهن ماڻهن هنن (نبين) جي تڪذيب ڪئي (ڪوڙو ڪوٺيو) آخر اهي هلاڪ ڪيا ويا. (48) اسان موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب ڏنو هيو تہ جيئن هو ماڻهو هدايت حاصل ڪن. (49) ۽ اسان مريم عليها السلام جي فرزند ۽ ان جي ماءُ کي "اٰيَةً مِّنَ اللّٰهِ" الله طرفان (پنهنجي سچائيءَ جي) نشاني بڻايو هيو ۽ انهن ٻنهي کي هڪ

**مٿانهين مقام تي پناهه ڏني، جيڪا رهڻ لاءِ پرسڪون ۽ چشمي واري (جڳهه) هئي.(50)**

پنهنجي ان پروگرام مطابق جنهن ۾ اسان نبين ۽ رسول سڳورن کي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليندا رهيا آهيون، اهو سلسلو جاري رکندي، اسان موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي ڀاءُ هارون عليه السلام کي پنهنجون آيتون ۽ خدائي سَنَدَ سان موڪليو. درحقيقت موسىٰ عليه السلام کي ڏنل معجزو "برهانِ قاطع" ۽ کلي حجت هئي، جنهن کي "سُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ" جي الفاظ سان تعبير ڪيو ويو آهي. هي اهڙو مضبوط ۽ روشن معجزو هيو، جنهن فرعون، هن جي درباري ۽ پوري ملڪ جي چونڊ ماهر جادوگرن کي ذلت ڀري شڪست ڏني. "سُلۡطَانُ" جو لفظ سورة الرحمٰن ۾ "لَا تَنۡفُذُوۡنَ اِلَّا بِسُلۡطٰنٍ" لَا خدائي سَنَدَ يا اجازت نامي طور استعمال ٿيو آهي. ان اعتبار سان عصا جي معجزي کي اهو لفظ "سُلۡطَان" نهايت موزون آهي، ان ڪري جو عصا جو موسىٰ عليه السلام جي هٿ ۾ هجڻ واقعي خدائي سَنَدَ هئي. سو هو ٻئي خدا طرفان ڏنل معجزن سان مسلح ٿي فرعون ۽ ان جي خاص سردارن ڏانهن آيا ۽ انهن کي سچي دين ۽ توحيد جي دعوت ڏني ته اسان جو ۽ اوهان جو هڪ الله آهي، عبادت ۽ اطاعت ان جي ڪرڻي آهي. اصل اقتدار ۽ اختيار جو به اهو مالڪ آهي ۽ رڳو ان جي حڪمن جي تابعداري ڪرڻي آهي. جعلي معبودن کي ڪوڙو سمجهي ڇڏي ڏيڻو آهي، حڪم صرف الله جو هلندو، باقي ٻيا ان حڪم جي اطاعت جا پابند آهن. فرعون ۽ سندس ٽولو وڏا سرڪش مغرور ۽ متڪبر هئا. سو هنن حق جي پيغام کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ حق ۽ سچ تي ڌيان ڏيڻ کان پاڻ کي بالاتر سمجهيو. چيائيون ته اسان پاڻ جهڙن ٻن انسانن کي پاڻ کان افضل ۽ اعلىٰ سمجهي، هنن جي تابعداري ڪريون، حالانڪ هنن جي ساري قوم اسان جي غلام آهي ۽ گويا ان غلام قوم طرفان هي پيغام ڏئي اسان جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي ۽ هتڪ عزت جا مرتڪب ٿيا آهن. انهي غرور ۽ سرڪشيءَ ۾ مدهوش ٿي، هنن ٻنهي نبين کي ڪوڙو قرار ڏنو، جنهن ڪري عذاب الاهي ۾ اچي هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا.

اسان موسىٰ عليه السلام جا هٿ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪتاب (تورات) عنايت ڪرڻ

فرمائي تہ جيئن هو روشن دليلن ۽ واضح آيتن کي ڏسي ايمان آڻين ۽ هدايت جي راهہ تي هلي پنهنجي عاقبت سنوارين. دراصل فرعون ۽ ان جي درٻارين جو هڪ اعتراض اهو ئي هيو، جيڪو نوح، هود، صالح عليهم السلام جون قومون پنهنجن نبين تي ڪري چڪيون هيون تہ هي اسان جهڙا انسان آهن. هنن کي ڪهڙي وڏيک فضيلت آهي، جو اسان هنن کي خدا جو رسول سمجهون ۽ ٻيو اعتراض اهو هيو تہ حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام جو تعلق فرعون جي محڪوم قوم سان هيو. بني اسرائيل مصر ۾ فرعون جا غلام هئا. فرعون جهڙو متڪبر، سرڪش ۽ مغرور شخص ڪيئن برداشت ڪندو تہ هن جي غلام قوم جا ٻہ شخص هن جي آڏو دوبدو گفتگو ڪن ۽ هن جي خدائيءَ کي چئلينج ڪن. "قَوۡمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوۡنَ" مان مراد هن جي عبادت ڪرڻ پرستش ۽ پوڄا ڪرڻ ناهي، پر مراد آهي تہ هو هن جي حڪمن جي اطاعت ڪندڙ هئا ۽ فرعون انهيءَ اطاعت ۽ فرمانبرداري واري معنىٰ ۾ استعمال ڪيو آهي، نہ پوڄا پاٺ ڪرڻ لاءِ، پر غلام قوم سمجهي تہ هو اسان جا اطاعت گذار آهن، اسان جي حڪم جي اطاعت ڪرڻ هنن تي لازم آهي، سو اسان جو مان مقام ڪٿي ۽ هنن جي حيثيت ٻہ ڪهڙي؟ انهيءَ غرور ۽ گهمنڊ ۾ اچي، فرعونين موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام ٻنهي کي الله جو رسول مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو تہ ٻئي ڪوڙا انسان آهن ۽ سندن سارو کيل ڪوڙ تي ٻڌل آهي. حق ۽ سچ کي نہ مڃڻ جو آخرڪار اهو نتيجو نڪتو، جو فرعون وارا هلاڪ ٿيڻ وارن مان ٿي ويا. ان ڪري جيڪا بہ قوم بہ زندگيءَ جي صحيح اصولن کان انحراف ڪندي، تباهہ ٿي ويندي، جنهن جي شاهدي پوين گذري ويل قومن جي تاريخ آهي، جيڪا پرده عالم تي آشڪارِ نقش آهي. حالانڪ اسان موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب (تورات) ڏنو هيو، جنهن ۾ انسانن جي هدايت ۽ رهبريءَ جا سڀ اصول چٽا چٽا بيان ڪيا هئا، پر هنن ان صريح هدايتن جو انڪار ڪري پاڻ کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو، پر جي عقل ۽ هوش کان ڪم وٺي، انهن قانونن مطابق زندگي گذارين ها تہ هن تباهيءَ کان بچي وڃن ها.

اهڙي طرح ابن مريم ۽ ان جي ماءُ کي (الله جي حڪمن جي حق ۽ سچائيءَ جي) نشاني ڪري موڪليو. يعني مريم جي ماءُ دعا گهري هئي تہ مون کي جيڪو اولاد ٿيندو ان کي هيڪل سليمان يعني بيت المقدس جو خدمتگار بنائينديس، پر اولاد نرينہ بدران

نياڻي مريم پيدا ٿي. سندس ماءُ مايوس ته ٿي، پر ڪيس وحيءَ طور آگاهه ڪيو ويو ته هي اها ڌيءَ آهي، جيڪا ڇوڪرن کان بهتر آهي. ان کان پوءِ حضرت مريم جي سار سنڀال ۽ بنا مڙس جي اولاد ڄڻڻ، جنهن اولاد کي نبوت ۽ معجزن سان نوازيو ويو هيو، جنهن ٻاراڻي عمر ۾ معنىٰ خيز گفتگو ڪئي. انهن ٻنهي جي انهن خوبين ۽ صلاحيتن سبب کين "الله جي نشاني" چيو ويو آهي ۽ انهن کي مخالفن جي سخت مخالفت کان محفوظ رکڻ لاءِ کين هڪ مٿانهين مڪان تي آباد ڪيو ۽ پناهه ۾ رکيو، جيڪو مقام قرار ۽ سڪون وارو، سرسبز ۽ شاداب هيو.

هن آيت جي تفسير ۾ هڪ ٻئي کان اختلافي تفسير آهن. مولانا ابوالڪلام آزاد 'اناجيل' جي حوالي سان لکيو آهي ته يهودين جي سخت مخالف ۽ وقت جي بادشاهه هيروڊس (Harrods) جي ڊپ کان ته هو ابن مريم کي قتل ڪري ڇڏيندو، ان حضرت مريم جو مڙس يوسف، ماءُ ۽ پٽ کي مصر جي هڪ مٿاهين مقام تي، جتي پاڻيءَ جي فراواني به هئي ۽ هر طرح جو امن وسڪون هيو، اتي وٺي آيو، جتي حضرت عيسىٰ عليه السلام 12 سال کن عمر تائين اتي رهيا. پر ڪجهه تفسيرن اناجيل جي حوالي سان يوسف جي مڙس هجڻ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي، پر مصر ڏانهن هجرت ۽ اتي رهڻ سان اتفاق ڪيو آهي. ڪجهه تفسيرن ۾ اهو مرتفع مقام (مٿانهون هنڌ) فلسطين ۾ آهي. پر حضرت مريم ۽ حضرت مسيح جي ڪهاڻي بلاشڪ خدا پاران هڪ معجزو يا نشاني ضرور آهي. قرآن ۾ جتي جتي حضرت مسيح جو ذڪر آيو آهي، اتي سندس نسبت ماءُ سان ڏيکاريل آهي ۽ هن پاڻ به "والدين" جو نه، پر "والده" جو ذڪر ڪيو آهي. الله وٽ بغير مڙس جي اولاد پيدا ڪرڻ مشڪل نه آهي. پر ڪجهه تفسيرن (جن ۾ سر سيد احمد خان جو تفسير) هن معجزي کي معجزي سمجهڻ بدران توليد واري طريقي يعني زال مڙس جو هجڻ جو هجڻ ضروري سمجهي، يوسف کي مريم جو مڙس ڏيکاريو آهي. والله اعلم بالصواب.

يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ؕ﴿۵۱﴾ وَ اِنَّ هٰذِهٖۤ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ اَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿۵۲﴾

فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ٥٣
فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى حِيْنٍ ٥٤ اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ
مَّالٍ وَّ بَنِيْنَ ٥٥ نُسَارِعُ لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ۭ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ٥٦ اِنَّ الَّذِيْنَ
هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ٥٧ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ
يُؤْمِنُوْنَ ٥٨ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ٥٩ وَ الَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا
وَّ قُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ٦٠ اُولٰۗىِٕكَ يُسٰرِعُوْنَ فِي
الْخَيْرٰتِ وَ هُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ٦١ وَ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا وَ لَدَيْنَا
كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ٦٢ بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا
وَ لَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ٦٣

---

اي خدا جا رسولؤ! پاڪيزه ۽ حلال شيون کائو ۽ نيڪ عمل ڪريو، اوهان جو ڪجھ ڪيو ٿا، يقينًا مان ان ڪان باخبر آهيان.(51) يقينًا هي توهان جي امت اصل ۾ هڪ امت ئي آهي ۽ توهان سمورن جو پروردگار مان ئي آهيان. پوءِ (انڪار ۽ بداعماليءَ جي نتيجن ڪان) مون ڪان ڊڄو. (52) پر (ان بعد) پنهنجي دين کي پنهنجي درميان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو، هاڻي هر گروهه وٽ جو ڪجھ آهي، اهو ان ۾ مگن آهي. (53) سو اي رسول محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هنن منڪرن کي سندن غفلت جي حالت ۾ پيل رهڻ ڏي، هڪ وقت تائين. (54) ڇا هو سمجهن ٿا تہ اسان جو هنن کي مال ۽ اولاد سان مدد فراهم ڪري رهيا

آهيون.(55) تہ هنن جي بهتري لاءِ سرگرم آهيون. ائين ناهي، پر هنن کي حقيقت جو شعور ئي ناهي. (56) يقينًا اهي ماڻهو، جيڪي پنهنجي رب جي خوف کان ڊڄندا ۽ ڏڪندا رهن ٿا. (57) جيڪي پنهنجي رب جي آيتن تي پڪو پختو ايمان رکن ٿا. (58) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نٿا ڪن. (59) هو ڏين ٿا في سبيل الله جو ڪجهہ ڏين ٿا، اهڙي طرح ڏين ٿا جو هنن جون دليون ڏڙڪنديون رهن ٿيون تہ هو الله طرف رجوع ڪرڻ وارا آهن. (60) هي ماڻهو خير جي ڪمن ۾ ڪوشان آهن ۽ ان ۾ اڳ ڪڍي وڃڻ وارا آهن. (61) اسان ڪنهن کي بہ سندن استطاعت ۽ برداشت کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ جو ذميدار نہ ڪنداسون ۽ اسان وٽ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو حق جي ڳالهہ ڪري ٿو، لهٰذا انهن تي ڪو ظلم نہ ڪيو ويندو.(62) جيستائين اسان انهن خوشحال ماڻهن کي عذاب ۾ ونون، ان وقت هو دانهون ڪوڪون ڪندا.(63)

---

هن آيت ۾ انهن سمورن رسولن کي خطاب آهي تہ ڪافرن ۽ مشرڪن پنهنجي وهم و گمان ۾ خدا جي حلال شين کي بہ حرام قرار ڏنو ۽ ان کي پنهنجو درست دين سمجهي، اوهان کي ٽوڪون ڪن ٿا تہ ڏسو اسان تہ حرام ٿيل شين کان پرهيز ڪريون ٿا، مگر مسلمان ۽ انهن جا نبي اهي حرام شيون کائن ٿا. ان ڪري الله عزو جل فرمايو تہ اهي شيون حلال آهن، پر هنن پاڻ تي پاڻ بندشون لڳائي حرام ڪيون آهن، تنهن ڪري اي خدا جا رسول ﷺ! خدا جون حلال ۽ پاڪيزه قرار ڏنل شيون اوهان کائو، ڪافرن جي هن ناجائز اعتراض تي ڌيان نہ ڌريو ۽ اهي سڀ چڱا ڪم جاري رکو، جن سان انسانيت جا بگڙيل معاملا سڌري وڃن. مخالفن جي خود ساختہ رواجن ۽ رسمن جي خلاف ۽ ڪافرن جي اعتراض کان خوفزده نہ ٿيو. اوهان راهہ راست تي آهيو، هي ڪافر ۽ مشرڪ گمراهہ ٿي چڪا آهن، پر اهي الله جي مڪافات عمل کان بچي ڪو نہ سگهندا. الله جي علم کان ڪا بہ شيءِ ٻاهر ناهي، هو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. ڏسو تہ توهان سيني جي امت دراصل هڪ

امت آهي ۽ انهيءَ هڪ امت واري وحدت ان ڪري آهي، جو اوهان سيني ڪي مون هڪ پروردگار ۽ هڪ دين جو رستو ٻڌايو آهي. اوهان برابر الڳ الڳ وقتن ۾ آيا آهيو، اوهان سمورا ان هڪ دين جي پرچار ڪرڻ وارا آهيو، جڏهن اوهان جو دين ۽ مقصد ساڳيو آهي، ته پوءِ توهان جو طريقِ حيات ۽ امت به هڪ آهي. مان توهان جو رب آهيان، مون کان ڊڄو. (الانبياءِ: 92/21، النساءِ: 64/4، 150 ۽ 152، البقره: 130/2 کان 132 ۽ 213، آل عمران: 19/3 کان 23 ۽ 34، 64، 79، 85، الاعراف: 59/7، 65، 73، 85، يوسف: 37/12، 40، مريم: 19/50-49، الانبياءِ: 71/21، 93) هنن ڪافرن مان هر هڪ جي جدا جدا رسم و رواج جو حقيقت سان ڪو واسطو نه آهي، مان توهان سيني جو هڪ پروردگار هڪ طريقي وارو دين ڏيڻ وارو آهيان ته پاڪيزه شيون کائو ۽ نيڪ عمل واري زندگي بسر ڪريو، الڳ الڳ نه ٿيو، پر ماڻهن وحدت جي جڳهه تفرقا، فرقہ بندي ۽ جمعيت جي جڳهه انتشار ۽ ڇڙواڳيءَ جي راهه اختيار ڪئي آهي. هو ان ۾ مست مگن آهن. ڪين ٻڌايو ته بداعمال ۽ انڪار ڪري ان جي نتيجن کان ڊڄو. پر ماڻهو پنهنجي ذاتي خواهشن ڪي ترجيح ڏيندي، اصل کان آيل هڪ دين ڪيترن ٽولن ۾ ونڊي ڇڏيو آهي ۽ هر هڪ پنهنجو پنهنجو دين بنائي، هڪ سر جي الڳ مسجد بنائي آهي ۽ هر هڪ ٽولو پنهنجي روش ڪي صحيح سمجهي رهيو آهي. (الروم: 32/30) هت امت جي جڳهه ”حِزْبٍ“ جو لفظ آيو آهي، يعني ”كُلُّ اُمَّةٍ“ نه چيو آهي، پر ”كُلُّ حِزْبٍ“ آيو آهي. قرآن نوع انسان ڪي هڪ امت قرار ڏنو آهي. هڪ کان ٻه به ناهن، هي ماڻهن تفرقا پيدا ڪيا آهن. امت نه آهن پر جٿا يا ٽولا آهن.

ان ڪري اي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! هنن منڪرن ڪي جيڪي حق جي راهه کان ڀٽڪي چڪا آهن ۽ سرڪشي ۽ ضد سبب سڌي رستي تي اچڻ ۽ هلڻ لاءِ تيار نه آهن، انهن ڪي سندن غفلت ۽ گمراهي ۾ رهڻ ڏيو. هڪ مقرره مدت تائين هو پنهنجي هن غفلت ۽ گمراهيءَ واري زندگيءَ ۾ رهندا، پوءِ حقيقت حال جو فيصلو ٿي ويندو ته ڪير راهه حق تي آهي ۽ ڪير نه آهي. (الحج: 17/22، 55 کان 57) جهڙي طرح هن کان اڳ ٿيندو رهيو آهي، جو ته مڪافات عمل جو قانون اڻ ٽر ۽ اٽل آهي، جيڪو پنهنجي وقت تي ضرور عمل پيرا ٿيندو. چاهي ڪافر انهيءَ غلط گمان جو شڪار آهن، جنهن ۾ هو سمجهن ٿا ته اسان جيڪا مال و دولت جي فراواني، خوشحالي، اولاد جي ڪثرت ۽ طاقت

هنن کي ڏئي رهيا آهيون، جنهن جي ڪري هو مغرور ۽ سرڪش ٿي ويا آهن ۽ ائين سمجهن ٿا ته جيڪڏهن واقعي هو برا هجن ها، جهڙي طرح هن ڪي سندن ڪفر ۽ سرڪشي جي ڪري سمجهيو ٿو وڃي ته پوءِ خدا هنن تي ايڏو مهربان نه هجي ها، پر هو ته ڪين عذاب ڏئي ها. ائين نه آهي، خدا ته هنن تي مهربان آهي، جو ڪين دنيا جون خوشيون ۽ مسرتون مهيا ڪيون آهن ۽ انهن تي بنا دير نعمتن تي نعمتون ملي رهيون آهن، ان ڪري اهي خدا جا پسنديده ماڻهو آهن. پر ائين ناهي. حقيقت حال ڪجهه ٻي آهي، جنهن جو ڪين شعور ناهي. هن ڏکهي رسي جو ملڻ بظاهر هنن کي سنو ٿو لڳي، پر جڏهن انهن نعمتن جي بدلي سندن ناشڪري، نافرماني ۽ سرڪشيءَ جو نتيجو عذابِ الاهي هوندو ته هو گهبرائجي ويندا، جنهن کان هو بي خبر نظر اچن ٿا. ڪين اها ڄاڻ ناهي ته خدا جو قانون مهلت نيڪ ۽ برن ماڻهن سڀ لاءِ هڪ جهڙو آهي، جيڪڏهن بدڪارن کي زندگيءَ جي خوشحالي ملي رهي آهي ته ان جو اهو مطلب ناهي ته اسان جو نتيجه خيز قانون معطل ٿي ويو آهي ۽ اسان هر حال ۾ هنن کي فائدا ڏيندا رهنداسون، پر اصل حقيقت اها آهي ته هنن خلاف حساب جو حرڪت ۾ اچڻ وقت مقرره جي انتظار ۾ آهي ۽ جلد مڪافات عمل جو دؤر شروع ٿيڻ وارو آهي، (التوبه: 85/9) جنهن ۾ ڪين پتو پئجي ويندو ته اصل حقيقت ڇا هئي ۽ هو ڇا سمجهندا رهيا. هنن جي سوچ، سمجهه، عقل ۽ شعور کان خالي هئي.

دراصل حقيقت حال ڪجهه ٻي آهي. خوشگوار زندگي جي لطف حاصل ڪرڻ جا اهل اهڙا نادان نه، پر اهي ٻيا ماڻهو هوندا آهن، يعني اهي اشخاص، جيڪي خدا جي قانونن جي پڪڙيءَ سان رونما ٿيندڙ خوفناڪ نتيجن جي خوف کان ڏڪندا ڪنبدا روئندا رڙندا آهن. اهي پنهنجو هر قدم ڇنڊي ڦوڪي کڻندا آهن. غلط روايتن ۽ رسمن جي انڌي تقليد نه ڪندا آهن ۽ نه هٺ، غرور، ذاتي آڪڙ ۽ انا تي رهي، حق ۽ سچ کي ڄاڻيندي به پنهنجي غلط روش کي ڇڏڻ پنهنجي شڪست سمجهندا آهن، ان ڪري زندگيءَ جي اصل حقيقت کان محروم رهندا آهن. ڪامياب زندگي رڳو انهن ماڻهن جي نصيب ۾ هوندي آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو هر وقت جائزو وٺندا رهندا آهن، غلط راهه روي جي نتيجن جي خوف کان ڏڄندا رهن ٿا ۽ انهن نتيجن جي صداقت ۽ وقعت تي ڪامل يقين رکن ٿا ۽ ڪنهن شڪ ۽ تردد جو شڪار نه آهن. ان ڪري

حق ۽ ناحق، غلط ۽ صحيح جي پرک ۾ هميشہ حق ۽ صحيح جو ساٿ ڏين ٿا ۽ خدا عزو جل تي دل جي گهراين سان ايمان آڻي، ان جي قانون جي سختيءَ سان پابندي ڪن ٿا. خدا جي حڪمن ۽ هدايتن جي برخلاف وڃي پنهنجي تباهيءَ جا اسباب پيدا نٿا ڪن، پر خدا جي حڪمن ۽ قانون تي پڪو پختو ايمان رکن ٿا، جن کان منهن موڙي، غلط ريتن رسمن کي پنهنجو معبود سمجهي، الله سان شرڪ نٿا ڪن. سمجهن ٿا تہ شرڪ عظيم ظلم آهي. هو نہ رڳو ظاهري شرڪ کان پاڻ بچائين ٿا، پر شرڪ جي مخفي صورتن واري مهلڪ بيماري کان بچڻ لاءِ پنهنجي اندر باريڪ بيني ۽ حق شناسي واري ڪسوٽي رکن ۽ اهڙي صلاحيت رکن ٿا، جو شرڪ ڪنهن بہ رنگ ۾ لڪي ڇپي يا لذيذ ۽ سود مند تي سامهون اچي تہ ان کي سڃاڻي وٺن ٿا.

بهر رنگے کہ خواہی جامہ می پوش
من اندازی قدت را می شناسم

تون ڪهڙو بہ ويس پائي ۽ ڪهڙو بہ رنگ رچائي منهنجي آڏو اچين تہ ڪو فڪر ناهي، ڇو تہ مان تنهنجي قد ڪاٺ کي پوري طرح ڄاڻان ٿو.

هو الله جي راهہ ۾ خداوند ڪريم جي نظام کي معاشري ۾ مضبوط ڪرڻ لاءِ نوع انسان جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ جيترو ڪجهہ ڏئي سگهڻ جي سگهہ رکن ٿا، اهو خوشي خوشي ڏيندا رهن ٿا. سندن ڪوشش رهي ٿي تہ ڪو محروم حقدار رهجي نہ وڃي. سندن ڪوشش رهي ٿي تہ ڪو محروم حقدار رهجي نہ وڃي، ان ڪري هر محتاج ۽ مسڪين تائين پهچن ٿا، جيڪي هنن جي حمايت جا حقدار آهن. هن فرض ادائگيءَ بعد بہ سندن دل لرزان ۽ ترسان رهي ٿي تہ ڪا ڪوتاهي نہ ٿي وڃي ۽ سندن قدم ان راهہ کان هٽي نہ وڃي، جيڪا راهہ هنن کي الله جي رضا ۽ رحمت طرف وٺي وڃي ٿي. دراصل اهي آهن، اهي خوشبخت انسان، جيڪي زندگيءَ جي اصل مقصد ماڻڻ لاءِ خير جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن ٿا ۽ اهي نيڪ انسان آهن، جيڪي نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪم ۾ سڀ کان اڳي آهن. هو ڄاڻن ٿا تہ خيرات ۽ برڪات جي حصول جي اصل راهہ تہ انهن ماڻهن جي آهي، جن ماڻهن ايمان ۽ عمل جي راهہ اختيار ڪئي آهي، جنهن ڪري هنن جون ڪاميابيون ۽

ڪامرانيون ختم ٿيڻ واريون نہ آهن. هن جون نيڪيون عارضي ۽ وقتي نہ آهن، هو حد ڪمال تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ان ڪان ٿڙي يا ڪري پوڻ جي خطري ڪان هر وقت هوشيار ۽ خبردار رهن ٿا.

الله تعالىٰ بار امانت ڏئي پنهنجو نائب بنائي انسان کي ڪجهہ ذميداريون ڏنيون آهن، جن جي ادائگي لاءِ کيس گهربل استطاعت ۽ صلاحيت بہ عطا ڪئي آهي. هڪ مؤمن ٻانهي جو هن حقيقت تي پختو ايمان آهي تہ الله تعالىٰ طرفان موڪليل قانون ذريعي جيڪي ذميواريون ڏنيون ويون آهن ۽ جيڪي پابنديون وڌيون ويون آهن، اهي سراپا خير آهن ۽ ٻانهي جي بهتريءَ لاءِ آهن. ائين ناهي تہ اهي ذميواريون خوامخواهہ انسان کي جڪڙي رکڻ لاءِ آهن، پر حقيقت ۾ انسان لاءِ ڪشادگي ۽ وسعت پيدا ڪرڻ جا ذريعا آهن. (البقره: 286/2، الانعام: 153/6، الاعراف: 42/7، الطلاق: 7/65) انهن ذميوارين ۾ حقوق الله ۽ حقوق العباد کي نڀائڻ لاءِ هدايتون موجود آهن. الله جي فرائض کي يقين ۽ دل جي سچائين سان ادا ڪرڻ بعد نوع انسان جي فلاح و بهبود لاءِ پنهنجون خدمتون خوشي خوشي پيش ڪرڻ پنهنجي لاءِ بوجهہ نہ پر سعادت سمجهن ٿا، جنهن سان سندن ذات جي تعمير ٿئي ٿي. جانور ۽ انسان ۾ اهو فرق آهي تہ جانور پنهنجي پيٽ پرڻ جو سوچيندو آهي، کيس پنهنجي برادريءَ جو ڪو فڪر يا اونو نہ هوندو آهي، پر انسان حاجتمند انسانن جي حاجت پوري ڪرڻ ۽ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي. ”خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ“ بهترين انسان اهو آهي، جيڪو ٻئي انسان لاءِ سودمند هجي. (التغابن: 16-17/64) مؤمن جي نشاني آهي تہ هو پنهنجي ذات تي ٻين کي ترجيح ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي.

هن آيت سڄوريءَ ۾ ڪائنات جي فطرت بيان ڪئي وئي آهي. فطرت جي انهيءَ قانون موجب ڪنهن تي بہ سندس جسماني ۽ معنوي استطاعت ڪان زياده ذميواري نہ وڌي وئي آهي. هر انسان ڪان ان جي استطاعت ۽ استعداد مطابق فرائض جي ادائگي مطلوب آهي، جيڪڏهن انسان جي استعداد، استطاعت، اهليت، طاقت ۽ عمل جي ادائگيءَ ۾ توازن ۽ مطابقت نہ رهي ۽ مطالبو وڌيڪ ۽ استطاعت گهٽ آهي تہ پوءِ زندگي اجيرن ٿي پوندي يا ٻين لفظن ۾ ڪوبہ زنده رهي نہ سگهندو. الله جو اهو عدل ۽ انصاف تي ٻڌل

قانون ڪائنات جي تمام اشياء ۾ انسانن لاءِ هڪ جهڙو آهي. هت تڪليف ڪي رڳو شرعي ڳالهين تائين محدود نہ ڪيو ويو آهي. پر هت تڪليف عام معنىٰ ۾ آهي، جنهن ۾ هرطرح جي تڪليف اچي وڃي ٿي. اسان (الله) وٽ حالت استعداد ۾ بار امانت جو رڪارڊ ۾ قانون نيڪ نيڪ حڪم هلائي ٿو. (الڪهف: 49/18) ڪنهن سان بہ ناانصافي نٿو ڪري. الله طرفان خير ئي خير آهي. شر انسان پاڻ پيدا ٿو ڪري. ”قُلۡ كُلٌّ یَّعۡمَلُ عَلٰی شَاكِلَتِهٖ“ (بني اسرائيل: 84/17) يعني انسان ۾ پوشيده صلاحيت جي مطابق بار امانت وڏو ويندو ۽ اوترو تڪليف پيش ايندي، جيترو هن جو ”شَاكِلَة“ هوندو. ”شَاكِلَة“ جي وڌيڪ وضاحت سوره بني اسرائيل: 84/17 ۾ ڏسي سگهو ٿا. انسان پنهنجي مصروفيات ڪي رڳو پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ مخصوص نہ رکي، پر دين حق جي تبليغ، تعليم، شاگرد انسانن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري.

هرچہ ہست از قامت ناساز بی اندام ماست
ورنہ تشریفِ تو بر بالای لائق کس کوتاہ نیست

هر غلطي ۽ خاميءَ ۾ منهنجو هٿ شامل آهي، ورنہ تنهنجي طرفان خير ئي خير آهي.

پريان سندي پار جي مڙيو ئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري

پر حقيقت اها آهي تہ ماڻهن جون دليون غفلت ۾ گمراهي ۾ آهن. هنن جا ٻيا بہ ڪيترائي بداعمال آهن جو هو هميشہ ڪندا رهن ٿا.

حَتّٰٓی اِذَآ اَخَذۡنَا مُتۡرَفِیۡهِمۡ بِالۡعَذَابِ اِذَا هُمۡ یَجۡـَٔرُوۡنَ ﴿۶۴﴾ لَا تَجۡـَٔرُوا
الۡیَوۡمَ ۟ اِنَّكُمۡ مِّنَّا لَا تُنۡصَرُوۡنَ ﴿۶۵﴾ قَدۡ كَانَتۡ اٰیٰتِیۡ تُتۡلٰی عَلَیۡكُمۡ فَكُنۡتُمۡ
عَلٰۤی اَعۡقَابِكُمۡ تَنۡكِصُوۡنَ ﴿۶۶﴾ مُسۡتَكۡبِرِیۡنَ ۖۗ بِهٖ سٰمِرًا تَهۡجُرُوۡنَ ﴿۶۷﴾ اَفَلَمۡ
یَدَّبَّرُوا الۡقَوۡلَ اَمۡ جَآءَهُمۡ مَّا لَمۡ یَاۡتِ اٰبَآءَهُمُ الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۶۸﴾ اَمۡ لَمۡ

يَعۡرِفُوۡا رَسُوۡلَهُمۡ فَهُمۡ لَهٗ مُنۡكِرُوۡنَ ﴿۶۹﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلۡ
جَآءَهُمۡ بِالۡحَقِّ وَ اَكۡثَرُهُمۡ لِلۡحَقِّ كٰرِهُوۡنَ ﴿۷۰﴾ وَلَوِ اتَّبَعَ الۡحَقُّ
اَهۡوَآءَهُمۡ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الۡاَرۡضُ وَ مَنۡ فِيۡهِنَّ ؕ بَلۡ اَتَيۡنٰهُمۡ
بِذِكۡرِهِمۡ فَهُمۡ عَنۡ ذِكۡرِهِمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۷۱﴾ اَمۡ تَسۡـَٔلُهُمۡ خَرۡجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ
خَيۡرٌ ۖ وَّ هُوَ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ ﴿۷۲﴾ وَ اِنَّكَ لَتَدۡعُوۡهُمۡ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۷۳﴾
وَ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوۡنَ ﴿۷۴﴾ وَ لَوۡ رَحِمۡنٰهُمۡ وَ
كَشَفۡنَا مَا بِهِمۡ مِّنۡ ضُرٍّ لَّلَجُّوۡا فِىۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿۷۵﴾ وَ لَقَدۡ اَخَذۡنٰهُمۡ
بِالۡعَذَابِ فَمَا اسۡتَكَانُوۡا لِرَبِّهِمۡ وَ مَا يَتَضَرَّعُوۡنَ ﴿۷۶﴾ حَتّٰٓى اِذَا فَتَحۡنَا
عَلَيۡهِمۡ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيۡدٍ اِذَا هُمۡ فِيۡهِ مُبۡلِسُوۡنَ ﴿۷۷﴾

تيستائين هي كندا رهندا، جيستائين مكافات عمل شروع ٿي وڃي ۽ جڏهن هنن جي خوشحال ماڻهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪيون ٿا ته هو فرياد ڪرڻ لڳن ٿا. (64) هاڻي چيخ و پڪار نه ڪيو، اسان طرفان اوهان جي ڪا به مدد نه ٿي سگهندي. (65) منهنجون آيتون توهان کي پڙهي ٻڌايون وينديون هيون ته توهان پيغمبرن سان مذاق ڪندا، تڪبر ۽ غرور سان پوئين پير (التو) پٺا هليا ويندا هئا، گويا ڪنهن قصي خوان ڪان پري ٿي رهيا آهن.(66-67) ڇا هنن هن ڪلام (قرآن) تي غور ناهي ڪيو، يا انهن وٽ ڪا اهڙي (هدايت واري) شيءِ اچي وئي آهي، جيڪا سندن اڳين بزرگن (ابن ڏاڏن) وٽ نه آئي هئي. (68) يا

هي پنهنجي رسول کي سڃاڻي نہ سگهيا، ان ڪري انڪاري ٿي ويا. (69) يا هي چون ٿا تہ هنن کي جنون ٿي ويو آهي (ائين ڪجهہ ناهي، پر) الله جو رسول ﷺ هنن وٽ حق ۽ سچائي سان آيو آهي، مگر هنن مان اڪثر جو اهو حال آهي جو حق ۽ سچائي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.(70) پر جيڪڏهن ائين هجي ها تہ حق ۽ سچائي هنن جي خواهش جي پنيان هلي ها تہ يقينًا آسمان ۽ زمين ۽ اهو سڀ ڪجهہ جو انهن ۾ آهي، اڪ ڇنيءِ ۾ درهم برهم ٿي وڃن ها. اسان تہ هنن جي لاءِ نصيحت (قرآن) جي هدايت مهيا ڪئي آهي، مگر هي آهن جو پنهنجي هن نصيحت کان گريز ڪن ٿا.(71) اي پيغمبر ﷺ! هو سمجهن ٿا تہ تون هنن کان مال دولت گهرين ٿو. تو لاءِ تہ تنهنجي رب جو ڏنل مال ئي بهتر (خير و برڪت وارو آهي ۽ اهو ئي سڀ کان وڏيڪ سٺي روزي ڏيڻ وارو آهي.(72) بلاشڪ يقينًا تون هنن کي سڌي (سعادت واري) رستي طرف سڏي رهيو آهين. (73) پر جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نٿا رکن, اهي سڌي رستي کان ڀٽڪي ويا آهن.(74) پر جيڪڏهن اسان هنن تي (مزيد) رحم ڪريون ۽ هنن کي پهچندڙ تڪليف اسان دور ڪري ڇڏيون تہ ڇا هي راهہ راست تي ايندا؟ نہ، ۽ پنهنجي سرڪشي ۾ ڀٽڪندا اجان وڏيڪ وڌندا ويندا.(75) ۽ ڏسو اسان هنن کي عذاب ۾ بہ مبتلا ڪيو، پر ان هوندي بہ هو پنهنجي رب اڳيان نہ جهڪيا ۽ نہ عاجزي ڪئي.(76) پر جڏهن معاملو هن حد تي پهچي وڃي تہ اسان هنن تي هڪ وڏي عذاب جو دروازو کوليون تہ اچانڪ ان وقت مايوس (حيران) ٿي ويندا.(77)

---

اهي ڪافر پنهنجي مستي ۽ مدهوشي ۾ مبتلا هوندا، تان جو اسان هنن جي خوشحال طبقي کي عذاب جي لپيٽ ۾ آڻيون تہ ان وقت هي دانهون ڪوڪون ڪرڻ لڳندا. قرآن مجيد ۾ ڪيترين ئي جاين تي قوم جي دولتمند طبقي جو ذڪر ٿيل آهي.

(بني اسرائيل: 16/17) مال و دولت جي ڪثرت انفرادي طور آهي ته اها بداعمالي جو ڪارڻ ٿيو وڃي. ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ○“ (المنافقون: 9/63) اي مسلمانو! توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد اوهان کي الله جي ذڪر (ياد) کان غافل نه ڪري، پر جيڪي ماڻهو ائين ڪندا ته اهي وڏي خساري ۾ آهن. يعني مال و دولت جي محبت ايتري ته غالب اچي وڃي، جو توهان الله جي احڪام ۽ فرائض کان يڪسر غافل ٿي وڃو. حلال حرام، جائز ناجائز، حق ناحق جي حدن جي پرواهه نه ڪريو. اهڙيءَ طرح: ”اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ○“ (التغابن: 15/64) ياد رکو يقيناً مال ۽ اولاد سراسر اوهان جي آزمائش جا اسباب آهن. اصل وڏو اجر ته الله وٽ آهي. ان ڪري مال ۽ اولاد جي محبت، غفلت ۽ گمراهيءَ جو ڪارڻ نه بنجي. ان حالت ۾ به الله سان تعلق قائم رکو، جنهن وٽ اجر عظيم آهي.

ياد رهي ته خوشحالي جيڪڏهن پوري جماعت کي ميسر آهي ته هن کان ڏيک ڪا برڪت ناهي، پر جيڪڏهن انفرادي طور ڪجهه ماڻهن (افراد) ۾ اچي وڃي ته اهڙو فتنو بيو ڪو نه آهي. جنهن سبب طبقاتي ڪشمڪش به پيدا ٿيندي ۽ انهن چند افراد ۾ غرور ۽ تڪبر جو عنصر جنم وٺندو ۽ عوام تي حڪمراني ڪرڻ ۽ کين غلام سمجهڻ جو حوصلو پيدا ٿيندو. ان ڪري اهڙو نظام هجي، جنهن ۾ معاشري جي سيني ماڻهن کي ضروريات زندگي ڪشادگيءَ سان هجي. ”وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ○“ (التوبه: 34/9) ۾ اهڙي انفرادي ۽ خوشحاليءَ جو ذڪر آهي. شدت عذاب کان اهڙي آهه و بڪا ۽ چيخ و پڪار ۽ دانهن فرياد مان ڪجهه حاصل نه ٿيندو. هن وقت اسان پاران اوهان جي ڪا به مدد نه ڪئي ويندي. هاڻي اوهان کي پنهنجن عملن جو بدلو ملڻو ئي ملڻو آهي ۽ اهو هر حالت ۾ ڀوڳڻو پوندو. (المؤمنون: 23/23)

معلوم ٿيو ته عذاب الاهي جو اصل مرڪز ”مُتْرَفِيْنَ“ خوشحال دولت مند ماڻهو هوندا، جيڪي پنهنجي مال، ڌن، اثر رسوخ جي ڪري پيغمبرن کي به ڪوڙو ڪوٺيندا آهن ۽ هدايت جي راهه کان هٽي، عيش و عشرت ۽ فتني فساد جو سبب بڻبا آهن، تنهن ڪري هنن تي عذاب ايندو آهي، پر ان عذاب جي زد ۾ رڳو دولتمند نه هوندا، پر ساري معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي وٺندو. چوندا آهن سڪن سان گڏ ساوا به سڙندا آهن.

ياد ڪريو اهو بہ وقت هيو جڏهن اسان جون آيتون اوهان آڏو پڙهيون وينديون هيون تہ انهن ڪي خيال ۾ ڏيان سان ٻڌڻ ۽ ان مان فائدا حاصل ڪرڻ بدران انهن ڪان نفرت ۽ بيزاري ڪندي منهن موڙي هليا ويندا هئا (بني اسرائيل: 105/17) ۽ پنهنجو تڪبر ۽ غرور جو مظاهرو ڪري پنهنجي بيپرواهي ۽ عدم دلچسپي ڏيکاريندا هئا ۽ پيغمبر ڪي هڪ قصہ گو سڏي سندس ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيڻ جو چوندا رهندا هئا ۽ ماڻهن ڪي ٻڌائيندا هئا تہ هي ڪا نئين ڳالهہ ناهي، پر "اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ" هن جي ڪا حقيقت ناهي، هي پوين ڪهاڻين جو اعادو آهي. ان ڪري انهن ڪي ٻڌوائڻ ٻڌو ڪري غرور ۽ تڪبر جو مظاهرو ڪندي، اهو چوندي هليا ويندا تہ هئا تہ هي ڪنهن نبيءَ جون نصيحتون نہ آهن، جو انهن تي غور ڪجي. هي تہ هڪ قصي گو جو ڪارنامو سمجهي هن ڪي ڇڏي پري هليا وجون ٿا.

معلوم هجي تہ ان زماني عرب ۾ قصہ گو رات جو محفلون رچائيندا هئا ۽ قصا ڪهاڻيون ٻڌائي، ماڻهن ڪي وندرائيندا هئا. هي نادان ۽ نا سمجهہ انسان وحي ۽ قرآن ڪي قصن ڪهاڻين سان تشبيه ڏئي پنهنجي جهالت جو اظهار ۽ اقرار ڪندا هئا، حالانڪہ:

چہ نسبت خاک را با عالمِ پاک

جيڪڏهن اهي ماڻهو نٿا مڃين تہ ان سان حقيقت جي حقيقت هجڻ ۾ ڪو فرق نٿو پوي "وَبِالۡحَقِّ اَنۡزَلۡنٰهُ وَبِالۡحَقِّ نَزَلَ ؕ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيۡرًا ○" (بني اسرائيل: 105/17) اسان هن قرآن ڪي حق جو صحيفو ڪري نازل ڪيو ۽ در حقيقت هن جو نزول سراپا حق ئي حق آهي. اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ اسان توکي نيڪين جي اجر جي بشارت ڏيندڙ ۽ برائين جي عذاب ڪان خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. اڳتي هن قرآن جي ترازو ۾ ماڻهن جو قسمتون توريون ويندون، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن جي ڪاميابين ۽ محرومين جو فيصلو ٿيندو. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جو فرمان آهي: "اِنَّ اللّٰهَ يَرۡفَعُ بِهٰذَا الۡكِتَابِ اَقۡوَامًا وَيَضَعُ بِهٖ آخَرِيۡنَ" (صحيح مسلم) قومن جو ڪمال ۽ زوال هن ڪتاب سان لڳاءَ يا بيزاريءَ جو نتيجو آهي ۽ هوندو. تہ چا هن حقيقت جي واضح ٿي وڃڻ باوجود بہ ماڻهن هن تي غور ڪرڻ گوارا نہ سمجهيو آهي ۽ هن جي اهميت ۽ ضرورت ڏانهن توجه نہ ڏنو

آهي يا هنن وٽ ڪا اهڙي شيءِ اچي وئي آهي، جيڪا هنن جي وڏڙن وٽ نہ هئي، يا هن جو مطلب آهي تہ هي وحيءَ جو سلسلو ۽ هدايت ڪين اهڙي انوکي شيءِ لڳي ٿي، جو جڻ اها هن کان اڳ هنن جي وڏڙن وٽ نہ آيل آهي، حالانڪہ هنن جي وڏڙن کي بہ ساڳيون هدايتون ۽ احڪام ملندا رهيا آهن ۽ هينئر بہ انهن ئي حڪمن ۽ هدايتن جو اعادو ڪيو ويو آهي. هي ڪا نئين شيءِ ناهي، پر خدائي نظام جو سلسلو آهي. (الاحقاف: 9/46) منهنجي خيال ۾ هي پوئين توضح قرآن فهميءَ جي وڌيڪ قريب آهي. ڇا هي پنهنجي رسول جي گذريل زندگي کان آگاهہ نہ آهن تہ هو صادق امين آهي يا قصہ گو، شاعر يا جادوگر آهي. هن جي زندگي تہ کليل ڪتاب آهي، جنهن جو هر ورق، هر جملو، هر لفظ ۽ هر حرف سندن اعلىٰ ڪردار، حسنِ سلوڪ ۽ ڪامل ۽ مڪمل انسان هجڻ جي گواهي نہ آهي؟ (يونس: 16/10) ان هوندي بہ جيڪو ماڻهو انڪار ڪري ۽ الله جي هدايت جي روشن مينار کي ڪوڙو سمجهي تہ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو ۽ الله جي گرفت کان بچي سگهي ٿو. يا وري هي سمجهن ٿا تہ هن (نبيءَ) کي جنون ٿي ويو آهي. ائين بلڪل نہ آهي، اها هنن جي واهيات بڪواس آهي. هو ”مين نہ مانون“ واري رٽ تي قائم آهن ۽ ڪين حق ۽ سچ نظر نٿو اچي، حالانڪہ هي رسول تہ هنن آڏو قرآني آيتون بيان ڪري ٿو، انهن جي سامهون حق ۽ سچ جي شمع روشن ڪري ٿو، جنهن ۾ هو حق کي ناحق، درست کي غلط کان ڌار ڪري پيش ڪري ٿو، پر حق جي پيغام سان هنن جي مفادن جو ٽڪراءُ آهي. هو عارضي، ذاتي فائدن کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ لڳل آهن. حقيقي، پائدار، آخرت جي نجات ۽ دنياوي زندگي جي اصلاح ڪري خوشگوار بنائڻ جي ڪسوٽي آهي. هي ڪفر ۽ شرڪ جي زهر خورن لاءِ ترياق آهي. ڀٽڪيل ۽ ڀليل ماڻهن جي رهبري لاءِ روشن مينار آهي. هنن مفاد پرستن جي ذاتي مفاد لاءِ ٿهري ۽ گهري چوٽ آهي. ان ڪري هنن جي ڪوشش آهي تہ نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ پنهنجي هن حق نما پيغام کي ڏيڻ بند ڪري يا ڪم از ڪم ان ۾ مخالفن جي قابل مقبول ترميم ڪري. (يونس: 15/10، هود: 113/11، بني اسرائيل: 74/17، القلم: 9/68)

ياد رهي تہ هت آيت 68 کان آيت 70 تائين قرآن بار بار چوي ٿو تہ تدبر ڪيو. سچ جي وڏي نشاني اها آهي تہ عقل ۽ بصيرت ان کي قبول ڪري ۽ جهل ۽ ناداني ان کان

روگردان رهي. جيڪو قرآن جي تعليمات تي غور و فڪر نٿو ڪري، اهو ان جو گويا مطالبو پورو نٿو ڪري. انڌن ٻوڙن گونگن وانگر قرآن کي پڙهڻ کي سنو نہ سمجهيو ويو آهي. هن ڪتاب جو غور و فڪر سان مطالعو ڪرڻ ان جي حق ادائگي آهي. "وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا۝" (الفرقان: 73/25) جڏهن هنن کي سندن پروردگار جي ڪلام جون آيتون ٻڌايون وڃن ٿيون تہ هو ان تي انڌن ٻوڙن وانگر نٿا هجن، پر غور و فڪر ڪن ٿا. پلا جڏهن قرآن جهڙو سچو ڪتاب جنهن ۾ نہ شڪ نہ شبهو، اهو بہ چوي ٿو مون تي غور و فڪر ڪريو، ائين انڌن ٻوڙن وانگر گذري نہ وڃو، جڏهن پنهنجو بہ اهو معيار قائم ڪري ٿو تہ پوءِ ڪنهن امام، ڪنهن مجتهد جي تحقيق تي تدبر چو نہ ڪرڻ گهرجي.

هر کہ او را قوتِ تخلیق نیست
پیشِ ما جز کافر و زندیق نیست

(اقبال رحمة الله عليه)

جيڪو ماڻهو تحقيق ۽ تدبر نٿو ڪري ۽ لڪير جو فقير ٿي هلي ٿو، اهو ماڻهو مؤمن جي خيال ۾ ڪافر ۽ زنديق آهي.

هن ساري مضمون ۽ موضوع جو جوهر ۽ تت ست اهو آهي تہ قرآن ۾ تدبر ڪيو وڃي. ذرا غور ڪريو ۽ هنن نادانن جي عقل کي ڏسو تہ اسان هنن جي لاءِ عظمت، شرف، سرفرازي ۽ سربلنديءَ جو سامان ڪٽي آيا آهيون ۽ هو ان عظمت ۽ سرفرازيءَ کان منهن موڙي ذلت ۽ خواري جا خواهان آهن. (الاعراف: 76/7، الانبياء: 24/21، 10، الزخرف: 43/43)

وائے ناکامیٔ متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

(اقبال رحمة الله عليه)

پر جيڪڏهن ائين هجي ها تہ سچائي انهن جي خواهشن جي پيروي ڪندي تہ يقينًا آسمان زمين ۾ جيڪي ڪجهہ ذخيرو آهي، اهو سمورو اک چنڀ ۾ درهم برهم ٿي

وجي ها. قرآن جنهن حقيقت کي ”حق“ قرار ڏئي ٿو، اها عالمگير حقيقت آهي، ڪنهن هڪ شيءِ جي نشاندهي ناهي. هو تخليق ۽ تڪوين کي حق ۽ قيامِ حق جو قانون سڏي ٿو، جنهن جو نالو عدل ۽ انصاف آهي، جنهن تي ڪائنات جو پورو نظام قائم آهي. اها جڏهن افڪار ۽ اعمال انساني ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته ايمان ۽ عمل صالح جو ويس ڍڪي ٿي ۽ اها ئي حقيقت آهي، جنهن طرف وحي سڏي ٿي، جيڪڏهن اها حقيقت حق جي انڪاري ٽولي جي خواهشن مطابق هلي ۽ پيروي ڪري ته آسمانن ۽ زمين جو پورو نظام هڪ دم درهم برهم ٿي وڃي.

ڇا هو سمجهن ٿا ته تون هنن جي مال و دولت جو خواهشمند آهين. ٽولاءِ ته تنهنجي پروردگار پاران ڏنل مال خير ۽ برڪت وارو آهي. الله جي عطا ڪيل مال کي ڇڏي، تون هنن جي بي بقا مال جي آرزو نٿو ڪري سگهين. الله ئي سڀ ڪان وڏيڪ بهتر روزي ڏيڻ وارو آهي. منڪرؤ! اوهان پنهنجن شاعر ۽ قصا خوان ماڻهن کي سندن اشعار ۽ قصاگوئي تي انعام ڏيڻ جا عادي آهيو ۽ هينئر به اهو سمجهو ٿا ته نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي اوهان جي مال متاع تي نظر آهي، پر يقين ڪريو ته هن کي جيڪي الله طرفان ملي رهيو آهي، اهو باقي رهڻ وارو ۽ سود مند انعام آهي. سو هو هن نعمت کي ڇڏي، اوهان جي عارضي ۽ بي بقا مال جي خواهش نه رکندو. يلا سنئي روزي ڏيڻ وارو الله کان وڏيڪ ڪير آهي. فقط الله ئي آهي، جنهن جو رزق دنيا جي سمورن خزانن کان افضل آهي. بلاشڪ يقينًا تون هنن جو همدرد ۽ خير خواهه آهين، تون هنن کي ڪاميابي ۽ سعادت واري واٽ تي وٺي اچڻ گهرين ٿو ۽ تنهنجون اهي سموريون پرخلوص ڪوششون ۽ ڪاوشون هنن کي جهالت ۽ گمراهيءَ کان ڪڍي، سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ آهن. جنهن ۾ نه تون هنن کان ان محنت جو معاوضو گهرين ٿو ۽ نه توکي هنن جي ڪنهن معاوضي جي ضرورت آهي. توکي تنهنجي رب کان فضل و ڪرم ۽ احسان جو جيڪو معاوضو ملي رهيو آهي، اهو سڀ معاوضن کان بهتر معاوضو آهي، پر جيڪي بدنصيب ماڻهو مستقبل جي زندگيءَ تي يقين نٿا رکن ۽ دنياوي زندگي جي عيش و عشرت کي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا، اهي حق ۽ سچائي واري هن رستي ڏانهن اچڻ کان گريزان آهن ۽ ان طرف اچڻ جا انڪاري آهن. جيڪڏهن اسان هنن تي رحم ڪريون ۽ انهن کي جيڪا

تڪليف آهي، اها رفع دفع ڪريون تہ هو شڪرگذار بڻجن. پر اسان ڏانهن اچڻ بدران پنهنجي سرڪشيءَ ۾ انڌا ٿي وڌندا ويندا. مطلب تہ دراصل خرابي هنن منڪرن جي دلين ۾ آهي، جيڪا ڪين راهہ راست تي اچڻ ۾ رڪاوٽ آهي. ان ڪري توهان اطمينان رکو تہ اوهان جي دعوت ۾ ڪو وروڪڙ نہ آهي، اها تہ سڌي رستي تي هلڻ جي پرخلوص دعوت آهي. هن ڳالهہ جو چٽو ثبوت اهو آهي تہ اسان هنن کي سندن بد ڪمن جي پاداشت ۾ عذاب ۾ مبتلا ڪيو هيو تہ من سڌري وڃن، پر پوءِ بہ هو پروردگار جي آڏو ڪونہ جهڪيا ۽ نہ وري هنن جي دل ۾ ذرا پر عجز و نيزاري ۽ سوزوگداز پيدا ٿيو، پر هو پنهنجي آڪڙ، غرور ۽ انا تي قائم رهيا، جنهن سبب سندن حق کان دوري ٿيندي وئي. ايتري قدر جو جڏهن اسان اهڙن بدنصيب ماڻهن لاءِ ڪنهن وڏي عذاب جا دروازا کولي ڇڏيندا آهيون ۽ هر طرف کان مصيبتون ۽ مشڪلاتون هنن جو آڏر ياءُ ڪنديون آهن تہ پوءِ هو بلڪل مايوس ۽ نااميد نظر ايندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ:

شامت اعمال ما صورت نادر گرفت

يعني اسان جي بدعملن جي شامت نادر جو صورت ۾ آئي آهي.

---

وَ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا
تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۸﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَ هُوَ
الَّذِيْ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ وَ لَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۸۰﴾
بَلْ قَالُوْا مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿۸۱﴾ قَالُوْٓا ءَاِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ
عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿۸۲﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَ اٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ قَبْلُ اِنْ
هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۸۳﴾ قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ

تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸۴﴾ سَيَقُوۡلُوۡنَ لِلّٰهِ ؕ قُلۡ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۸۵﴾ قُلۡ مَنۡ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ
السَّبۡعِ وَ رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۸۶﴾ سَيَقُوۡلُوۡنَ لِلّٰهِ ؕ قُلۡ اَفَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۸۷﴾
قُلۡ مَنۡۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَىۡءٍ وَّ هُوَ يُجِيۡرُ وَ لَا يُجَارُ عَلَيۡهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ
تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸۸﴾ سَيَقُوۡلُوۡنَ لِلّٰهِ ؕ قُلۡ فَاَنّٰى تُسۡحَرُوۡنَ ﴿۸۹﴾ بَلۡ اَتَيۡنٰهُمۡ بِالۡحَقِّ وَ
اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۹۰﴾ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنۡ وَّلَدٍ وَّ مَا كَانَ مَعَهٗ مِنۡ اِلٰهٍ اِذًا
لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۢ بِمَا خَلَقَ وَ لَعَلَا بَعۡضُهُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ ؕ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا
يَصِفُوۡنَ ﴿۹۱﴾ عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَ الشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۹۲﴾ ع ۵

ءِ هي اهو ئي آهي، جنهن توهان کي (سماعت لاءِ) ڪن، بصارت لاءِ اک ۽ غور و فڪر لاءِ دل عطا ڪئي آهي، مگر اهو گهڻ ڏنو ويو آهي تہ اوهان شڪر ادا ڪريو.(78) جنهن توهان کي زمين تي هر طرف پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ گذاري لاءِ هر قسم جو سامان مهيا ڪيو آهي ۽ هي اهو ئي آهي، جنهن وٽ توهان سڀ ڪنا پيش ڪيا ويندا. (79) ۽ هي اهو ئي آهي، جيڪو زندگي بخشي ٿو، موت ڏئي ٿو ۽ رات ڏينهن کي هڪ ٻئي پٺيان بدلڻ گهري ٿو. ڇا توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو.(80) بلڪل نہ، هنن تہ اها ساڳي ڳالهہ چئي، جيڪا هنن کان اڳ وارا چئي چڪا هئا.(81) هنن چيو تہ جڏهن اسان مري وينداسون ۽ مٽيءَ ۾ هڏين جو ڍير ٿي وينداسون تہ ڇا ان کان پوءِ وري ٻيهر اٿاريا وينداسون. (82) اسان سان ۽ اسان جي ابن ڏاڏن سان انهيءَ ئي ڳالهہ جو وعدو ڪيو ويو آهي. هينئر بہ هي ڪجهہ ناهي، پر گذريل قومن جا افسانا آهن.(83) اي پيغمبر

خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صلى الله عليه وآله وسلم تون هنن منڪرن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان کي خبر آهي تہ ٻڌايو تہ هي زمين ۽ ان تي موجود شيون ڪنهن لاءِ آهن؟(84) تہ هو فورًا چوندا تہ الله ذوالجلال لاءِ آهن، پوءِ اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو اوهان هن تي غور نٿا ڪريو.(85) توهان هنن کان پڇو تہ اهو ڪير آهي جو ستن آسمان جو پروردگار آهي ۽ عرش عظيم جو مالڪ آهي.(86) هو چوندا تہ هي سڀ ڪجهہ الله لاءِ ئي آهي، تہ پوءِ تون کين چئو تہ اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو (بداعماليءَ جي نتيجن کان) ڊڄو نٿا. (87) تون هنن کان پڇ جيڪڏهن اوهان کي خبر آهي تہ اهو ڪير آهي، جنهن جي قبضي ۾ سمورين شين جي بادشاهي آهي ۽ اهو سيني کي پناهہ بہ ڏئي ٿو.(88) تہ فورًا چوندا اهي صفتون الله جون آهن تہ پوءِ کين چئو تہ اوهان جو عقل ڇو ماريو ويو آهي.(89) حقيقت اها آهي تہ اسان هنن کي حق ۽ سچائي ٻڌائي آهي ۽ هو ڪوڙ هٽي رهيا آهن.(90) الله نہ ڪنهن کي پنهنجو پٽ ناهيو آهي ۽ نہ وري هن جي مد مقابل ڪو ٻيو معبود ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن هجي ها تہ هر معبود هجي ها تہ پنهنجي مخلوق لاءِ فڪرمند هجن ها ۽ هڪ معبود ٻئي معبود تي هلان ڪري چڙهي ها. الله جي ذات انهن شين کان پاڪ آهي، جو هي ان جي نسبت بيان ڪن ٿا، هو غيب ۽ شهادت (ڳجهہ ۽ ظاهر) جو ڄاڻڻ وارو آهي. هو هر شرڪ عيب کان پاڪ، منزه ۽ بالا بلند آهي.(92)

---

هنن کي چئو تہ مڪافات عمل ۾ جيڪو عذاب اچڻو آهي، اهو ائين بنا سوچي سمجهي اندازڌند نہ ٿو اچي، پر ان جو وقت مقرر آهي، جيڪو مهلت جي مدت ختم ٿيڻ ۽ حجتِ الاهي جي پوري ٿيڻ بعد ايندو آهي. الله تعاليٰ توهان کي ٻڌڻ لاءِ ڪن، ڏسڻ لاءِ اکيون ۽ سوچڻ سمجهڻ لاءِ دل ڏني آهي تہ جيئن ڏسي وائسي ۽ سوچي سمجهي پنهنجي لاءِ صحيح طريقہ حيات جو انتخاب ڪيو، پر اوهان مان اهي ٿورڙا آهن، جيڪي صحيح

فيصلي تائين پهچڻ لاءِ آهن. الله طرفان عطا ڪيل علم جي ذريعن جو استعمال ڪن ٿا. يا تہ هو پنهنجن جذبات ۾ لڙهي وڃن ٿا، پنهنجي سرڪشي ضد ۽ عناد تي ڪاربند رهن ٿا يا انڌي تقليد جي پٺيان لڳي، پنهنجن ابن ڏاڏن جي روش ۽ طريقي تي مضبوط رهڻ جو فيصلو ڪن ٿا. حالانڪ آيات الاهي طرف توجہ مبذول ڪرائي وڃي ٿي ۽ تنهنجي سامهون انفس ۽ آفاق جا ڪئين دليل ظاهر ڪيا وڃن ٿا، مگر توهان جون دليون دماغ انهن کي قبول ڪرڻ بدران، بار بار عذاب الاهي جو مطالبو ڪري رهيا آهن. پر جيڪڏهن اوهان عقل و بصيرت ۽ علم و دانش کان ڪم وٺو تہ توهان تي هيءَ حقيقت حال بلڪل چٽي ٿي ويندي تہ توهان جو معبود حقيقي اهو الله آهي، جنهن اوهان کي زمين جي ڪوني ڪوني ۾ پکيڙي ڇڏيو اتس ۽ اوهان جي اسباب، زيست ۽ سامان معيشت جي فراواني عطا ڪئي آهي ۽ هر طرف پنهنجي فضل و ڪرم، نعمتن ۽ نوازشن جا انبار لڳائي ڇڏيا آهن تہ اوهان ان مان فائدو حاصل ڪريو. ائين هرگز نہ سمجهو تہ توهان هن جي دائري اختيار کان نڪري ويا آهيو، ائين بلڪل ناهي، توهان کي هرطرف کان قانون ڏانهن آندو وڃي ٿو. (الحديد: 24/67، الملڪ: 24/67) ۽ جهڙي طرح آبادگار زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻج ڇٽي هڪ ڏينهن ان کي ديري تي ڪٺو ڪندو آهي، اهڙي طرح بہ زمين تي پکيڙيو ويو آهي ۽ هڪ ڏينهن سيني کي گڏ ڪندو. خدا اهو آهي، جنهن جي قانون مطابق افراد ۽ اقوام جي حيات و موت يا عروج و زوال جا فيصلا ٿيندا آهن ۽ هڪ ٻئي پٺيان قومون اينديون رهن ٿيون. غير صالح قومن جو وجود مٽجي وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي نيون صالح قومون جانشين ٿين ٿيون. جهڙي طرح رات بعد ڏينهن ۽ ڏينهن بعد رات اچي ٿي. يعني انڌيرن کي روشني ختم ڪري ٿي تہ وري انڌيرا ڇانئجي وڃن ٿا. ڇا اهڙن وڏن ۽ واضح دليلن تي غور ڪرڻ لاءِ عقل و فڪر کان ڪم نٿا وٺو.

هن ڪائنات جي هر گوشي ۾ ٻہ ٻہ هجڻ جي حقيقت ڪارفرما آهي ۽ هتي ڪا بہ شيءِ پنهنجي جوڙي کان خالي ناهي. ”وَ مِنۡ كُلِّ شَیۡءٍ خَلَقۡنَا زَوۡجَیۡنِ لَعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ“ (الذاريٰت: 49/51) ۽ هر شيءِ جا اسان جوڙا جوڙا نر ماد يا هڪ ٻئي جا ضد پيدا ڪيا آهن. دنيا جي زندگيءَ جو جوڙ بہ آخرت آهي، ان ڪري جڏهن هڪ شيءِ کي هڪ رنگ کان ٻئي رنگ ۾ ڏسو ٿا تہ ڇرڪ ڪائي اٿو ٿا، جنهن لاءِ ”اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ“ ۾ اوهان جو ڌيان ڇڪايو ويو

آهي. هينئر بہ هو اهائي رٽ لڳائي وينا آهن ۽ اها ئي ڳالهہ دهرائي رهيا آهن، جيڪي هن
کان اڳ سندن وڏڙا چئي ويا آهن. هت آيت ۾ "بَلۡ قَالُوۡا مِثۡلَ مَا قَالَ الۡاَوَّلُوۡنَ ○ قَالُوۡۤا ءَاِذَا
مِتۡنَا وَ کُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ ○" جيڪڏهن هو عقل و دانش کان ڪم وٺن ها تہ
سندن روش اهڙي نہ هجي ها، جنهن جي ڪري سندن اها ڪيفيت آهي. هي جو چون ٿا تہ
اسين دوباره ڪو نہ اٿاريا ويندا سون اهو ائين چئي نہ سگهن ها، جيڪڏهن پنهنجي
ابتدائي پئدائش تي غور ڪن ها ۽ اهو ڏسن ها تہ هن زندگي کان اڳ عدم هئا ۽ ان بعد
وجود ۾ آيا. اهڙي طرح هاڻي وري موت ذريعي معدوم ٿيندا ۽ وري ان عدم واري حالت
۾ اٿي ڪڙا ٿيندا. اهو موت و حيات ۽ حيات و موت وارو زوجين جو سلسلو زندگي لاءِ بہ
جاري آهي، ان ڪري ان جو انڪار ڪرڻ ۽ پنهنجن وڏڙن واري روش تي قائم رهڻ خدا
جي قانون جي خلاف آهي. هنن جي نگاهہ خدا جي هن اٽل ۽ اڻ ٽر قانون طرف نٿي وڃي،
پر هو ابن ڏاڏن جي تقليد ۾ اهو چون ٿا تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ اسان مرڻ بعد جڏهن مٽيءَ
جو ڍير ٿي ويندا سون ۽ اسان جون هڏيون بہ ڳري وينديون تہ اسان وري جيئرا جاڳندا انسان
نظر ايندا سون. هي اهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا اسان جي سمجهہ ۾ ناممڪن آهي. هي ڪو
نئون شوشو ناهي، پر پراڻي ڏند ڪٿا آهي، جيڪا اسان جي وڏڙن کان وٺي هلندي اچي.
اسان جي بزرگن بہ هن وعدي ۽ تنبيه کي قبول ڪو نہ ڪيو تہ پوءِ اسان لاءِ ڪيئن ممڪن
آهي تہ ان تي ايمان آڻيون نہ اسان جا وڏڙا اهڙا بي سمجهہ ۽ نہ وري اسان عقل کان عاري
آهيون، جو صحيح فيصلو نہ ڪري سگهون، اسان جو اڄ بہ اهو ئي فيصلو آهي، جيڪو هن
کان اڳ اسان جي بزرگن جو هيو. هي پراڻي ڪهاڻي يا افسانو آهي، ڪا حقيقت نہ آهي.

اي رسول محترم خَاتَمَ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ ! تون هنن ڪافرن سان زياده بحث نہ ڪر، پر هنن کان
پڇ تہ جيڪڏهن اوهان کي هن ڳالهہ جي خبر آهي تہ اسان کي ٻڌايو تہ هن جهان ۾ جيڪا
تمام مخلوقات موجود آهي، اها ڪنهن لاءِ آهي ۽ ڪنهن جي ملڪيت آهي تہ ان جي
جواب ۾ يقينًا هو ائين ضرور چوندا تہ هي سڀ ڪجهہ الله جو آهي پوءِ کين چئو تہ ايترو
ڄاڻندي بہ هن ياد ڏهاني مان ڪو فائدو حاصل نٿا ڪريو ۽ دل سان اقرار ڪريو ٿا تہ خدا
کانسواءِ ڪو بہ بندگيءَ جو مجاز نہ آهي. اهو هن قادر قدرت جي هٿ وس آهي تہ هو موت
بعد وري اٿاري. هنن کان اهو بہ پڇو تہ هنن ستن آسمانن ۽ عرش عظيم جو مالڪ ڪير
آهي تہ جواب ۾ ضرور چوندا تہ اهو الله جي ميراث ۽ ملڪيت آهي، جنهن ۾ سندس نہ

کو شريڪ آهي ۽ نہ وري سندس مد مقابل آهي. هڪ طرف توهان اقرار ڪيو ٿا تہ ستن آسمانن ۽ عرش عظيم جو مالڪ هڪ الله آهي، جنهن جي دست قدرت ۾ هن پوري ڪائنات جي مرڪزي ربوبيت جو ڪنٽرول آهي تہ وري ٻئي طرف ان سان ٻتن کي شريڪ ڪريو ٿا، جن جي هٿ وس ڪجهہ بہ ناهي هو بلڪل بي بس، بي اختيار بت آهن انهن کي معبود سمجهي پنهنجي عقل جو ڏيوالو ڪڍو ٿا ۽ اهڙي غلط ڳالهہ ڪري، ان اڪيلي ۽ يگاني الله کان ڊڄو بہ نٿا تہ توهان ڪنهن سان جنگ جوٽي رهيا آهيو ۽ پنهنجي دنيا ۽ عاقبيت تباهہ ڪري رهيا آهيو. (النحل: 49/16، الشوریٰ: 29/42) هنن کان اهو بہ پڇو تہ اهو ڪير آهي، جنهن جي هٿ ۾ هن پوري ڪائنات يعني آسمان، عرش، زمين ۽ تحت الثریٰ تائين ڪنهن جو حڪم هلي ٿو ۽ ڪنهن جي بادشاهت قائم آهي، جيڪو پناهہ گيرن کي مشڪل کان بچائي پناهہ ڏئي ٿو ۽ هن جي پناهہ بعد ڪو بہ هن کي ڪو نقصان پهچائي نٿو سگهي ۽ جنهن کي ٻئي ڪنهن جي پناهہ وٺڻ جي ضرورت ناهي. هو پاڻ حيٌّ قَيُّوم آهي. جيڪڏهن توهان کي هوش، عقل ۽ فهم و فراست آهي تہ هن حقيقت کي سمجهي سگهو ٿا ۽ هي هو صدق دل سان اها ڳالهہ تسليم ڪندا تہ هي سڀ ڪجهہ الله جي ملڪيت آهي، جنهن جو هو اڪيلو مالڪ ۽ حڪمران ۽ بي پرواهہ بادشاهہ آهي. (العنڪبوت: 21/29 ۽ 63)

هن بعد هنن کان پڇو تہ هن حقيقتن کي تسليم ڪرڻ بعد باقي ڇا رهجي وڃي ٿو، جنهن جي ڪري اوهان کي ڌوڪو ٿئي ٿو ۽ اهو سمجهو ٿا تہ جيڪو ڪجهہ مان اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ توهان ان کي چئو ٿا تہ اهو حق ناهي. مان تہ توهان کي اهو ئي ٻڌائي رهيو آهيان تہ اقتدار ۽ حڪومت جو حق صرف الله تبارڪ و تعالیٰ جو آهي، ٻيا سمورا محڪوم آهن ۽ هن جي ٻجا آوري ڪرڻ لاءِ مجبور آهن. اها حقيقت ڄاڻيندي بہ توهان تي ڪهڙي جادوءَ جو اثر آهي. (المؤمنون: 70/23، الانبياء: 20/21) هن جي انڪار ۽ هٺ باوجود اسان تہ هنن ڏانهن حق جي نويد ڪٽي آيا آهيون، حالانڪ ڪڏهن ڪوڙ سچ تي غالب ٿي نٿو سگهي، پر حق ئي باطل کي نيست نابود ڪري ٿو. ”وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا“ (بني اسرائيل: 81/17) چئو تہ حق جو ظهور ٿي ويو ۽ باطل برباد ٿي ويو ۽ يقينًا باطل کي نابود ئي ٿيڻو هيو. الله جل شانه تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي اولاد نہ بڻايو

آهي ۽ نہ وري ڪو ان جي مدمقابل سندس شريڪ ڪار ڪو ٻيو موجود آهي، ان ڪري هو
تنها هن ڪائنات جو حڪمران ۽ مالڪ آهي. جيڪڏهن ڪافرن جي عقيدي موجب ٻيا
ڪيترائي خدا يا معبود آهن ۽ واقعي ائين هجي ها يعني خدا جي مقابلي ۾ فلاڻي قوت
آهي ۽ پوءِ هنن جو پاڻ ۾ ٽڪر ٿي پوي ۽ هڪ ٻئي تي حملا آور ٿين ها. پر اهڙي ڪا بہ
علامت ناهي، (الانبياءِ: 22/21، بني اسرائيل: 42/17) هن پوري ڪائنات صدين کان هڪ
مضبوط ۽ مربوط نظام بنا ڪنهن نقص و عيب ۽ ڪمي جي برقرار آهي. رات ۽ ڏينهن،
سج، چنڊ ۽ ڌرتي پنهنجي پنهنجي مدار ۽ رفتار تي هلي رهيا آهن، جيڪو هن ڳالھ جو
چٽو ثبوت آهي تہ الله هڪ آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ ناهي. هي حق جا انڪاري جيڪو
بهتان الله تي مڙهي رهيا آهن، الله ان کان پاڪ ۽ منزه آهي، اهو ئي ظاهر ۽ باطل غيب ۽
شهادت جو يڪسان ڄاڻڻ وارو آهي. گمراھ ماڻهن پنهنجا هٿرادو جعلي ديو ديوتائن، بتن
۽ مورتين کي پنهنجو خدا بنائي رکيو آهي.

---

قُلْ رَّبِّ اِمَّا تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ﴿۹۳﴾ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِي الْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿۹۴﴾ وَ اِنَّا عَلٰۤى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۹۵﴾ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ
اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿۹۶﴾ وَ قُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ
هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۹۷﴾ وَ اَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿۹۸﴾ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ
اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ ارْجِعُوْنِ ﴿۹۹﴾ لَعَلِّيْۤ اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ
كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ قَآئِلُهَا ؕ وَ مِنْ وَّرَآئِهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۰۰﴾
فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَلَاۤ اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّ لَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ فَمَنْ
ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَ مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ

فَأُولَٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فِيْ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ تَلْفَحُ وُجُوْهَهُمُ
النَّارُ وَ هُمْ فِيْهَا كٰلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ اَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ بِهَا
تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٠٥﴾ قَالُوْا رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا شِقْوَتُنَا وَ كُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ﴿١٠٦﴾

اي پيغمبر خاتم النبيين صلی الله علیه وآله وسلم! تون دعا گهر ته اي منهنجا پروردگار! جيڪڏهن مون کي اهو عذاب ڏيکاريو وڃي جنهن سان هنن ڪافرن کي ڊيڄايو ٿو وڃي ته منهنجا مولیٰ سائين! مون کي انهن ظالم ماڻهن ۾ شامل نه ڪجانءِ.(93-94) يقينًا اسان توکي اهو ڏيکارڻ تي قادر آهيون، جنهن عذاب جي اسان هنن کي ڌمڪي ڏئي رهيا آهيون.(95) توکي برائيءَ جو مقابلو نيڪيءَ سان ڪرڻ گهرجي، اسان انهن سمورن ڳالهين کان بخوبي واقف آهيون، جيڪي هي ماڻهو بيان ڪري رهيا آهن.(96) ۽ اسان جي حضور اها التجا ڪندو رهه ته خدايا! مان شيطان جي وسوسن کان تنهنجي دامن ۾ پناهه وٺان ٿو.(97) ۽ ان جي به پناهه گهران ٿو ته هو مون وٽ اچن.(98) منڪرن کي انهيءَ حال ۾ جڏهن موت ايندو ته پنهنجو تاريڪ مستقبل ڏسي چوندا ته پروردگار! مون کي ذرا (دنيا) ۾ واپس ڪر.(99) ته زندگيءَ ۾ مون جيڪي موقعا ضايع ڪيا ته شايد هن دفعي مان نيڪ ڪم ڪري سگهان. حڪم ٿيندو هرگز نه، هي رڳو دل بهلائڻ واري ڳالهه آهي، جيڪا ڳالهه هي چئي رهيو آهي، هن جي پٺيان هڪ رڪاوٽ آهي، جيڪا ان ڏينهن تائين رهندي، جڏهن هنن کي اٿاريو ويندو. (100) پوءِ جڏهن صور ڦوڪيو ويندو ته ان وقت نه سندن پاڻ ۾ رشتيداري باقي رهندي ۽ نه وري ڪو ڪنهن جو پرسانِ حال هوندو.(101) ان وقت فيصلو انسان جي اعمال مطابق هوندو، جنهن جي عملن جو پلڙو وزني هوندو ته اهوئي ڪامياب ۽ ڪامران هوندو.(102) پر جنهن جو پلڙو هلڪو هوندو ته اهي ماڻهو

**هوندا، جن پاڻ کي بربادي ۾ وڌو. اهي هميشه جهنم ۾ رهڻ وارا هوندا.(103) هنن جا چهرا باهه جي شعلن جي لپيٽ ۾ سڙندا هوندا ۽ ان ۾ هنن جا چهرا بگڙيل هوندا.(104) ڇا ائين نه هيو ته منهنجون آيتون توهان جي سامهون پڙهيون ويندون هيون ته اوهان انهن کي ڪوڙو قرار ڏيندا هئا.(105) هو چوندا ته اي اسان جا رب! دراصل اسان جي بدبختي اسان تي ڇانيل هئي.(106)**

اي رسول ﷺ! تنهنجي اها خواهش هئڻ گهرجي ته اي منهنجا الله! جنهن اچڻ واري تباهي کان ڪافرن کي خبردار ڪيو ٿو وڃي، جيڪڏهن منهنجي زندگي دوران وقوع پذير ٿئي ٿي ته اها اهڙي وقت واقع ٿئي، جڏهن مان هنن سرڪشن جي درميان نه هجان. منهنجي مديني هجرت ڪرڻ بعد مڪي وارن تي اچي ته جيئن ان جي لپيٽ ۾ منهنجي جماعت جا افراد نه اچي وڃن. (الانفال: 25/8) انتهائي ناموافق حالتن ۾ هن دعا جي تلقين صاف ٻڌائي رهي آهي ته پيغمبر ۽ ان جي اصحابن جي غلبي ۽ نصرت جو ظهور ٿيڻ وارو آهي. اهو انقلاب توهان جي حيات مبارڪ ۾ ٿيندو، جنهن ۾ توهان جي مخالفن ۽ منڪرن جي ضرور هلاڪت هوندي. هن ۾ ظالم دشمن کان الڳ ڪرڻ ۾ به باريڪ اشارو هجرت مدينه طرف آهي. ۽ يقيناً اسان ان تي به قادر آهيون ته جن ڳالهين (عذاب) جو اسان وعدو ڪيو آهي، ان جا نتيجا تنهنجي زندگي ۾ ئي ظاهر ڪري توکي ڏيکاري ڇڏيون. (يونس: 46/10، يوسف: 40/12، الزخرف: 42/43، الرعد: 40/13) اي پيغمبر ﷺ! برائي کي برائي سان نه، پر اهڙي طرز عمل سان دور ڪر (يعني شفقت، عفو ۽ درگذر جي طريقي سان) اسان انهن ڳالهين کان بي خبر ناهيون، جيڪي هو تو بابت پنهنجن منصوبن ۾ رکن ٿا. ”وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ۚ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ“ (حٰم السجده 34/41) نيڪي ۽ برائي برابر نه آهن، پر انهن ۾ وڏو فرق آهي، برائي جو دفاع نيڪي سان ڪر، پوءِ تنهنجو دشمن ائين ٿي ويندو، جڻ دلي دوست آهي. (النحل: 125/16) ”وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا“ ۽ ماڻهن سان سنجيده ۽ سٺي گفتگو ڪريو. هنن جي تباهي ڪڏهن ايندي، ان جو انتظار نه ڪر. تون پنهنجي پروگرام کي جاري رکڻ ۾ سرگرم رهه. هنن جي پيدا ڪيل ناهموارين کي حسن عمل ۽ نيڪ سلوڪ سان دور ڪر. تون اهڙو معاشرو قائم

ڪري جنهن جي بنياد صداقت، ديانت، امانت، عدل ۽ احسان تي استوار هجي، جنهن سان خوشگوار ۽ انسانيت ساز نتيجا براين جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا. تنهنجي هميشه اها دعا هجي تہ خدايا! مان شيطان جي وسوسن کان تنهنجي دامن ۾ پناهه وٺان ٿو، هي شيطان صفت انسان جن جي ذهنيت ئي هميشه اهڙي تخريب ڪاري ۾ رذل آهي تہ هو پنهنجن شرارتن ۽ سازشن سان توهان جي جماعت ۾ تفرقو پيدا ڪري سگهن، انهن کان بچڻ لاءِ اوهان اسان جي قانون جي دامن ۾ پناهه وٺو. منهنجا رب! مان اها بہ دعا گهران ٿو ۽ پناهه ۾ اچان ٿو تہ هو مون وٽ اچن يعني انهن شيطان صفت ماڻهن کي منهنجي قريب اچڻ جي جرئت بہ نہ هجي. جيڪڏهن اهي شيطان يا شيطان صفت انسان منهنجي فريضہ نبوت ادا ڪرڻ ۽ دعوت دين ڏيڻ جي دوران مؤمنن جي دلين کي حق طرف مائل ٿيڻ کان متنفر ڪن. (الاعراف: 200/7، حٰم السجده 41/36) انهيءَ سلسلي جي ڪڙي اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بہ آهي.

هنن بدڪار ماڻهن جي جڏهن مرڻ جو وقت ايندو ۽ هنن اڳيان سندن ماضي جو نقشو صاف نظر ايندو ۽ ان جي نتيجن تي نگاهه وجهي پنهنجي رب آڏو پڪاريندا تہ اسان جا رب! اسان هڪ ٻيو موقعو عنايت ڪري، اسان کي دنياوي زندگي ڏانهن واپس ڪر تہ ان گذريل زندگيءَ ۾ مون جيڪي نيڪي ڪمائڻ ۽ برائي کان بچائڻ جا موقعا ضايع ڪيا آهن، اهي وري حاصل ٿي وڃن تہ مان نيڪي ڪري، بديءَ کان بچي پنهنجي لاءِ نجات جو ثمر ۽ سامان حاصل ڪري سگهان. (الانعام: 28/6-27، الاعراف: 52/7، ابراهيم: 45/14-44، المؤمنون: 105/23، 115، الشعراء: 102/26، السجده: 14/32، 47، فاطر: 35/ 27، الزمر: 59/39-58، المؤمن: 10/40، 12) هن کي ٻڌايو ويندو تہ اهڙيون خواهشون حاصل ڪرڻ جو وقت گذري ويو ۽ گذريل وقت واپس ٿي نٿو سگهي. زندگيءَ جو اهڙي طرح اعادو ممڪن ناهي، هاڻي هنن جي پنيان برزخ حائل آهي. ان ڏينهن جڏهن هو قيامت جي موقعي تي اٿاريا ويندا، هن آيت جو پوئين آيت سان ربط ڪري هن طرح بہ مفهوم ٿيندو تہ هنن جي پنيان (مِنْ وَّرَآئِهِمْ) اهڙي اوٽ آهي، جنهن جي ڪري هاڻي هو پنتي مڙي نٿا سگهن. هن جا ماضيءَ سان سڀ رابطا منقطع ٿي چڪا آهن. ان ڪري هنن جي ماضيءَ ۾ موٽي وڃڻ جي خواهش ناقابل عمل آهي، البتہ مرڻ کان بعد وري جڏهن قيامت واري

ڏينهن اٿاريا ويندا ته پوءِ اتي ماضي جي ماڻهن سان ملي سگهندا. (الزمر: 58/39) جڏهن صور ڦوڪي ويندي ۽ مرده جسمن ۾ توانائي موجزن ٿيندي ته هو ان وقت هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هوندا، پر ان وقت نه رشتيداريون باقي رهنديون ۽ نه وري ڪو شخص ٻئي شخص جو حال پرسان هوندو. (المعارج: 10/70 کان 14) نفسا نفسي جو عالم هوندو. ”يَوۡمَ يَكُوۡنُ النَّاسُ كَالۡفَرَاشِ الۡمَبۡثُوۡثِ ○ وَ تَكُوۡنُ الۡجِبَالُ كَالۡعِهۡنِ الۡمَنۡفُوۡشِ○“ (القارعة: 101/4-5) جنهن ڏينهن انسان پريشان پروانن وانگر هوندا ۽ پهاڙ ستيل رنگين اُن وانگر ٿي ويندا، ان ڏينهن انصاف جو ميزان قائم ٿيندو. پوءِ جنهن جو پلڙو نيڪ عملن جي ڪري وزني هوندو، اهو شخص ئي ڪامياب ۽ ڪامران ڏيکاريو ويندو، پر جنهن جي ترازو جو پلڙو هلڪو هوندو ۽ ان جي ذات تعمير ۽ ترقي کان محروم رهجي وئي هوندي ۽ انهن ۾ مزيد ترقي ڪرڻ جي صلاحيت نه رهي هوندي، اهو هميشه جهنم ۾ رهندو. ”فَاَمَّا مَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِيۡنُهٗ○فَهُوَ فِيۡ عِيۡشَةٍ رَّاضِيَةٍ○وَ اَمَّا مَنۡ خَفَّتۡ مَوَازِيۡنُهٗ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ○“ (القارعة: 101/6 کان 8) اتي ڪهڙي قسم جو ميزا هوندو ۽ اعمال ڪهڙي طرح توريا ويندا، هن وقت جي سائنس قرآن جي هن معجزاتي بيان جي تصديق ڪئي ۽ ان جي روشني ۾ بخوبي آگاهي ڏني آهي.

تباهيءَ واري باهه جا شعلا هنن جي چهرن کي ساڙيندا ۽ ان باهه ۾ هنن جا چهرا بدشڪل ٿي ويندا ۽ هنن کان پڇيو ويندو ته ڇا اِها حقيقت ناهي ته منهنجا قانون تنهنجي سامهون بيان ڪيا ويندا هئا ته تون ان مان ڪو فائدو حاصل نه ڪيو ۽ پنهنجي بي ڍنگي رفتار جاري رکي ۽ حق ۽ سچ جي پيغام تسليم ڪرڻ، ان جي تڪذيب ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندي ڪوڙو ڪونيو. اڄ جي هي باهه تنهنجي پنهنجي عملن جي دڪايل آهي. گويا تون هي باهه پاڻ گڏ ڪنيو آيو آهين. ان تي هو چوندا ته اسان جا پروردگار! اهو سڀ ڪجهه سچ آهي، جيڪوبيان ڪيو ويو آهي. هاڻي ايترو چئي سگهون ٿا اسان جي بدبختي اسان تي مسلط ٿي وئي ۽ اسان کي غلط رستي تي وٺي وئي، جنهن سبب اسان خدا جي موڪليل آيتن کان فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي وياسون. يعني ”رَبَّنَا ظَلَمۡنَآ اَنۡفُسَنَا“ اي رب! اسان پنهنجو پاڻ سان پاڻ ظلم ڪيا آهن، جنهن سبب اسان کي هي ڏينهن ڏسڻو پيو آهي، جتي نه ڪو اسان جو حمايتي آهي، نه مددگار، نه سفارش ڪرڻ وارو ۽ نه مال جي بدلي نجات حاصل ڪرڻ جي ڪا اميد آهي.

رَبَّنَآ اَخۡرِجۡنَا مِنۡهَا فَاِنۡ عُدۡنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوۡنَ ﴿١٠٧﴾ قَالَ اخۡسَـُٔوۡا فِيۡهَا وَ لَا
تُكَلِّمُوۡنِ ﴿١٠٨﴾ اِنَّهٗ كَانَ فَرِيۡقٌ مِّنۡ عِبَادِىۡ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغۡفِرۡ لَنَا
وَ ارۡحَمۡنَا وَ اَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّخَذۡتُمُوۡهُمۡ سِخۡرِيًّا حَتّٰۤى اَنۡسَوۡكُمۡ
ذِكۡرِىۡ وَ كُنۡتُمۡ مِّنۡهُمۡ تَضۡحَكُوۡنَ ﴿١١٠﴾ اِنِّىۡ جَزَيۡتُهُمُ الۡيَوۡمَ بِمَا صَبَرُوۡۤا ۙ
اَنَّهُمۡ هُمُ الۡفَآٮِٕزُوۡنَ ﴿١١١﴾ قٰلَ كَمۡ لَبِثۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ عَدَدَ سِنِيۡنَ ﴿١١٢﴾
قَالُوۡا لَبِثۡنَا يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ فَسۡـَٔلِ الۡعَآدِّيۡنَ ﴿١١٣﴾ قٰلَ اِنۡ لَّبِثۡتُمۡ اِلَّا
قَلِيۡلًا لَّوۡ اَنَّكُمۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿١١٤﴾ اَفَحَسِبۡتُمۡ اَنَّمَا خَلَقۡنٰكُمۡ عَبَثًا وَّ
اَنَّكُمۡ اِلَيۡنَا لَا تُرۡجَعُوۡنَ ﴿١١٥﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الۡمَلِكُ الۡحَـقُّ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ
رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡكَرِيۡمِ ﴿١١٦﴾ وَمَنۡ يَّدۡعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرۡهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ
فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنۡدَ رَبِّهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفۡلِحُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿١١٧﴾ وَ قُلۡ رَّبِّ اغۡفِرۡ وَ
ارۡحَمۡ وَ اَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿١١٨﴾ ع

اي اسان جا پروردگار! هڪ بار اسان کي هتان (دوزخ مان) ڪڍ جيڪڏهن اسان
ٻيهر اهي (برا) ڪم ڪيون ته پوءِ واقعي اسان وڏا ظالم آهيون.(107) الله عزو
جل فرمائيندو، هاڻي توهان ذليل ۽ خوار ٿي انهيءَ (دوزخ) ۾ پيا هجو ۽ مون
سان ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪيو. (108) يقينًا منهنجن ٻانهن مان ڪجهه اهڙا ماڻهو به هئا،
جيڪي چوندا رهندا هئا اي اسان جا پروردگار! اسان ايمان آندو آهي، بس تون

اسان کي بخش ڪرڻ فرماءِ ۽ تون سمورن رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ بهتر
رحم ڪرڻ وارو آهين.(109) توهان وري اهڙن مؤمنن تي ٺٺول ڪندا هئا،
ايتري قدر جو انهي تمسخر جي محبت ۾ مصروفيتن توهان کي منهنجي ذڪر
(يادگيري) کان ڀُلائي رکيو ۽ توهان هنن (مومنن) تي کلون ڪندا هئا.(110)
اڄ مون هنن کي سندن صبر جو سلو ڏنو آهي ۽ اڄ يقينًا اهي ڪامياب آهن.
(111) پوءِ هو هنن کان پڇيو ويندو ته ڪيترا سال زمين ۾ رهيا آهيو.(112)
چوندا ته اسان هڪ ڏينهن يا وڌ مان وڌ ڀ ڏينهن رهيا آهيون، ڀلي حساب
ڪندڙن کان پڇي ڏسو.(113) الله تعالىٰ فرمائيندو ته توهان ٿورڙو عرصو رهيا
آهيو، ڪاش ڪ اوهان ماڻهو ان کان باخبر هجو ها. (114) ڇا توهان اهو
سمجهيو هيو ته اسان توهان کي نڪمو يا بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ ٻيو اهي ته
توهان اسان ڏانهن موٽايا نه ويندا.(115) جيڪو الله حقيقي بادشاهه آهي، اهو
نهايت بلند بالا آهي، ان ڪانسواءِ ڪو معبود ناهي، اهو نهايت عزت واري
عرش جو مالڪ آهي. (116) پوءِ جيڪو الله سان ٻئي ڪي به معبود سڏي، جنهن
جي باري ۾ هن وٽ ڪو دليل ناهي ته ان جو حساب ان جي رب وٽ آهي.(117)
۽ هميشه اها دعا گهر ته پروردگار! تون اسان کي بخش ڪر، اسان تي رحم
جي نظر ڪر ۽ تنهنجي ذات گرامي سمورن رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم
ڪرڻ واري آهي.(118)

---

اي اسان جا پروردگار! اسان تي حقيقت حال پوري طرح چٽي ٿي چڪي آهي ته
اسان جو اهڙو حال ڪهڙي سبب ٿيو آهي. تسليم ڪيون ٿا ته اسان کان غلطي ٿي آهي.
هاڻي هڪ دفعو هن عذاب کان نجات ڏئي هتان ٻاهر ڪڍ، جيڪڏهن ان بعد وري به ساڳيا
بداعمال ڪريون ته پوءِ واقعي مجرم قرار ڏيڻ جي لائق هونداسون. هن عرض گذاشت جي

جواب ۾ ڪين چيو ويندو تہ زندگيءَ جي اها منزل پنتي رهجي وئي آهي، جتي اوهان کي هن موجوده زندگيءَ جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻو هيو، هاڻي ٻيهر اها واپس نٿي اچي سگهي. توهان جيڪي پاڻ سان سرمايو ڪٺي آيا آهيو، ان جو حساب ڏيندو. هاڻي توهان کي جهنم واري ذلت ۽ خواري جي زندگي گذارڻي هوندي، هاڻي هن بابت ڳالهائڻ بي سود آهي. (108) توهان کي ياد ناهي تہ منهنجي ٻانهن ۾ هڪ اهڙي جماعت هئي، جنهن جي اها پڪار هئي تہ اي اسان جا پروردگار! اسان تو تي ايمان آڻيون ٿا ۽ تنهنجن سمورن حڪمن جي برحق هجڻ جي دل سان تصديق ڪريون ٿا ۽ پورو پورو يقين رکون ٿا تون اسان جون خطائون بخش ڪر، مخالفن جي شر کان محفوظ ڪر ۽ اسان تي نگاهِ ڪرم جاري رک. يقيناً تو جهڙي ارحم الراحمين هستي ڪا بي موجود ناهي. تنهنجي ذات گرامي ئي سمورن رحم ڪندڙن کان وڏيڪ رحم ڪرڻ واري آهي. منهنجي انهن ٻانهن جي جماعت جا ڪجهہ فرد غريب مسڪين هئا، جن کي توهان اڪثر پنهنجي ٺٺول جو نشانو بڻائيندا هئا ۽ سندن مذاق ڪندا هئا ۽ انهن جي مقابلي ۾ پاڻ کي ڀڏائيندا هئا. غرور ۽ تڪبر جي ڪري توهان اهڙي آخري حد تي پهچي چڪا هئا، جو توهان جي دل ۾ اسان جي ياد باقي نہ رهي، پر ان جي جاءِ تي اوهان تمسخر، ٺٺول ۽ مذاق کي گويا اسان جي ياد تي ترجيح ڏني. توهان هنن جو مذاق ڪندا رهيا ۽ ڪين طعني جو نشانو بڻائيندا رهيا تہ توهان جي هن نئين دين اوهان کي ڇا ڏنو آهي، توهان جي نصيب ۾ تہ اهو ئي فقر و فاقہ ۽ بک بيماري آهي. هن دين کي ڇڏي ڏيو، جنهن ۾ نہ اوهان جو حال سنو نظر اچي ٿو ۽ نہ وري مستقبل محفوظ آهي، پر منهنجا اها ٻانها مستقل مزاج هئا، انهن جي برداشت استقامت جو اهو نتيجو آهي، جو هو اڄ ڪامياب ۽ ڪامران آهن ۽ اوهان ذلت ۽ خواريءَ جو عبرت نما نشان آهيو.

هنن فاسقن ۽ فاجرن کان پڇيو ويندو تہ اوهان کي ياد آهي تہ دنيا ۾ اوهان ڪيترو عرصو رهيا تہ هو چوندا تہ اسان اتي هڪ پورو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو اتي رهيا آهيون. باقي وڌيڪ نيڪ معلوم ڪرڻو آهي تہ انهن کان معلوم ڪريو جيڪي ڏينهن هفتن مينهن ۽ سالن جو حساب رکندا اچن ٿا. هنن کي چيو ويندو تہ توهان اتي ڪيترو عرصو ئي رهيا هجو، هتان جي زندگي جي مقابلي ۾ جيڪا توهان کي بسر

ڪرڻي آهي، اهو پويون دور نهايت ٿورو هيو. ڪاش توهان ان چند روز جي عارضي ۽ بي بقا زندگي دوران عيش و عشرت کي ترجيح ڏيڻ بدران اڄ واري خوشگوار ۽ سدا بهار زندگي لاءِ ڪجھ ثمر گڏ ڪيو ها ته اڄ اوهان کي اهڙا ڏکيا ڏينهن نه ڏسڻا پون ها.

وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نه ضياع

(شاھ لطيف رحمة الله عليه)

اي اسان جا رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم! هن پوري حقيقت کي بيان ڪرڻ بعد هنن مخالفن کان معلوم ڪريو ته ڇا اوهان واقعي ائين سمجهو ٿا ته اسان توهان کي بي غرض و غايت ۽ بنا مقصد و منزل ائين عبث پيدا ڪيو آهي ۽ اتفاقًا حادثاتي طور هن دنيا ۾ اچي ويا، ڪجھ ڏينهن زنده رهيا ۽ خاڪ سپرد ٿي ويا ۽ بس زندگيءَ جو فسانو اهڙي طرح اختتام تي پهتو. انهي دوران توهان جو خيال هيو ته جيڪو اوهان جي جيءُ ۾ اچي، اهو ڪندا رهو توهان آزاد آهيو، توهان کان ڪو به پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارو نه آهي ۽ اوهان تي اسان جي قانون مڪافات جي رسائي ناهي. توهان جو اهو سمورو خيال باطل ۽ غلط هيو. اوهان کي پنهنجي اعمال جي جواب دهي لاءِ مجرم جي حيثيت ۾ اسان جي آڏو حاضر ٿيڻو هيو. ياد رهي ته آخرت جي يقيني تصور کان سواءِ زندگي بي معنىٰ ٿيو وڃي. پوءِ انسان ۽ وحشي جانورن ۾ ڪو فرق باقي نٿو رهي، پر جيڪڏهن اهو يقين آهي ته هن حياتيءَ بعد ٻي زندگي اچڻي آهي ۽ ان ۾ خوشگوار رهڻ لاءِ هن دنيا ۾ ڪجھ ڪرڻو آهي ته آخرت جو انجام سٺو رهي.

ستا اٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نه ملي

(شاھ لطيف رحمة الله عليه)

بهرحال هڪ ذي شعور انسان آخرڪار هن نتيجي تي پهچي وڃي ٿو ته "رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ" (آل عمران: 191/3) اي اسان جا پروردگار! تو هي سڀ ڪجھ بي مقصد پيدا نه ڪيو آهي. تون اهڙي صفت کان پاڪ صاف آهين، اسان کي

باهہ جي عذاب کان بچائجانءِ. ياد رکو خدا جو قانون نوس ۽ بامعنىٰ نتيجا ظاهر کندو آهي، جيڪو بي يقيني ۽ بڌتر کان بلڪل آجو ۽ پاڪ صاف آهي. هن جو هر ڪم حق آهي ۽ حقيقت تي مبني آهي. ڪائنات ۾ هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو اقتدار نہ آهي ۽ ان جي تمام نظم و نسق جو مرڪزي ڪنٽرول ان جي دست قدرت ۾ آهي. اهوئي حقيقي شهنشاهہ آهي. انساني تصور، عقل و شعور جي پهچ کان گهڻو گهڻو بلند بالا آهي. اهو ڪل اختيار جو اڪيلو مالڪ آهي ۽ حقيقي شهنشاهہ آهي، نهايت قدر شناس ۽ مهربان آهي. اهو پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي پنهنجي نعمتن سان نوازي ٿو ۽ نافرمان ۽ باغي ٽولي کي جهنم رسيد ڪري، دائمي عذاب حوالي ڪري ٿو. هن کان سواءِ ڪوبہ عبادت ۽ اطاعت جي لائق نہ آهي. هو نهايت اعلىٰ مقام ۽ عزت واري عرش عظيم جو مالڪ آهي. جيڪڏهن ڪو نااهل ۽ نافرمان الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود جو درجو ڏئي ٿو، يعني الله کي بہ مڃي ٿو، پر ان سان گڏ غيرالله کي بہ پڪاري ٿو، جنهن بابت هن وٽ ڪوئي برهان، ڪائي سَنَدَ موجود ناهي تہ اهڙي شخص جو حساب خدا وٽ ٿيڻو آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اهڙا ڪافر ۽ منڪر ماڻهو فلاح حاصل ڪري نہ سگهندا. ۽ تون اهڙي مالڪِ ڪل ۽ خالقِ ڪل جي آڏو نهايت عجز و انڪساري، خشوع و خضوع سان درخواست گذار ۽ دعا جو طلبگار ٿي عرض ڪر تہ اي اسان جا پروردگار! تون اسان کي اسان جا گناهہ ڏوهہ سڀ بخش ڪرڻ فرماءِ. بيشڪ تون رحمان آهين، رحيم آهين ۽ سمورن رحم ڪندڙن کان نهايت ۽ وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين.

---

الحمد لله والشکر له بي پايان توفيق ۽ اعانت سان اڄ صبح ساڍي ستين وڳي بروز سومر تاريخ 18 شوال 1444هجري بمطابق 8 مئي 2023عيسوي سورة المؤمنون جو ترجمو ۽ تشريح اختتام پذير ٿيو.

سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم- وما توفيقي الا بالله -بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني و اياکم بالآيات والذکر الحکيم

(گلاسڪو-برطانيہ)

# سُوْرَةُ النُّوْرِ

هيءَ مدني سورت آهي. هن سورت ۾ الله جي نور جو ذڪر آهي، ان ڪري ان کي سورة النُّورِ سڏيو ويو آهي. قرآن پاڪ جي ترتيب ۾ 24 سورت آهي، پر نزول جي حساب سان هن جو شمار 105 لکيو وڃي ٿو. يعني قرآن پاڪ جون 104 سورتون هن کان اڳ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 9 سورتون هن کان بعد نازل ٿيون. نبي ڪريم ﷺ جڏهن مڪي کان مديني هجرت ڪري آيا ته اتي يهود سان بہ مصالحت جو معاهدو ڪرڻ فرمايائون. پاڻ ڪريمن ﷺ ته ان معاهدي جي پوري طرح وفا ڪرڻ فرمائي، پر يهودي، جيڪي ان وقت مديني جا رئيس ۽ سردار سڏيا ويندا هيا ۽ دولتمند ۽ مالدار هيا، اهي مديني ۾ اسلام جو ڏينهن به ڏينهن اثر ۽ شان شوڪت وڌندي ڏسي، سخت ناراض هيا، ان ڪري هو مسلمانن جي خلاف هميشہ آزار ۾ رهندا هيا. جڏهن 2 هجري ۾ هنن غزوه بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جي ذلت آميز شڪست ڏسي ۽ مسلمانن جي حيرت انگيز ڏٺي ته انهن جي غيض و غضب جي انتها نہ رهي ۽ هنن عهد شڪني شروع ڪري ڏني.

سورت جي شروع ۾ ئي چيو ويو آهي ته هي قرآن الله طرفان نازل ڪيو ويو آهي ۽ هن جي حڪمن تي عمل ڪرڻ فرض آهي. هن ۾ سڀ کان اول زاني مرد ۽ عورت جو بيان آهي. جنگ بدر جي شڪست کان بعد جنگ احزاب جو حملو ٿيو، جنهن ۾ ڪافرن جي ڏهه هزار لشڪر مديني جو محاصرو ڪيو، جيڪو هڪ مهيني تائين هليو. مسلمانن حضرت سلمان فارسي رضي الله تعالیٰ عنہ جي راءِ ڪي مجيندي، شهر جي ٻاهران خندق کوٽي، جتي مسلمانن کي ٽي تي ڏينهن بکيو گذارڻو پيو.

منافقن نبي ڪريم ﷺ تي هڪ اهو به حملو ڪيو ته هن حضرت زينب رضي الله عنها سان نڪاح چو ڪيو آهي، جڏهن ته سندس شوهر نبي ڪريم ﷺ جو متبنّیٰ (گود ورتل پٽ) آهي ۽ پٽ جي زال سان شادي چو ڪيائين ؟ جنهن ۾ قرآن وضاحت ڪئي ته گود ورتل پٽ اصل نسبي پٽ وانگر ناهي، ان ڪري هيءَ شادي جائز آهي. منافقن ٻيو حملو حضرت عائشه صديقه، طاهره، مُطّهره رضي الله عنها تي ڪري، تهمت جو طوفان کڙو ڪيو، جنهن ۾ قرآن ڪريم سندس عفت ۽ پاڪيزگيءَ جو اعلان ڪيو. هن سورة ۾ مسلمانن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو حضور ﷺ سان کهڙي نموني پيش اچن.

رکوع ۹ | سُوْرَةُ النُّوْرِ (مدني سورت) | آيتون ۶۴

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَ فَرَضْنٰهَا وَ اَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝۱
اَلزَّانِيَةُ وَ الزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ جَلْدَةٍ ۪ وَّ لَا تَاْخُذْكُمْ
بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَ
لْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝۲ اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً
اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّ الزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَ حُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝۳ وَ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ
فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّ لَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الْفٰسِقُوْنَ ۝۴ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ۝۵ وَ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ
اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝۶
وَ الْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۝۷ وَ يَدْرَؤُا
عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۝۸ۙ وَ

الْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ اِنْ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٩ وَ لَوْ لَا
فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ وَ اَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ۝١٠ ع

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

هيءَ هڪ سورت آهي، جو اسان نازل ڪئي ۽ ان جا احڪام لازمي قرار ڏنا، ميزان ۾ احڪام حق جون واضح نشانيون نازل ڪيون تہ جيئن توهان نصيحت حاصل ڪريو.(1) جيڪڏهن عورت ۽ مرد زنا ڪن تہ انهن مان هر هڪ کي سو ڪوڙا هڻو، جيڪڏهن اوهان الله تي ۽ آخرت واري ڏينهن تي يقين رکو ٿا. پر ائين نہ ٿئي تہ قانون خداوندي جي تعميل ڪندي (انهن مجرمن لاءِ) نرمي ۽ مهربانيءَ جو جذبو ڏيکاريو. سزا جاري ڪرڻ وقت مؤمنن جي هڪ جماعت موقعي تي موجود هجي.(2) زنا ڪندڙ مرد زنا ڪندڙ عورت يا مشرڪ عورت سان نڪاح ڪري. اهڙي طرح زنا ڪرڻ واري عورت سان زنا ڪندڙ مرد يا مشرڪ مرد نڪاح ڪري، پر مؤمنن لاءِ هن (زاني ۽ زانيہ) سان نڪاح ڪرڻ حرام ڪيو ويو آهي.(3) ۽ جيڪي ماڻهو پاڪ دامن عورتن تي تهمت لڳائين ۽ ثبوت ۾ (اکين ڏٺا) چار گواهہ پيش نٿا ڪن تہ انهن (تهمت هڻندڙ) کي اسي ڪوڙن جي سزا ڏيو ۽ ڪڏهن بہ هنن جي گواهي قبول نہ ڪريو. هي ماڻهو ئي پڪا فاسق آهن.(4) پر ها جن ماڻهن بدعمل کان بعد توبه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي تہ انهن کي بيشڪ الله بخشڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو آهي.(5) پر جيڪڏهن پنهنجن زال تي زنا جو الزام هڻن ۽ هنن کان سواءِ ڪو بہ ٻيو ماڻهو گواهہ نہ هجي تہ پوءِ هو مرد چار ڀيرا الله کي گواهہ بنائي، قسم کڻي تہ هو جو ڪجهہ بيان ڪري رهيو آهي، اهو سچ آهي.

(6) پوءِ پنجون ڀيرو چوي ته جيڪڏهن مان ڪوڙو آهيان ته مون تي الله جي لعنت هجي.(7) جيڪڏهن عورت به چار ڀيرا الله کي گواهه بنائي قسم کڻي ته هي آدمي پنهنجي بيان ۾ بلڪل ڪوڙو آهي ته پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ عورت مٿان سزا ٽري ويندي. (8) ۽ پنجين ڀيري چوي ته جيڪڏهن هي آدمي پنهنجي بيان ۾ سچو هجي ته مون تي الله جو غضب ٿئي. (9) جيڪڏهن الله جو فضل ۽ رحمت توهان جو ساٿ نه ڏئي ها ۽ ائين نه ٿئي ها ته توهان جو ڇا حال ٿئي ها. بيشڪ الله توبه قبول ڪرڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي.(10)

هيءَ هڪ اهم موضوع بيان ڪرڻ واري عظيم سورت آهي، جيڪا اسان نازل ڪئي آهي. هي عام معمولي شيءِ ناهي، پر هن ۾ بيان ٿيل احڪام وڏي اهميت وارا آهن، جن تي عمل ڪرڻ لازم آهي. (القصص: 85/28) هن جا احڪام سفارشون نه آهن، پر عائد ڪيل فرض آهن، جن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي. سورت جو لفظ بطور نڪره استعمال ٿيو آهي، جنهن جو مبتدا محذوف آهي، جنهن سان سورت جي عظمت ۽ اهميت ظاهر ٿئي ٿي. هن جي نهايت روشن آيتن تي عمل ڪري نصيحت حاصل ڪريو. مدينه منوره ۾ مسلمانن جي اجتماعي زندگي پوري طرح قيام پذير ٿي چڪي هئي ۽ هر طرح جا معاملا وقوع پذير ٿيڻ لڳا. ان ڪري هن سورت جو مرڪزي موضوع ازدواجي زندگي ۽ ان جي رونما ٿيندڙ مسئلن، خطرن ۽ نقصانن جو ازالو ڪرڻ ۽ حل پيش ڪرڻ آهي، جنهن ۾ نهايت سنگين معاملو زنا آهي، جيڪو خانداني زندگيءَ کي تباهه ڪرڻ جو سبب آهي. ان جي روڪٿام لاءِ حڪم آهي ته جيڪڏهن عورت ۽ مرد زنا ڪن ٿا ته انهن ٻنهي مان هر هڪ کي سؤ سؤ ڪوڙن جي سزا ڏيو، جيڪڏهن اوهان کي يقين آهي ته توهان کي الله ذوالجلال جي حضور ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ آخرت واري ڏينهن پورو پورو حساب ڏيڻو آهي ته ان ڏينهن ٿيڻ واري گرفت کان بچڻ لاءِ قانون الاهي جي تعميل ڪندي انهن مجرمن کي پوري پوري سزا ڏيو، جنهن ۾ نرمي ۽ مهربانيءَ جو جذبو اوهان جي راهه جي رڪاوٽ نه بڻجي. هيءَ سزا انهن مردن ۽ عورتن لاءِ آهي، جيڪي شادي شده نه آهن،

پر شادي شده لاءِ حديث مطابق رجم جي سزا آهي. شريعت موسوي ۾ رجم جي سزا موجود آهي، جنهن جي قرآن ۾ نفي نہ ڪئي وئي آهي، پر سنت رسول تي عمل ڪرڻ بہ ضروري آهي، ڇوتہ متعدد حديثن ۾ رسول خَاتَمِ النَّبِيِّينَ ﷺ جي سنت خلفاءِ راشدين جي عمل ڪرڻ ۽ اجماعِ امت مان ثابت آهي، پر جيڪڏهن مجرم بيمار آهي ۽ ان جي صحتياب هجڻ جي اميد نہ رهي، يا پوڙهو هجي، تہ ان کي سو لڪڙين واري ٻهاري يا وڻ جي ٽاريءَ سان هڪ دفعو آهستي هڻجي.

هي هڪ عائلي سنگين معاملو آهي، جنهن جي حڪم عدولي يا قانون شڪني ڪرڻ وارا ڪنهن بہ رعايت جا مستحق نہ آهن. نيز سزا ڏيڻ وقت مسلمانن جي هڪ جماعت موجود هجي، جيڪا هن عبرتناڪ منظر کي ڏسي هدايت حاصل ڪري. اجتماعي زندگي جي سڀ کان وڏي بنياد نڪاح جو معروف طريقو آهي، جنهن ۾ مرد ۽ عورت ازدواجي زندگي بسر ڪرڻ ۽ جنسي رفاقت ۽ ميلاپ جو عهد ڪن ٿا ۽ پوءِ هڪ ٻئي لاءِ مخصوص ٿي وڃن ٿا. زنا هڪ معاهدي جو ضد ۽ ڇڙواڳي جو مڪروه ۽ ممنوع عمل آهي، جيڪو هڪ مضبوط معاشري جي بنياد رکڻ بدران نفساني خواهش ۽ ناجائز عارضي شهوت پرستي جو اهڙو هاجيڪار بڇڙو فعل آهي، جيڪو معاشري ۾ زندگيءَ جي پلاڃن کي فنا ڪري ڇڏي ٿو. ازدواجي زندگي يا عائلي زندگي مضبوط نہ ٿي تہ اجتماعي زندگي انتشار ۽ هيجان جو شڪار رهندي. هن جي ضرورت ۽ اهميت کي مدنظر رکي سورت جو نهايت زوردار الفاظ ۾ آغاز ڪيو ويو آهي. جنهن شخص (مرد) کي زنا جو چسڪو لڳي وڃي ٿو، اهو زنا پيشہ عورت سان رسم و راهہ قائم ڪري ٿو ۽ جيڪا بدڪردار عورت زنا جي طلب ۾ رهندي آهي، اها بہ پاڻ جهڙن بدڪردار مردن سان جنسي شهوت جي خواهشمند رهندي آهي. (الجاثيہ: 23/45) مگر مؤمن مرد ۽ مؤمن عورت لاءِ اهڙو بڇڙو فعل حرام آهي. (البقره: 221/2)

هن آيت ۾ ”يَنْكِحُ“ مان شرعي اصطلاحي نڪاح جهڙي طرح البقره: 230/2 ۾ ”حَتّٰى تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهٗ“ آيو آهي، اهو اسلامي نڪاح مراد ناهي، پر نڪاح پنهنجي لغوي معنىٰ مرد عورت جي ميلاپ طور استعمال ٿيو آهي. ڇو تہ نہ مشرڪ مرد سان شرعي نڪاح جائز آهي ۽ نہ وري مشرڪ عورت سان شرعي نڪاح جائز آهي. ان ڪري مرد ۽

عورت جن کان زنا جو فعل ٿي ويو ۽ اهي توبه ڪري پاڪيزه زندگي گذارن ته ان کان وڌيڪ هو ڪهڙي خوبي هوندي جهڙي طرح ايمان ڪفر وارا سڀ گناهه ختم ڪري ٿو، اهڙيءَ طرح سچي توبه به مؤمن جا صغيره ڪبيره گناهه ڌوئي پاڪ ڪري ٿي. زاني مرد ۽ عورت ۾ مشرڪ ۽ مشرڪ جو انهي ڪري ذڪر آيو ته عربن جي ان وقت معاشري ۾ اهو زنا جو فعل عام هيو ۽ هنن جا ڪجهه نالي ماتر نڪاح، نڪاح نه هئا، ان ۾ ڪجهه صريح زنا هئي، تڏهن ته مؤمن ڪي معروف طريقي سان مرد ۽ عورت جو هميشه لاءِ هڪ ٻئي لاءِ مخصوص ٿي وڃڻ جو معاهدو جائز نڪاح ۾ رکيو ويو آهي.

زنا جي سزا ڏيڻ لاءِ شرط آهي ته جيسين چار گواهه اکين ڏٺي شهادت نٿا ڏين، ان وقت تائين ان کي زنا جو درجو نه ڏنو ويندو، جنهن سختيءَ سان زنا جو دروازو بند ڪيو ويو آهي، انهيءَ سختي سان سزا کان اڳ ثبوت لاءِ سخت شرط چار اکين ڏٺا گواهه رکيا ويا آهن. پوءِ خود فيصلو ڪريو ته ان سخت شهادت نه هجڻ بعد رڳو تهمت هڻي عورت کي غيرت جي نالي قتل ڪرڻ، ڇا قتلِ عمد جو سزا وار ناهي؟ بلڪل آهي. ان ڪري چيو ويو ته جيڪي ماڻهو عورتن تي تهمتون هڻن ٿا ۽ ثبوت ۾ اکين ڏٺا چار گواهه به پيش نٿا ڪن ته انهن تهمت مڙهيندڙن کي اسي ڪوڙن جي سزا ڏيو. ان بعد هنن ڪوڙن جي ڪڏهن به گواهي قبول نه ڪريو. هي بي اعتبار ماڻهو ئي اصل فاسق فاجر آهن. ياد رهي ته هت بهتان لڳائڻ لاءِ عورت جو حوالو آهي، پر هن اصول موجب پاڪدامن مرد تي الزام بهتان لڳائڻ ۽ چار گواهه (اکين ڏٺا) پيش نه ڪرڻ جي به اها ساڳي سزا آهي. ها پر جيڪڏهن اهڙي تهمت هڻڻ وارا ماڻهو سزا جا حقدار ٿي اسي ڪوڙن جي سزا پوڳڻ بعد توبه ڪري پنهنجي اصلاح ڪن ۽ معاشري ۾ قابل اعتماد ثابت ٿين ٿا ته بلاشڪ الله به مغفرت ۽ حفاظت ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحمت ڪرڻ وارو آهي. (المائده: 39/5) ياد رهي ته انفرادي ۽ اجتماعي طور معاشري جي فلاح ۽ بهبود لاءِ انساني عفت ۽ پاڪدامني نهايت ضروري آهي. انسان ۽ جانور ۾ به اهو ئي فرق آهي. زنا ڪو معمولي جرم ناهي ۽ نه وري شرعي طور ثابت ٿيڻ بعد معافي يا صلح نامي سان سزا معاف ٿي سگهندي. ڏنڊ ۾ معصوم عورت بدلي طور ڏيڻ ظلم جي انتها آهي، جڏهن صحتمند معاشري لاءِ عفت ۽ پاڪدامني نهايت قيمتي اثاثو، بي بها دولت ۽ مستقل قدر آهي. ان ڪري ان جي حفاظت

لاءِ نهايت عمده ۽ حڪمت ڀري تدبير ڪرڻ گهرجي. هت لفظ ”نڪاح ڪرڻ“ مان مراد جنسي تعلق قائم ڪرڻ آهي، نہ ڪہ شرعي اصطلاحي نڪاح، ڇو تہ لغت ۾ اهو لفظ ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. زنا بالجبر ۾ رڳو مرد سزا جو سزاوار آهي. غلام عورتن ۽ مردن لاءِ آزاد عورت جي مرد جي اڌ برابر سزا آهي. (هينئر غلاميءَ وارو عنصر موجود ناهي) هت زنا جو حڪم آهي.

هت هڪ ٻئي نازڪ مسئلي جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ مرد پنهنجي زال تي بدڪاري (زنا) جي تهمت لڳائي ٿو ۽ هن وٽ پاڻ کان سواءِ ڪو گواهہ موجود ناهي تہ اهڙي معاملي ۾ هن طرح فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ مرد چار ڀيرا الله کي حاضر ناظر سمجهي گواهي ڏئي تہ هو سچ چئي رهيو آهي ۽ پنجين ڀيري هي چوي تہ جيڪڏهن مون ڪوڙ چيو آهي تہ مون تي خدا جي لعنت هجي، يعني مان انهن سمورن حقن ۽ مفادن کان محروم ڪيو وڃان، جيڪي مون کي اسلامي حڪومت ۽ رياست ۾ هڪ شهري هجڻ جي حيثيت ۾ حاصل آهن. هن ڪارروائي جي مڪمل ٿيڻ سان عورت مجرم ٿي ويندي. پر بشرطيڪ هو خاموش رهي ۽ پنهنجو دفاع نہ ڪري. هو پنهنجي مدافعت ۾ اهڙي طرح الله کي حاضر ناظر ڄاڻي چار دفعا چوي تہ مرد ڪوڙو بهتان مڙهي رهيو آهي ۽ پنجين دفعي چوي تہ جيڪڏهن هو (مرد) تهمت هڻڻ ۾ سچو آهي تہ مون تي الله جو غضب ٿئي تہ پوءِ هو مرد واري الزام جي بدلي سزا ملڻ واري عمل کان بچي ويندي. هت چار شاهدن جو شرط نہ وجهي زال ۽ مڙس کي پنج دفعا قسم کڻي الزام ثابت ڪرڻ ۽ عورت کي ان الزام کان بري ٿيڻ لاءِ پنج دفعا قسم کي بري ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هي نازڪ مسئلو جيڪو گهٽو ڪري گهر جي چوديواري اندر ٿيندو آهي ۽ اتي عوام جو هجڻ نہ آهي تہ هت حالات مطابق معاملي کي حل ڪرڻ جو حڪم آهي.

اي مؤمنن جي جماعت! هي خدا جو وڏو فضل ۽ دائمي رحمت آهي، جو هن اهڙي نازڪ معاملي ۾ سزا سان گڏ عفو درگذر ۽ نرميءَ جي گنجائش رکي آهي ۽ وڏي سخت سزا کان بچڻ لاءِ تدبير بہ جوڙي آهي. حقيقت اها آهي تہ جيڪو شخص پنهنجي خطا ۽ لغزش جو احساس هجڻ بعد پنهنجي غلط روش ترڪ ڪري، خدا جي حڪم موجب زندگي گذارڻ جو عزم مصمم ڪري ٿو ۽ الله ڏانهن مڪمل طور رجوع ڪري ٿو تہ پوءِ

خدا جي رحمت، بخشش، عفو ۽ درگذر ڪرڻ واري صفت اعلىٰ ان ڪان وڌيڪ تيزيءَ سان ان جو استقبال ڪري ٿي. هي طريقو عين حڪمت آهي. قانون جو مقصد فرد جي اصلاح ۽ معاشري جي سلامتي مقصود آهي ته پوءِ جيڪڏهن الله عفو ۽ درگذر ڪرڻ سان سهولت ۽ آساني مهيا ڪري ٿو ته ٻانهن تي هي سندس عنايت، رحمت ۽ ربوبيت جو اظهار آهي. اهڙن نازڪ ۽ حساس مسئلن جن ۾ ٻيڙو ڪم مخفي طور ٿئي ٿو ات هن ڪان ڏيڪ کهڙو قانون لاڳو ٿي سگهي ٿو.

---

إِنَّ الَّذِينَ جَآءُو بِالْإِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنكُمْ ۚ لَا تَحْسَبُوهُ شَرًّا لَّكُم ۖ بَلْ هُوَ
خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُم مَّا اكْتَسَبَ مِنَ الْإِثْمِ ۚ وَالَّذِي تَوَلَّىٰ كِبْرَهُ
مِنْهُمْ لَهُ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١١﴾ لَّوْلَا إِذْ سَمِعْتُمُوهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُونَ وَ
الْمُؤْمِنَاتُ بِأَنفُسِهِمْ خَيْرًا وَّ قَالُوا هَٰذَا إِفْكٌ مُّبِينٌ ﴿١٢﴾ لَّوْلَا جَآءُو
عَلَيْهِ بِأَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَإِذْ لَمْ يَأْتُوا بِالشُّهَدَآءِ فَأُولَٰٓئِكَ عِندَ اللَّهِ هُمُ
الْكَاذِبُونَ ﴿١٣﴾ وَ لَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةِ
لَمَسَّكُمْ فِي مَآ أَفَضْتُمْ فِيهِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٤﴾ إِذْ تَلَقَّوْنَهُ بِأَلْسِنَتِكُمْ وَ
تَقُولُونَ بِأَفْوَاهِكُم مَّا لَيْسَ لَكُم بِهِ عِلْمٌ وَّ تَحْسَبُونَهُ هَيِّنًا ۖ وَّ هُوَ عِندَ
اللَّهِ عَظِيمٌ ﴿١٥﴾ وَ لَوْلَآ إِذْ سَمِعْتُمُوهُ قُلْتُم مَّا يَكُونُ لَنَآ أَن نَّتَكَلَّمَ
بِهَٰذَا ۖ سُبْحَانَكَ هَٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيمٌ ﴿١٦﴾ يَعِظُكُمُ اللَّهُ أَن تَعُودُوا لِمِثْلِهِ
أَبَدًا إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧﴾ وَ يُبَيِّنُ اللَّهُ لَكُمُ الْآيَاتِ ۚ وَ اللَّهُ عَلِيمٌ

حَكِيْمٌ ﴿۱۸﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ
لَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ وَ اَنَّ اللّٰهَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۰﴾ ع

النصف ع ۲ ۸

جن ماڻهن هي بهتان مڙهيو آهي، اهي توهان مان ئي هڪ جماعت آهي، هن کي پنهنجي حق ۾ برو نہ سمجهو، پر هي توهان لاءِ خير آهن. هنن مان جنهن شخص بہ هن (بهتان) ۾ حصو ورتو آهي، ان لاءِ اوترو ئي وبال آهي ۽ انهن مان جنهن شخص بہ بهتان ۾ وڏيک ڪردار ادا ڪيو آهي، ان لاءِ اوترو ئي وڏو عذاب آهي.(11) جڏهن اوهان هن واقعي بابت ٻڌو تہ اوهان مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتن پنهنجي دل ۾ نيڪ گمان ڇو نہ ڪيو، هنن اهو ڇو نہ چيو تہ هي هڪ چٽو پٽو ظاهر ظهور بهتان آهي.(12) هن الزام (جي تصديق) لاءِ هو چار گواهہ ڇو نہ پيش ڪري سگهيا، جڏهن هي گواهہ پيش نہ ڪري سگهيا تہ پوءِ هو خدا جي قانون مطابق ڪوڙا آهن.(13) جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت ۾ توهان تي خدا جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ جنهن (ڪوڙي) واقعي جي اوهان تشهير ڪري رهيا هئا، ان جي ڪري اوهان تي نهايت سخت عذاب اچي ڪڙڪي ها. (14) جڏهن توهان پنهنجي زبانن سان هي ڊونڊورو بيان ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي وات سان اها ڳالهہ چئي رهيا هئا، جنهن جو اوهان کي ٿورڙو بہ علم نہ هيو. توهان تہ هن کي هڪ هلڪي (معمولي) ڳالهہ سمجهيو ٿي، پر الله وٽ اها وڏي اهم ڳالهہ هئي.(15) جڏهن توهان اها ڳالهہ ٻڌي هئي تہ ائين ڇو نہ چيو تہ اسان کي سونهي نٿو ۽ سنو ناهي تہ اسان اهڙي ڳالهہ پنهنجي زبان تي آڻيون، اسان جا پروردگار معاذالله! هي تہ وڏو بهتان آهي.(16) الله توهان کي

(تنبيه آميز) نصيحت ڪري ٿو تہ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ وري اهڙو غلط ڪم نہ ڪجو.(17) الله اوهان جي سڌرڻ لاءِ پنهنجون آيتون کولي کولي بيان ڪري ٿو، خدا عليم سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو ۽ حڪيم هر ڪم حڪمت سان ڪرڻ وارو آهي.(18) بيشڪ جيڪي ماڻهو اهو پسند ڪن ٿا تہ مؤمنن ۾ ”اَلۡفَاحِشَةُ“ يعني زنا جهڙي تهمت واري خبر هر هنڌ پهچي تہ اهڙن ماڻهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب هوندو. الله کي هر شيءِ معلوم آهي، پر اوهان بي خبر آهيو.(19) جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ ڇا ڪجھ نہ ٿي وڃي ها، پر الله رؤف رحيم محبت ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.(20)

---

هي واقعو جو رونما ٿيو آهي، ان تي غور ڪريو. هن ۾ خود بعض ماڻهو اوهان جي جماعت جا آهن، جيڪي پنهنجي جماعت جي ماڻهن خلاف بهتان گهڙي آيا هئا. هنن پنهنجي طرفان گهريو ٿي تہ معاشري ۾ سخت خرابي پيدا ٿي وڃي، پر توهان اهو خيال نہ ڪريو تہ واقعي هن واقعي سان ڪا خرابي پيدا ٿي آهي، پر هن ۾ اوهان لاءِ خير جو پهلو بہ آهي تہ معاشري جو هڪ نوس مقدمو پيش آيو، جنهن جو فيصلو الله جي قانون جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويو ۽ هر هڪ کي معلوم ٿي ويو تہ اهڙي نازڪ ۽ حساس معاملي ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ اڳتي اهڙو تڪڙو قدم کڻڻ ۽ ڪوڙي بهتان پکيڙڻ کان بچڻ گهرجي. اهڙن مجرمن مان هر هڪ شخص کي ان جي ڪيل ڪردار موجب ضرور سزا ملندي ۽ جيڪو هن شرارت جو وڏو مجرم آهي، ان لاءِ وڏو عذاب تيار آهي.

منافقن اهڙو سنگين بهتان امان سائڻ، خاتونِ جنت حضرت عائشہ طاهره، مُطهره، صديقه رضي الله عنها جهڙي پاڪدامن پرهيزگار عورت تي لڳايو هو، جنهن ۾ هو نامراد ۽ ناڪام ٿيا. قرآن ان بهتان کي ”اِفۡكٌ“ سان تعبير ڪيو آهي. ان ڪري سيرت جي ڪتابن ۾ بہ انهيءَ لفظ سان آيو آهي. ”عُصۡبَةٌ مِّنۡكُمۡ“ مان مراد اهو شرير گروھ آهي، جيڪو پنهنجي بدنيتي سان هن ڪوڙي الزام تراشي کي پکيڙي پنهنجا مذموم مقصد حاصل

ڪرڻ تي گهريا. انهن لاءِ وڏو عذاب آهي، پر انهن جو سرغنو عبدالله بن اُبَيّ، جنهن وڏي مان وڏو بچڙو ڪردار ادا ڪيو، ان لاءِ تہ تمام وڏو دردناڪ عذاب آهي. الله تعالیٰ حضرت عائشه سلام الله عليها جي خلاف اٿاريل هن ڪوڙي بهتان جي خلاف ۽ امان سائڻ جي برائت لاءِ سندس پاڪدامني ۽ پاڪبازي جي گواهي ڏيڻ لاءِ آيات قرآني جو نزول ڪرڻ فرمايو آهي، تڏهن تہ وجي هي پڙڪندڙ شعلو ٿڌو ٿيو.

مؤمن ماڻهن جو شان آهي تہ هو سوچي سمجهي وک وڌائي ۽ ڪو ڪم يا گفتگو ڪن تہ ان ۾ احتياط ڪن، پر هن معاملي ۾ ائين چو نہ ٿيو تہ جڏهن هي واقعو اوهان جي ڪنن تائين پهتو هيو تہ مؤمن مرد توڙي عورتون ان ڪي پنهنجي زبان تي نہ آڻين ۽ هن ڪي پنهنجي لاءِ خير سمجهن ها. هن واقعي ۾ خير جا ئي پهلو نظر اچن ٿا، هڪ تہ مسلمانن ڪي آستين جي نانگ گروهہ جي معلوم ڪرڻ جو موقعو ملي ويو، جڏهن هن واقعي ۾ اهي ڪردار نڪري نروار نہ ٿين ها تہ اندر ئي اندر ۾ هي زخم (مرض) وڌيڪ مهلڪ ٿيندو وڃي ها. هن جو ٻيو خير جو پهلو اهو آهي تہ جيڪي ڪمزوريون مسلمانن جي اندر دٻيل هيون، اهي پڌريون ٿي پيون ۽ انهن جي اصلاح ۽ تدبير ٿي وئي. ان ڪري معاشري جي تطهير ٿي وئي. ٽيون خير جو پهلو اهو نڪتو تہ اهڙن اهم معاملن جي اصلاح ۽ تنظيم لاءِ ڪيترن ئي احڪامن جي نزول لاءِ هڪ سازگار فضا ۽ ماحول مهيا ٿي ويو. جيڪڏهن هن واقعي جي ڪا اصليت هئي يا صداقت هئي تہ پوءِ پنهنجي ثبوت ۾ چار گواهہ چو پيش ڪرڻ ڪان قاصر رهيا. باقي پنهنجي منهن بنا ثبوت اهڙي الزام ڪي پکيڙڻ، جنهن جو بنياد آهي نہ وجود، غير ذميداري ۽ شرارت جو فعلِ بد آهي. ان ڪري اهڙن قانون شڪن ۽ افواهہ پکيڙيندڙن منحوس ماڻهن ڪي خدا پسند نٿو ڪري، پر الله وٽ اهي ماڻهو ڪوڙا آهن، جن ماڻهن هن الزام تراشيءَ ۾ وڏ ڪان وڏ حصو ورتو هيو ۽ ثبوت ۾ چار گواهہ بہ پيش نہ ڪري سگهيا هئا، انهن ڪي الله جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم اسي اسي ڪوڙن جي سزا ڏني، چو تہ هن واقعي ڪي الله تعالیٰ ڪوڙو قرار ڏئي قابلِ گرفت قرار ڏنو هيو.

هي تہ الله جو خاص فضل ۽ ان جي وڏي رحمت جو معاملو زياده نہ وڌيو ۽ جلد سنڀالجي ويو، ورنہ جنهن انداز سان هن فتني جي زد ۾ اچي ويا هئا، اوهان تي هن دنيا ۾

ئي تباهي اچي ويندي ۽ دنياوي عذابن جو نشانو بڻجي ويندا ۽ ان جا اثر ايترو ته ڏور رس آهن، جو توهان مستقبل ۾ ۽ آخرت ۾ به تباهه ۽ برباد ٿيندا. هن شرارت سان ممڪن هيو ته اوهان جي معاشري ۾ ايترو ته خلفشار ۽ افراتفري پيدا ٿئي، جو اڳتي هلي خانه جنگيءَ جي صورت اختيار ڪري، جنهن سان اوهان کي فوري نقصان به پهچي ۽ ان جي آگ جا شعلا مانا ٿيڻ بدران دور دور تائين پکڙجن وڃي ۽ هن تباهيءَ جو سلسلو رڳو اوهان جي موجوده زندگي تائين محدود نه رهي، پر توهان جي اخروي زندگي به تباهه ٿي وڃي ۽ قتل و غارت تائين پهچي وڃي. (النساء: 93/4)

حقيقت اها آهي ته توهان هن اهم ۽ حساس معاملي جي نزاڪت کي ئي نه سمجهيو. ان کي بس هڪ معمولي ڳالهه سمجهي ان کي پکيڙڻ ۾ مصروف ٿي ويا ۽ ان کي بنا ڪنهن تحقيق ۽ تفتيش جي اڳتي وڌائيندا ويا. (بني اسرائيل: 36/17، الحجرات: 6/49) حالانڪ هي معاملو خدا جي قانون ۾ نهايت سنگين هو، پر اوهان هن معاملي جي اهميت ۽ حساسيت جو احساس به نه ڪيو. جنهن معاملي کي اوهان معمولي ڳالهه سمجهي رهيا هئا، الله جي قانون ۾ اها وڏي ڳالهه هئي. حالانڪ الله کي پوري خبر هئي ته هي تهمت بجاءِ خود ڪوڙي آهي، پر جنهن رنگ ۾ هن کي پيش ڪيو ٿي ويو، ان جي ڪا به گنجائش نه هئي ۽ بي جا من گهڙت قصي کي وڌائي وڌائي پيش ڪرڻ وارو ناروا عمل الله وٽ نهايت اهم ۽ قابل مؤاخذه هيو. ڪنهن به پاڪدامن مسلمان عورت تي تهمت لڳائڻ قبيح حرڪت آهي، پر اُمُّ المؤمنين، حرمِ پاڪ رسول ڪريم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم کي تهمت جو هدف بنائڻ، الله وٽ اها گندي حرڪت ڪيتري نه ناپسنديده هوندي. (الاحزاب: 58/33) هي ڪا معمولي ڳالهه نه هئي، پر هڪ نهايت اهم سنگين ۽ قابل غور معاملو هيو، ان ڪري اوهان جڏهن هن کي ٻڌو هيو ته اوهان جو پهريون رد عمل ئي اهڙو هجڻ گهرجي ها ته اسان لاءِ مناسب ناهي ته اسان هن سلسلي ۾ پنهنجي زبان کوليون ۽ هن متعلق ڪا ڳالهه ڪريون. توهان کي ضرور محسوس ڪرڻ کپندو رهيو ته هي الزام نهايت سنگين نتيجا ظاهر ڪري سگهي ٿو. مسلمانن ۾ تفريق جو باعث بڻجي، باهمي رنجش سبب جنگ جو ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو. اوهان ته ائين چئو ها ته اصل پاڪيزگي الله جي ذات کي آهي، پر امان سائڻ حضرت عائشه سلام الله عليها تي هي ڪوڙي تهمت ان پاڪ

دامني ۽ پرهيزگاريءَ خلاف هڪ عظيم جرم آهي. بهرحال هي واقعو گذري ويو، پر الله تعالىٰ هن معاملي کي مد نظر رکي توهان کي هن جي شدت سان سمجهائي ڇڏي رهيو آهي ته جيڪڏهن توهان الله جي حڪمن کي مڃڻ وارا مؤمن آهيو ته هن قسم جي حرڪت دوباره نه ڪجو. هن ڀيري ته الله نرمي وارو رويو رکيو آهي، پر دوباره ائين ڪرڻ جي جرئت ڪئي ته پوءِ مڪافات عمل جو قهري قانون حرڪت ۾ اچي ويندو.

در حقيقت اصل مقصد به اهو هيو ته هن قسم جي الزام تراشي جي سنگين جرم جي متعلق قانون کي وضاحت سان بيان ڪيو وڃي ته جيئن اڳتي لاءِ ماڻهن کي آگاهي ۽ اطلاع ڏئي اهڙن سنگين معاملن کان پري رهڻ جو ڪردار ادا ڪري. الله تمام امور جو علم رکي ٿو ۽ هن جي هر ڳالهه حڪمت تي مبني آهي.

ياد رکو، جيڪي بدانديش ماڻهو انهيءَ ڪوشش ۾ آهن ته مؤمنن جي جماعت ۾ اهڙي قسم جون بي حيائي ۽ فحاشي واريون ڳالهيون پکيڙي، مسلم معاشري کي پاڪيزه زندگي کان بي حيائي واري راهه تي هلائين. هنن بدنيت ماڻهن کي هنن جي هن منحوس فعل جي بدلي ۾ هن زندگي ۾ قانون قدرت موجب سخت سزا ملندي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ به وڏي عذاب جي حوالي هوندا. ڇو ته هنن معاشري ۾ فحاشي ڦهلائي، بي حيائيءَ کي عام ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي، حالانڪ حڪم ته اهو آهي ته ڪنهن به برائي جو چرچو يا تشهير نه ڪئي وڃي. ميڊيا يا افواهن جي حوالي سان ان کي پکيڙڻ کان پرهيز ڪجي ۽ قانوني طريقي سان مجرمن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪجي، ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا ڏياري وڃي ته جيئن هڪ جي سزا هزارن جي لاءِ هدايت جو سامان بڻجي وڃي.

حقيقت اها آهي ته جهڙي طرح هن سورت جي آيت 21 ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن خدا جو فضل ۽ رحمت توهان جي شامل حال نه هجي ها ته توهان هن وقت تائين وڏي نقصان ۾ اچي وڃو ها. هو (الله) اهڙن معاملن ۾ صحيح رهنمائي ان لاءِ ڪندو آهي ته انسان خبردار ٿي وڃي ۽ الله نٿو گهري ته هن بي خبري ۽ لاعلمي ۾ تباهه ٿي وڃي. الله انسانن جو خير خواهه آهي. هو هنن جي ڀلائي جو خواهان آهي ۽ هنن جي برائي کان حفاظت ڪرڻ گهري ٿو. هنن جي تباهي ۽ بربادي نٿو گهري.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ وَ مَنْ يَّتَّبِعْ خُطُوٰتِ
الشَّيْطٰنِ فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ
رَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّ لٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ
سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ وَ لَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي
الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۪ۖ وَ لْيَعْفُوْا وَ لْيَصْفَحُوْا ؕ
اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۪ وَ لَهُمْ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ ۙ يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ
بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ يَوْمَئِذٍ يُّوَفِّيْهِمُ اللّٰهُ دِيْنَهُمُ الْحَقَّ وَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّ
اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ﴿٢٥﴾ اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَ الْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَ
الطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَ الطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ؕ
لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٦﴾ ع ٣ ع ٦ ٩

مسلمانؤ! شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو، جيڪو ماڻهو بہ ان جي قدم بقدم هليو تہ اهو ماڻهو يقين رکي تہ شيطان ان کي برائي ۽ بي حيائي جي راهہ تي هلائيندو، جيڪڏهن اوهان تي اللّٰه جو فضل ۽ رحم نہ هجي ها تہ توهان مان ڪو هڪ بہ پاڪ صاف نہ هجي ها. مگر اللّٰه جي مشيت جنهن کي گهري تہ

پاڪ ڪري ٿي. الله سڀ ڪجھ ٻڌڻ وارو ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.(21) ۽ توهان ۾ جيڪي صاحبِ فضيلت ۽ وسعت وارا آهن، اهڙو قسم نہ کڻن تہ هو رشتيدارن، محتاجن ۽ مهاجرن جي مدد ڪرڻ کان پنتي هٽي ويندا. انهن کي گهرجي تہ معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر وارو معاملو ڪن. ڇا اوهان نٿا گهرو تہ الله توهان جا قصور معاف ڪري، الله تہ آهي ئي بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو.(22) جيڪي ماڻهو پاڪدامن عورتن تي جن کي اهڙن برن ڪمن ڏانهن ڌيان بہ ناهي ۽ الله تي سچو ايمان رکن ٿيون، انهن تي بي جا تهمت لڳائن ٿا، انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي ۽ انهن تي سخت عذاب ٿيندو.(23) جنهن ڏينهن هنن جون زبانون ۽ هٿ پير سندس ڪمن جي شاهدي ڏينديون (تہ برابر هي هن جا ئي ڪارناما آهن) (24) ان ڏينهن الله انهن کي سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏيندو. اهڙو بدلو جو سؤ فيصد نيڪ نيڪ ۽ برحق آهي. هنن کي معلوم ٿي ويندو تہ الله ئي حق ۽ سچائي آهي، اهڙي سچائي جو هر حال ۾ آشڪار آهي.(25) گنديون عورتون گندن مردن لاءِ آهن ۽ گندا مرد بہ گندين عورتن لاءِ آهن، پاڪ عورتون پاڪ مردن لاءِ ۽ پاڪ مرد پاڪ عورتن لاءِ آهن (ائين ٿي نٿو سگهي تہ گندي ۽ پاڪ هڪ ٻئي سان موافقت رکن) اهڙا پاڪ افراد اهڙين ڳالهين کان مبرا ۽ پاڪ صاف آهن، هنن لاءِ هر طرح جي بخشش ۽ حفاظت آهي ۽ عزت واري معيشت ۽ رزق آهي.(26)

---

معاشري ۾ اهڙن بدبخت ماڻهن جي ڪمي ناهي، جيڪي فتنو فساد برپا ڪرڻ ۾ اڳتي اڳتي هوندا آهن ۽ هو پنهنجي قول ۽ فعل سان لاقانونيت ۽ قانون شڪني جو پرچار ڪندا آهن، ان ڪري مؤمنن کي هوشيار ڪيو ٿو وڃي تہ اي مؤمنن جي جماعت! توهان اهڙن فساد ۽ فتنہ انگيز ماڻهن جي شيطانيت ۽ شرارت جي پيروي ڪرڻ کان پرهيز ڪريو، جيڪو ماڻهو بہ اهڙن شيطان طبيعت جي پنيان هلندو ۽ انهن جي تابعداري اختيار

ڪندو ته هي انهن کي براين جي راهه ڏسيندو ۽ بيحيائيءَ تي اياريندو هن سان نه رڳو معاشري ۾ فساد ۽ لاقانونيت جو رجحان زور پڪڙيندو، پر افراد جي انفرادي صلاحيت جي نکرڻ ۽ اپرڻ ۾ رڪاوٽ بڻبو، حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن الله جو اوهان تي فضل خاص ۽ ان جي رحمت شامل حال نه هجي ها ۽ هي قرآن هدايت جو ذريعو نه بڻجي ها ته پوءِ اوهان جون انساني صلاحيتون، ايماني توانائيون ۽ اخلاقي خوبيون منظر عام تي نه اچي سگهن ها ۽ محدود ٿي وڃن ها، چو ته انسان جون اهي خوبيون قانون الاهي جي مشيت مطابق ۽ ان جي سايه ۾ وڌنديون ويجهنديون آهن ۽ ان جي اصلاحي پروگرام کي ترڪ ڪرڻ سان اهي انساني صلاحيتون ۽ خوبيون ختم ٿي وينديون آهن. اهو قانون اهڙي مهربان پروردگار ڪان عنايت ٿئي ٿو، جيڪو سڀ ڪجهه ٻڌي ٿو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، پر جيڪڏهن اوهان کي ان اصلاحي پروگرام واري قانون جي ڄاڻ ئي نه هوندي ته الله جو اهو قانون فطرت ۽ توانائي بخش ڪهڙو آهي ته پوءِ هن جي ذات جو ارتقاءُ ٿي نه سگهندو، ساقط ۽ جمود رهي غير مؤثر ۽ بيڪار ٿي ويندو.

بهر حال تهمت ۽ بهتان وارو معاملو رفع دفع ٿي ويو ۽ هاڻي اهو ماضيءَ جو حصو سمجهو ۽ ان جو ڪو به منفي اثر پاڻ ۾ رهڻ نه ڏيو. اسان کي معلوم آهي ته هن جان سوز ۽ درد ناڪ تهمت تراشي جو سبب سڌو يا اڻ سڌو رنج ۽ تڪليف پهتي آهي، انهن جي حساس ذهن ۽ سوچ ۾ تهمت هڻندڙ ماڻهن خلاف دل ۾ غبار موجود آهي، پر جنهن معاملي جو وضاحت سان پس منظر ۽ ان جي نتيجي ۾ سزا جو فيصلو جاري ڪري، خدا جي عدالت فائيل کي بند ڪري، ماضي جي سرگزشت قرار ڏنو آهي، ان جي روشنيءَ ۾ اوهان جي دل جي ڦرهي تا ان جا نشان ۽ اثرات منجي وڃڻ کپن. ان ڪري هاڻي ائين هرگز ٿيڻ نه گهرجي، جو توهان مان صاحب وسعت ۽ استطاعت پنهنجن رشتيدارن مسڪينن ۽ مهاجرن جن جي هو امداد ڪندا هئا ۽ انهن مان ڪو ئي بدقسمتي سان هن واقعي ۾ شامل ٿي ويو هيو ته هو ان جي مدد ڪرڻ ڪان پنهنجا هٿ روڪي رکي ۽ قسم ڪٽي ڇڏي ته هاڻي هنن سان ڪو به تعلق ناهي رکڻو، ائين ڪرڻ هرگز نه گهرجي پر هنن کي گهرجي ته هو اهڙن انسانن ڪان درگذر ڪري پنهنجي غصي ۽ غبار کي ختم ڪري ڇڏين. اوهان ڪان به ڪڏهن نه ڪڏهن ڪا لغرش سرزد ٿي ويندي، پوءِ اوهان نٿا گهرو ته

الله بہ اوهان سان عفو ۽ درگذر جو معاملو ڪري. هن نقطي تي غور ڪري اوهان بہ عفو ۽ درگذر جو رستو اختيار ڪريو. بيشڪ الله بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحمت سان نوازڻ وارو آهي. هتان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ معاشرتي زندگيءَ جي اخلاقي پهلو ۽ فرائض تي عمل ڪرڻ لاءِ قرآن جو ڪيترو بلند معيار آهي تہ جن ڪان توهان ناراض آهيو ۽ انهن سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق رکڻ ڪان قسم کڻي چڪا آهيو تہ بہ احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ وارا هٿ روڪي نہ رکو، پر انهن کي معاف ڪري ساڳي طرح مدد جاري رکو، اوهان هنن جي پرده پوشي ڪريو تہ الله بہ اوهان جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين تي پردو وجهي. (حٰم السجده: 41/35-34)

ستر ڪر ستار آءُ اگهاڙي آهيان
ڍڪج ڍڪڻهار ڏئي پاند پناهہ جو

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

هن آيت جو صحابه ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم تي مثبت اثر ٿيو ۽ انهن ناراض ٿيل ماڻهن جي مدد ڪرڻ شروع ڪري ڏني. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه پنهنجي رشتيدار مسطح بن اثاثہ جي اعانت روڪي ڇڏي هئي، ڇوتہ هن حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها واري افڪ (بهتان) واري معاملي ۾ پروپيگنڊا ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو هو، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه ان کي وري جاري رکيو. گويا هي آيت ڪريمه ان بابت ئي نازل ٿي هئي، پر ان جو حڪم عام آهي. قانون عدل ۽ انصاف جو حامي آهي، ان ڪري قانون جو فيصلو اهو ئي آهي تہ جيڪي اوباش ماڻهو پاڪدامن، سڌي سادي، ڀولي ڀالي معصوم عورتن تي، جيڪي بدڪاريءَ جي نالي ڪان بہ ناواقف آهن، سندن بي خبري ۽ سادگي ۾ تهمت جا تير وسائڻ گهرن ٿا، اهي اسان جي گرفت ڪان بچي نہ سگهندا. (العنڪبوت: 4/29، النساءِ: 4/110، الاحزاب: 33/58، البروج: 85/10) پر انهن کي شهريت جي حقن ڪان بہ محروم ڪرڻ گهرجي. دنيا جي هن ذلت آميز سزا ڪان علاوه آخرت جو دردناڪ عذاب الڳ تيار آهي. هن سزا جي اجراءَ بعد ڪيس قيد ۾ جيڪي انساني حقوق عائد ٿين ٿا، ان ڪان ڪين محروم نہ رکيو ويندو، ڇوتہ انسان بهرحال انسان آهي.

ياد رهي تہ زنا جي تهمت هڻڻ وارو ماڻهو پنهنجي بيان ۾ سچو بہ هجي، پر هو چار

گواهہ پنهنجي تائيد ۽ تصديق لاءِ پيش ڪري نٿو سگهي تہ تهمت جو سزاوار هوندو ۽ ڪيس زنا يا تهمت جي حد جاري ڪئي ويندي ۽ ان سان نرمي يا رعايت ڪرڻ کان سختي سان منع ڪيل آهي. قانون تہ اهڙي مجرم کي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ضرور آڻيندو، جتي هو اصل حقيقت لڪائي يا وڪيلن ذريعي پاڻ کي سزا کان بچائي وڃي ۽ بيگناهہ قرار ڏنو وڃي، پر آخرت ۾ جڏهن هو الله جي عدالت ۾ پيش ٿيندو تہ اتي بہ مٿس فرد جرم عائد ڪئي ويندي ۽ ڪانئس پڇيو ويندو تہ تو هي هي گناهہ ڪيو آهي، هي هي زيادتي ڪئي آهي؟ جنهن تي هو ڏوهہ جو انڪار ڪندي چوندو تہ مان بيگناهہ آهيان، مون تي هي الزام مڙهيا ويا آهن. هن جي هن انڪار بعد سندس زبان تي تالو هنيو ويندو ۽ ان وقت هن جا عضوا هٿ پير اڪيون ڪن سڀ شاهدي ڏيندا تہ هن هي هي جرم اسان کان ڪرايو هيو. جنهن تي هو حيران ٿي ويندو. (يٰس: 65/36) اها صورت حال تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن ڏوهي پنهنجي اعمال نامي جي اندراج کي غلط قرار ڏيندا تہ پوءِ سندس عضون کي ان جي خلاف شاهدي لاءِ ڪلام ڪرڻ جي طاقت ڏني ويندي. ان ڏينهن هر هڪ کي سندس اعمال جو پورو پورو بدلو ملي ويندو ۽ ڪين يقين ٿي ويندو تہ الله جو قانون برحق آهي ۽ ان جي سچائي آشڪارا آهي. ڪافر ماڻهو جيڪي الله جي وجود جا انڪاري آهن ۽ ڪائنات اندر رونما حادثن ۽ واقعن کي هو زماني جي گردش طرف منسوب ڪندا آهن، يا ستارن جي چال سان وابستہ سمجهن ٿا ۽ نفعي ۽ نقصانن جو حقيقي ۽ بي لاگ اختيار انسان جي هٿ وس سمجهن ٿا. ان ڪري بادشاهن ۽ حڪمران کان خوف ڪائيندا رهن ٿا. پر هڪ الله جي اوٽ ۽ پناهہ ۾ اچي، انهن سيني خطرن وهمن ۽ عقيدن کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. جڏهن هي حقيقت جيڪا سراپا حق هوندي ۽ انهن کي سندن عملن جو پورو حق ملي چڪو هوندو تہ سندن هوش نڪاٽي اچي ويندا. ازدواجي تعلقات ۽ معاملات ۾ هميشہ هم جنس، هم خصلت ۽ هم عقيدت جو پاڻ ۾ جوڙ هوندو آهي. هم جنس طبيعتون هڪ ٻئي طرف رغبت رکنديون آهن. پاڪي ۽ ناپاڪي جو هڪ ٻئي سان جوڙ نہ رهي سگهندو.

ڪند هم جنس با هم جنس پرواز
ڪبوتر با ڪبوتر باز با باز

هميشہ هم جنس ئي پنهنجي هم جنس سان اڏامندو آهي، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان.

سو نيڪ عورت نيڪ مرد سان خوش رهي سگهي ٿي ۽ نيڪ مرد بہ نيڪ عورت سان خوشحال رهي سگهي ٿو. نيڪ جو بد سان يا بد جو نيڪ سان پائدار جوڙ ٿي نٿو سگهي. (وڌيڪ وضاحت سورة البقره، سورة النساءِ ۽ سورة الطلاق ۾ ڏسو) جيڪي پاڪ دامن پرهيزگار نيڪ عمل عورتون آهن، انهن تي فتنہ باز شرير ماڻهن جا ڪوڙا الزام انهن تي ڪارنهن جو داغ نٿا لڳائي سگهن ۽ عيبدار ڪنهن جي چوڻ تي بي عيب ۽ پاڪدامن نہ ٿي ويندا. هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو بدڪار پاڻ کي سزا کان بچائي وڃي تہ ان کي آخرت ۾ نيڪيءَ جو سرٽيفڪيٽ نہ ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪا پاڪدامن يا نيڪوڪار ۽ بي ڏوهي دنيا جي عدالتن ۾ سزا جو سزاوار قرار ڏنو وڃي تہ آخرت ۾ اهو ڏوهي نہ هوندو، پر نيڪوڪار سڏيو ويندو. اهڙن نيڪ مرد ۽ عورتن لاءِ الله طرفان آخرت ۾ بخشش ۽ سندن حفاظت جا پورا پورا انتظام آهن ۽ انهن کي هن دنيا ۾ رزق ڪريم يعني عزت واري رزق ۽ معشيت جي يقين دهاني آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا
وَ تُسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَهْلِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۷﴾ فَاِنْ لَّمْ
تَجِدُوْا فِيْهَاۤ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ وَ اِنْ قِيْلَ لَكُمُ
ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۲۸﴾ لَيْسَ
عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ
يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۲۹﴾ قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ
وَ يَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْ ؕ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿۳۰﴾

وَ قُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَ يَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَ لَا
يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَ لْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى
جُيُوْبِهِنَّ ۪ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ
بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اَبْنَآئِهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ
اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ
التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى
عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ۪ وَ لَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ
زِيْنَتِهِنَّ ؕ وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝۳۱
وَ اَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَ الصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَ اِمَآئِكُمْ ؕ اِنْ يَّكُوْنُوْا
فُقَرَآءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝۳۲ وَ لْيَسْتَعْفِفِ
الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ الَّذِيْنَ
يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ
خَيْرًا ۖۗ وَّ اٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْۤ اٰتٰىكُمْ ؕ وَ لَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى
الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ مَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ
فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْۢ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝۳۳ وَ لَقَدْ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ
مُّبَيِّنٰتٍ وَّ مَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝۳۴ ع ۴ ۸ ۱۰

مؤمنؤ! پنهنجن گهرن کانسواءِ ٻين ماڻهن جي گهرن ۾ سندن اجازت ۽ کين سلام ڪرڻ بغير داخل نہ ٿيندا ڪريو. هي توهان جي حق ۾ بهتر هوندو. هي نصيحت ان لاءِ ڪجي ٿي تہ اوهان ان مان سبق حاصل ڪري سگهو.(27) جيڪڏهن گهر ۾ ڪو موجود نہ هجي تہ جيستائين اوهان کي اجازت نہ ملي، ان ۾ هرگز داخل نہ ٿيو، جيڪڏهن ان وقت اوهان کي چيو وڃي تہ واپس وڃو تہ في الحال واپس هليا وڃو، هي اوهان لاءِ سڀ کان سٺي ۽ پاڪ ڳالھ آهي. الله اوهان جي سمورن ڪمن کي ڄاڻي ٿو.(28) ها جيڪڏهن اوهان اهڙي مڪان ۾ وڃڻ گهرو ٿا، جنهن ۾ ڪو بہ رهائش پذير نہ آهي ۽ جنهن ۾ توهان جي فائدي واري شيءِ آهي، ان ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪو گناھ ناهي. الله توهان جي ظاهر ۽ باطن کان پوري طرح آگاھ آهي.(29) مؤمن مردن کي چئو تہ هو پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ پنهنجن شرمگاهن کي (غلط ڪم کان) بچائي رکن، هي انهن لاءِ پاڪيزگي جي ڳالھ آهي ۽ جو ڪم بہ هي ڪن ٿا، الله ان کان آگاھ آهي.(30) ۽ مؤمن عورتن کي بہ چئو تہ هو پنهنجون نگاهون هيٺ رکن، پنهنجن شرمگاهن جي نگهباني ڪن ۽ پنهنجو هار سينگار ظاهر نہ ڪن، مگر جيڪو حصو ڪليل رهي ٿو ۽ لازمي طور نظر اچي ٿو. پنهنجن سيني تي چادر ڍڪي رکن ۽ پنهنجن مڙس، پيءُ ۽ سهري، پٽن، مڙس جي پٽن، ڀاءُ ۽ ڀائيٽيا ڀاڻيجا، خاندان جون عورتون، ٻانهي، غلام، گهر جا اهڙا نوڪر، جن کي عورت جي ڪا بہ طلب ۽ خواهش نہ آهي، يعني پوڙها خدمتگار، نابالغ ٻار جيڪي پردي جي ضرورت کي نٿا ڄاڻن يعني معصوم ٻار آهن، انهن اڳيان پردو نہ ڪرڻ جي اجازت آهي. واٽ ويندي قدم اهڙي طرح زور سان نہ هڻن، جو ماڻهو سندن ڍڪيل زيب و زينت کان واقف ٿي وڃن، يعني پازيب يا ڌهري جو آواز نہ اچي. اصل ڳالھ اها آهي تہ اوهان سڀ مرد خواھ عورتون الله جي

حضور پنهنجن غلطين ۽ غفلتن کان توبه ڪريو ته دين ۽ دنيا ۾ ڪامياب ٿيندا. (31) ۽ پنهنجن بيواهه عورتن يا ڪنواريون عورتون آهن، انهن کي گهر ۾ ويهاري نه رکو، پر انهن جا نڪاح ڪريو. اهڙي طرح پنهنجون زيردست ٻانهيون جيڪي نيڪ چلن آهن، انهن جو به نڪاح ڪرائي ڇڏيو، جيڪڏهن هو مسڪين محتاج هوندا ته الله انهن کي مالدار ۽ خوشحال ڪري ڇڏيندو، الله ته وڏي وسعت رکڻ وارو ۽ هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي.(32) پر جيڪي ماڻهو معاشي حالتن سبب نڪاح ڪرڻ کان معذور آهن ته انهن کي پنهنجي جنسي خواهش تي ضابطو ڪرڻ گهرجي، جيستائين الله انهن کي مالي وسيلا مهيا ڪري ۽ توهان جي زيردست غلامن ۽ ٻانهين مان جيڪڏهن ڪو آزاديءَ جي گهر ڪري ته ۽ توهان ڏسو ته ان ۾ اهڙي صلاحيت به آهي ته انهن کي مڪاتيب ڪري ڇڏيو ۽ خدا جي ڏنل مال مان انهن جي آزادي لاءِ مدد ڪريو ۽ پنهنجي غلام ٻانهين، جيڪي پاڪدامن رهڻ گهرن ٿيون، انهن کي بي حيائي ڪري دنياوي فائدن لاءِ بدڪاري ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو، پر جيڪڏهن ڪو مجبور ڪندو ۽ هو ويچاريون بي بسي جي حالت ۾ هونديون ته اهي رحمت الاهي کان مايوس نه ٿين، الله بخشڻ وارو ۽ مدامي رحم ڪرڻ وارو آهي.(33) مسلمانؤ! اسان توهان لاءِ چٽا ۽ واضح احڪام نازل ڪيا آهن ۽ هن کان گذري ويل قومن جا مثال به پيش ڪيا آهن ۽ اهڙيون هدايتون جيڪي متقي ماڻهن لاءِ نصيحت آهن.(34)

---

اي مؤمنن جي جماعت! هاڻي سماجي ۽ معاشرتي روين بابت هي حڪم غور سان ٻڌو ته جڏهن به اوهان پنهنجي گهر کان علاوه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي گهر ڏانهن وڃو ته ان گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ گهر مالڪ کان اندر اچڻ جي اجازت وٺو. پوءِ جڏهن هو

توهان کي اجازت ڏئي تہ سندس گھر ۾ قدم رکو. سڀ کان اول اهل خانہ کي ”السلام عليڪم“ چئي ڪين سلامتيءَ جون دعائون ڏيو ۽ انهن لاءِ نيڪ آرزوئون ڪٽي وڃو. ياد رهي تہ هن حڪم کان اڳ زنا جهڙي غليظ جرم ۽ بهتان تراشيءَ کي سنگين ۽ سخت ترين جرم قرار ڏنو ويو آهي. هاڻي ميل ميلاپ ۽ آمد ورفت ۾ هڪ ٻئي سان مرد ۽ عورتن جي ملڻ ۾ شائستگي ۽ نظم و ضبط رکڻ لاءِ چيو ٿو وڃي تہ جڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي گھر وڃو تہ ائين بنا اطلاع جي داخل نہ ٿيو. پهريان گھر ڌڻي جي رضا سان وڃو ۽ ”سلامتي هجي اوهان تي“ جهڙا جملا چئي، پنهنجي آمد کي خير سگالي ۽ اخلاقي پاڪيزگي جو نمونو بنايو تہ جيئن معاشري کي غلط ڳالهين ۽ بي جا افواهن کان بچائي سگھجي. (بني اسرائيل: 32/17) پر جيڪڏهن ڏسو تہ ان گھر ۾ ڪو ماڻهو ناهي، تہ بہ ان گھر ۾ نہ وڃو، ڇو تہ هو غير جو گھر آهي، ان ۾ بي ڌڙڪ داخل ٿي وڃڻ سان ڪيتريون خرابيون جنم وٺنديون. ان ڪري جيستائين گھر مالڪ جو رضامندو ناهي تہ ان گھر ۾ پير پائڻ نہ گھرجي، پر جيڪڏهن اوهان کي چيو وڃي تہ هن وقت واپس وڃو تہ خوشي خوشي واپس هليا وڃو. دل ۾ رنج يا گراني محسوس نہ ڪريو. اهڙي طريقهءِ حيات سان اوهان جا معاملا درست رهندا ۽ بدگماني پيدا نہ ٿيندي، پر خيرسگالي ۽ نيڪ نيتي جو پيغام هوندو. لڪي ڇپي داخل ٿيڻ يا بي وقتو وڃڻ ۽ بنا اطلاع جي اچانڪ گھر ۾ گھڙي پوڻ سان ٻئي جي حق تنهائي Privacy ۽ گھر جي اندروني معاملات ۾ دخل اندازي آهي. پر اهڙو گھر جنهن ۾ ڪو رهائش پذير ناهي ۽ خالي پيل آهي، يا ان گھر ۾ اوهان جو سامان پيل آهي، تہ ان ۾ بنا اجازت وڃڻ گھرو تہ ڪوئي رخنو نہ آهي، جهڙي طرح گودام آهي ۽ مشترڪ گودام، اسٽور، دڪان ۾ بہ اوهان جي اڪيلو وڃڻ بدنيتي کان خالي هجي ۽ شريڪ ڪار جو اعتماد هجي. ياد رکو الله اوهان جي هر ظاهر واري ڪم ۽ ڳجهي رازن کان پوري طرح باخبر آهي، تنهن ڪري ائين نہ سمجهو تہ ڪو ڏسڻ پڇڻ وارو نہ آهي.

اي پيغمبر خَاتَمَ النَّبِيِّينَ ﷺ! پنهنجي جماعت جي مسلمان مردن کي چئو تہ عورتون سامهون اچن تہ هو پنهنجون نگاهون هيٺ رکن ۽ عورتن کي گھوري گھوري نہ ڏسن ۽ پنهنجن شرمگاهن کي ستر ۾ رکي، بدچاليءَ جي خطرن کان محفوظ ڪن. هي هنن جي سٺي سوچ ۽ پاڪ صاف روين جي عڪاسي هوندي. اوهان جهڙي چال هلو، نيڪ نيتي

هجي يا بدنيتي، الله ان کان پوري طرح آگاھ آهي. اهڙي طرح مسلمان عورتن کي بہ چئو تہ مردن جي سامهون اچڻ وقت پنهنجون نگاهون هيٺ رکن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي ستر جي نگهباني ڪن ۽ انهن جي نگهداشت کان غافل نہ ٿين ۽ پنهنجو هار سينگار نامحرم ۽ غير مردن جي آڏو ظاهر نہ ڪن. پر جيتري قدر ظاهر ڪرڻ جي اجازت آهي، ان حد تائين محدود رهن. مثال طور هٿ پير چهرو وغيره، پر پنهنجي ڇاتيءَ کي چادر ويڙهي ڍڪي رکن. سورة الاحزاب: 59/33 ۾ لفظ "جَلَابِيۡبُ" بہ انهيءَ پردي جي معنىٰ سان آيو آهي، پر چهرو ڍڪڻ ضروري آهي. پنهنجي زينت رڳو پنهنجن جي سامهون کليو رکن يا پيءُ، سهرو، پٽ، مڙس جو پٽ، ڀاءُ، ڀائيٽو، ڀاڻيجو، خاندان جون عورتون، ٻانهيون، غلام، گهر جا پوڙها نوڪر، جيڪي عورتن جي طلب رکڻ کان عاجز هجن، ننڍا ٻار جيڪي اڃان عورتن جي خواهش کان بيخبر آهن، انهن آڏو پردو نہ ڪن تہ ڪوئي حرج ناهي. يعني چهرو کولي اچن تہ جائز آهي. مڙس کان سواءِ ٻين آڏو باقي ستر کولڻ جائز ناهي. هلندي زمين تي اهڙي طرح زوردار پير نہ هڻن، جو سندن پردي اندر پاتل شين پازيب ڌهري وغيره جي جهنڪار محسوس ٿئي.

مسلمانؤ! هنن حڪمن ڏيڻ جو اصل مقصد اهو آهي تہ اوهان غفلتن ۽ لغزشن کان پري رهي ڪاميابي حاصل ڪريو. اوهان پنهنجن بي نڪاح بالغ عورتن کي گهڻو عرصو گهر ۾ ويهاري نہ رکو، پر انهن جي نڪاح (شادي) جو انتظام ڪريو ۽ اوهان جي قبضي ۾ آيل غلام ٻانهيون جيڪي نيڪوڪار آهن، انهن جو بہ نڪاح ڪرائي ڇڏيو، جيڪڏهن مالي ۽ معاشي طور ڪمزور آهن تہ الله انهن کي خوشحال ڪري ڇڏيندو. الله وڏي وسعت جو ڌڻي ۽ هر شيءِ جي خبر رکڻ وارو آهي. ڪجھ تفسيرن "اَيَامٰى" مان غير شادي شده عورتون ۽ مرد ٻئي مراد ورتا آهن. عورت ڪنواري هجي، يا رنڙ، انهن کي نڪاح کان پري رکڻ سان خرابيون پيدا ٿينديون، جن جا نهايت برا نتيجا نڪرندا، ان ڪري پنهنجي خانداني وڏماڻهپ ڏيکارڻ تہ هو پنهنجو ڪنهن کي برابر نہ سمجهڻ جي ڪري يا عورتن جي مال ۾ حصيداري واري گهر کان بچڻ يا ڪنهن کي بنا نڪاح رکي تعلقات قائم ڪرڻ جهڙين براين کان بچڻ گهرجي ۽ نياڻين ۽ ڀيڻن وغيره کي شادي ڪرڻ کان رڪاوٽ نہ ٿين. ڪجھ تفسيرن ۾ "اَوۡ مَا مَلَکَتۡ اَيۡمَانُهُنَّ" مان مراد رڳو زر خريد

يا جنگ ۾ مليل غلام ٻانهن کي نہ ورتو ويو آهي، ڇو تہ اهڙين عورتن لاءِ عربي زبان ۾ ”اِمَآءُ“ آيو آهي. پر ”اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ“ ۾ اهي سڀ ڪنواريون عورتون اچي وڃن ٿيون، جيڪي توهان جي خدمت گذاري تي آهن، ڇو تہ مٿي ”نِسَآئِهِنَّ“ جو لفظ آيو آهي، جيڪو سمورين عورتن تي شامل آهي. نيڪو ڪار غلام ٻانهين جو نڪاح تہ ترجيحي بنيادن تي ڪرائڻ جو حڪم آهي، باقي ٻين جي نڪاح کان ممانعت نہ آهي. جن ماڻهن جي شادي ڪرڻ جو انتظام مالي حالتن جي ڪري في الحال نٿو ٿي سگهي تہ هو پنهنجي عفت ۽ عصمت کي بچائن، پاڻ تي ضابطو ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙين شين کان پاڻ کي بچائي رکي، جتي انساني جنسي خواهش جي پيدا ٿيڻ جو خطرو هجي. تيستائين نڪاح جي انتظار ۾ رهن، جيستائين الله سندن ڪمزور مالي حالت کي خوشحالي ۽ آسودگي بخشي. جيڪڏهن غلام مرد يا عورت پنهنجي آزاديءَ جو پروانو گهرڻ چاهي، جنهن کي ”مَكَاتِبَةُ“ سڏيو ويو آهي ۽ هو محنت مزودري ڪري يا ڪنهن جي مدد سان خاص رقم پنهنجي مالڪ کي ادا ڪرڻ گهري تہ اهو معاوضو ادا ڪرڻ بعد هو هن کي آزاد ڪري ڇڏيندو. قرآن مجيد غلاميءَ جي رسم هٽائڻ لاءِ تدريجي اپاءَ ورتا آهن، جنهن ۾ ”مَكَاتِبَةُ“ ڪفارن ۾ آزادي، يا ازخود لله في الله آزاد ڪرڻ سڀ شامل آهن.

ياد رهي تہ هي انهن غلام ٻانهن ۽ ٻانهين جي ڳالهہ آهي، جيڪي اسلام کان اڳ غلام ٿيا. اسلام اچڻ بعد ٻانها بنائڻ کي روڪيو ويو. رڳو پوين ٻانهن ۽ ٻانهين جي آزاديءَ جو تدريجي حڪم ڏنو ويو. يڪدم سڀني کي آزاد ڪرڻ سان هنن لاءِ رهائش، خوراڪ، زندگي جي ضرورتن جي اٽاٽ سبب مشڪلاتون پيش اچن ها ۽ معاشري ۾ بيچيني جنم وٺي ها. ان ڪري ”مَكَاتِبَةُ“ کي آزاد ڪرڻ وقت خدا جي ڏنل مال مان ان جي مدد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن غلاميءَ جي لعنت کان انسان ذات کي بچائي سگهجي، ان ڪري ان جي مدد ڪري، غلاميءَ مان آزاد ڪيو تہ جيئن هو ان کان بعد آزاد انسان جي حيثيت ۾ اوهان وٽ رهي، اوهان جي ڏنل رقم ادا ڪري ۽ انهيءَ دوران هن کي غلام نہ سڏجي. اوهان جون نوجوان ٻانهيون، نياڻيون نڪاح ڪرڻ جو ارادو ڪن تہ انهن کي پنهنجي بنيادي مفاد خاطر نڪاح ڪرڻ کان نہ روڪيو. اهڙي طرح بدڪاريءَ کي هٿي ملندي. پر جيڪڏهن ڪو انهن کي اهڙي طرح مجبور ڪندو تہ قانون خداوندي حرڪت ۾

ايندو جو هن جبر خلاف هنن جي مدد ڪندو ۽ سامان زيست مهيا ڪندو. ”وَلَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ“ مان اهو مطلب ورتو ويو آهي ته پنهنجي مالي مفاد جي ڪري هنن کي بدڪاريءَ تي آماده نه ڪيو. جيڪي پاڪدامن رهڻ گهرن ٿيون ۽ هو ويچاريون بي بسي جي حالت ۾ اعتراض ڪري نه سگهن. پر اهو به مطلب ناهي، ته جيڪي پاڪ دامن رهڻ کان پوءِ بدڪاري ڪرائڻ جي اجازت آهي. حديث شريف ۾ فاحشه عورت کي پئسا ڪمائڻ کان روڪيو ويو آهي. ”نَهٰى عَنْ ثَمَنِ الْكَلْبِ وَمَهْرِ الْبَغِيِّ وَحُلْوَانِ الْكَاهِنِ“ الله انهن جي مدد ڪرڻ فرمائيندو.

آيت 33 تائين سورت جو پهريون حصو ”احڪام“ ختم ٿيو. هاڻي ”بيان“ جو سلسلو پندو نصيحت ۽ موعظت طرف تي ويو آهي ته جيئن ازدواجي ۽ جنسي پاڪيزگي لاءِ جيڪي احڪام ڏنا ويا آهن، انهن جي فهم ۽ عمل لاءِ ذهن ۽ طبيعتن کي تيار ڪيو وڃي. قرآن مجيد اوامر و نواهي کي به وعظ و نصيحت جي رنگ ۾ پيش ڪندو آهي. جنهن ۾ روشن آيتون ۽ احڪام پوين قومن جو ذڪر ۽ نيڪ متقي ماڻهن لاءِ موعظت (پندو نصيحت)، قرآن ايمان ۽ ايمان وارن جي عمل ڪفر ۽ ڪافرن جي اعمال جي تشريح ڪري ٿو. اسان اوهان طرف احڪامات نازل ڪيا آهن، جيڪي نهايت واضح آهن ۽ انهن جي تائيد ۽ وضاحت ۾ اسان گذريل قومن جون تاريخي شهادتون پيش ڪري، اهو ٻڌايو آهي ته جيڪو معاشرو خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪندو آهي، ان جو انجام ڇا هوندو آهي، ان ڪري اسان پنهنجن حڪمن جي تائيد اڳين قومن جون تاريخي شهادتون پيش ڪري انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي زندگيءَ جي تباهه ڪارين کان بچڻ گهرن ٿا، بلند اخلاق جو درس ڏين ٿيون.

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ؕ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ زُجَاجَةٍ ؕ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّ لَا غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَ لَوْ لَمْ

تَمۡسَسۡهُ نَارٌ ؕ نُوۡرٌ عَلٰی نُوۡرٍ ؕ یَهۡدِی اللّٰهُ لِنُوۡرِهٖ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ یَضۡرِبُ اللّٰهُ
الۡاَمۡثَالَ لِلنَّاسِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیۡءٍ عَلِیۡمٌ ۙ﴿۳۵﴾ فِیۡ بُیُوۡتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنۡ
تُرۡفَعَ وَ یُذۡكَرَ فِیۡهَا اسۡمُهٗ ۙ یُسَبِّحُ لَهٗ فِیۡهَا بِالۡغُدُوِّ وَ الۡاٰصَالِ ۙ﴿۳۶﴾ رِجَالٌ ۙ
لَّا تُلۡهِیۡهِمۡ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَیۡعٌ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ اِیۡتَآءِ
الزَّكٰوةِ ۙ ۛ یَخَافُوۡنَ یَوۡمًا تَتَقَلَّبُ فِیۡهِ الۡقُلُوۡبُ وَ الۡاَبۡصَارُ ٭ۙ﴿۳۷﴾ لِیَجۡزِیَهُمُ اللّٰهُ
اَحۡسَنَ مَا عَمِلُوۡا وَ یَزِیۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ یَرۡزُقُ مَنۡ یَّشَآءُ بِغَیۡرِ
حِسَابٍ ﴿۳۸﴾ وَ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡۤا اَعۡمَالُهُمۡ كَسَرَابٍۭ بِقِیۡعَةٍ یَّحۡسَبُهُ الظَّمۡاٰنُ
مَآءً ؕ حَتّٰۤی اِذَا جَآءَهٗ لَمۡ یَجِدۡهُ شَیۡـًٔا وَّ وَجَدَ اللّٰهَ عِنۡدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ؕ
وَ اللّٰهُ سَرِیۡعُ الۡحِسَابِ ۙ﴿۳۹﴾ اَوۡ كَظُلُمٰتٍ فِیۡ بَحۡرٍ لُّجِّیٍّ یَّغۡشٰىهُ مَوۡجٌ مِّنۡ
فَوۡقِهٖ مَوۡجٌ مِّنۡ فَوۡقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ بَعۡضُهَا فَوۡقَ بَعۡضٍ ؕ اِذَاۤ اَخۡرَجَ
یَدَهٗ لَمۡ یَكَدۡ یَرٰىهَا ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ یَجۡعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوۡرًا فَمَا لَهٗ مِنۡ نُّوۡرٍ ﴿۴۰﴾ ع ۵ ۱۱

اللہ آسمانن ۽ زمين جو نور آهي، هن جي نور جو مثال ائين آهي تہ گويا هڪ ڪُڏي آهي، جنهن ۾ چراغ ۽ چراغ شيشي جي فانوس ۾ آهي، اهو شيشو هڪ چمڪندڙ ستاري وانگر آهي، زيتون جي مبارڪ تيل سان ان کي روشن ڪيو ويو، جيڪو مشرق ۽ مغرب جي نسبتن کان آجو آهي، جنهن جو تيل اهڙو آهي، جو خود بخود روشن ٿي وڃي ۽ ڪيس خارجي باهہ بہ نہ ڏجي. اهو نُورٌ عَلٰی

نُوۡرٍ يعني روشن تي روشن آهي. هي الله جو اهو نور آهي، جنهن کي الله
پنهنجي مشيت سان گهري تہ رهنمائي ڪري يا الله هر ان شخص جي رهنمائي
ڪري ٿو جيڪو اها رهنمائي وٺڻ گهري (هت يَشَآءُ جو فاعل ”الله“ آهي يا ”مَنۡ“
آهي، ان نسبت سان بہ ترجما آهن) الله نوس حقيقتون اهڙا مثال ڏئي
سمجهائي ٿو تہ ماڻهو ان کي چڱي طرح سمجهي سگهن. الله ڄاڻي ٿو تہ
مجرد ۽ نوس حقيقت کي ڪنهن طرح جي مثال سان بيان ڪجي.(35) (اها
کُڏي) ان گهر ۾ آهي، جن لاءِ الله جو حڪم آهي تہ بلند (تعمير) ڪيا وڃن ۽
انهن ۾ الله جو ذڪر ڪيو وڃي. ماڻهو جنهن جي تسبيح ۾ صبح و شام
مشغول رهن ٿا.(36) اهڙا ماڻهو جن کي ڪا بہ مشغوليت، تجارت ۽ خريد و
فروخت هن (الله) جي ياد کان ۽ نماز جي اهتمام ۽ زڪوات جي ادائگي کان
غافل نٿي ڪري، هو ان ايندڙ ڏينهن کان ڊڄندا رهن ٿا، جنهن جي هولناڪيءَ
کان دليون ڏڙڪڻ لڳنديون ۽ اکيون ڪليل جون ڪليل رهجي وينديون.(37) تہ
جيئن الله هنن کي سندن اعمال جو بهتر کان بهترين بدلو ڏئي ۽ پنهنجي
فضل سان وڌيڪ نوازي، هو جنهن کي بہ ڏئي ٿو تہ بي حساب ڏئي ٿو.(38) پر
جن ماڻهن ڪفر ڪيو، انهن جي اعمال جو مثال اهڙو آهي، جهڙو ريگستان ۾
سراب، جنهن کي اجارو ماڻهو پاڻي سمجهي ان ڏانهن ڊوڙي، پر جڏهن اتي
پهچي تہ پاڻي نہ ڏسي، پر اهو الله کي پاڻ وٽ موجود ڏسي ٿو، جنهن هن جو
پورو پورو ليکو چڪتو ڪري ڇڏيو آهي ۽ الله حساب وٺڻ ۾ دير نٿو ڪري.
(39) يا وري انهن جو مثال هن طرح سمجهو جيئن ڪوئي سمنڊ جي اٿاهہ
گهراين اندر هجي، وري ان جي موج در موج لهرن وڌيڪ ڍڪيو هجي، وري
مٿان گهرا بادل هجن يعني انڌيري مٿان انڌيرو. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجو هٿ

**باهر ڪري تہ اهو بہ ڪيس نظر نہ اچي، پلا جنهن کي الله جي روشني نصيب نہ هجي پوءِ ان کي روشني ڪٿان ملي سگهي ٿي.(40)**

آيت 35 کان آيت 38 تائين تمثيل طور بيان ٿيا. هڪ نور يا روشنيءَ جو بيان آهي، يعني زمين ۽ آسمانن جو نور الله آهي، جيڪو نور هن ڪائنات کي روشن ۽ منور ڪري رهيو آهي. ”وَلَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ نُوْرُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ وَمَنْ فِيْهِنَّ“ (صحيحين) يعني يا الله! سڀ تعريف توکي جڳائي، آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي، اهو تنهنجو نور ئي آهي. جيڪو شخص بہ الله جي ان نور کي مڃي ٿو تہ اهو هن ڪائنات جي اسرار کان آگاهہ ٿي وڃي ٿو ۽ خدا جو اهو نور ان جي رهنمائي ڪري ٿو، جيڪي هر قدم ان نور جي روشني ۾ کڻي ٿو. الله جو اهو نور جنهن کي نصيب ٿئي تہ اهو روشنيءَ ۾ صراط مستقيم تي آهي. (المائده: 15/5، الشوریٰ: 52/42، الاحزاب: 35/33) ۽ جيڪو ان نور کان محروم يا پري رهيو تہ اهو تاريڪ انڌيرن جي آڙاهہ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي، جنهن جو ذڪر آيت 39 ۽ 40 ۾ آيو آهي. يعني هنن ڇهن آيتن ۾ الله جي نور جو فائدو وٺندڙ مؤمنن کي الله طرفان هدايت جي روشني ملي ٿي ۽ هن نور کان پري ڀڄندڙ محروم انسانن کي گمراهي تي گمراهي ۽ اونداهي تي اونداهي وارو ذلت آميز نتيجو نصيب ٿئي ٿو، جنهن جو ذڪر آيت 39 ۽ 40 ۾ ايندو. ٽيون طبقو اهڙو آهي، جيڪو رڳو ذاتي فائدي جي لاءِ نيڪي ڪندو آهي، پر هن جي نيتيان سچائي نہ هوندي آهي. اهڙي نيڪ عمل کي هتي سراب يعني رڃ سان تشبيه ڏني وئي آهي. سورة البقره: 2 جي شروعات ۾ بہ ٽن ماڻهن جو ذڪر آهي: (1) مؤمن (2) ڪافر ۽ (3) منافق. منافقن لاءِ وڌيڪ بيان سورة الحج: 11/22 ۾ ڏسو.

الله آسمانن ۽ زمين يعني پوري ڪائنات ۽ ساري مخلوقات جو نور ۽ روشني آهي. هن روشنيءَ جو مثال ائين سمجهو تہ اها هڪ ”مشڪوات“ يعني اهڙي ڪوٺي، جنهن جا ٽي پاسا بند هجن ۽ هڪ کليل هجي، ان ۾ رکيل آهي. ”اَلْمِشْكٰوةُ الْوِعَآءُ يُجْعَلُ فِيْهِ شَيْءٌ“ يعني اهڙو ٺانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ رکي وڃي، ان ۾ هڪ روشن چراغ آهي ۽ اهو چراغ شيشي جي اهڙي فانوس ۾ آهي، جيڪو هڪ پاڪ صاف چمڪندڙ ستاري وانگر

آهي جيڪو تمام خارجي اثرات کان محفوظ آهي. زيتون جي مبارڪ وڻ مان نڪتل تيل سان ان کي روشن ڪيو ويو، جيڪو مغرب ۽ مشرق جي نسبتن کان آجو آهي. اهو تيل جنهن سان اهو چراغ روشن ڪيو ويو آهي، ايترو ته صاف شفاف آهي، جو اهو بغير باهڻ جي خود بخود ٻري روشن ٿي پوي ٿو. گويا هت روشنيءَ تي روشنيءَ جو ذڪر آهي. هي تمثيل ماڻهن جي سمجهڻ ۾ سترڻ لاءِ آهي، باقي الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو ته مجرد ۽ نوس حقيقتن، جن جو ڄاڻڻ آسان نه آهي، کي ڪهڙي طرح تمثيل ڏئي پيش ڪجي جو ماڻهن کي سمجهڻ، سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪري. ”لَّا شَرۡقِيَّةٍ وَّ لَا غَرۡبِيَّةٍ“ جي تفسير ۾ مفسر حضرات جي راءِ الڳ الڳ آهي، ڪنهن لکيو ته ان جي روشني نه تو پورب جي رخ آهي ته نه وري پڇم جي طرف يا ڪن لکيو ته اهڙو درخت جو ان جهڙو نه مشرق ۾ هجي نه مغرب ۾ يا اهڙي مقام تي، جتي ڪيس سج جي روشني ٻنهي طرفن کان هجي، رڳو هڪ طرف جي نه هجي يا درخت باغ جي وڻن جي وچ ۾ آهي. مشرق مغرب کان ٻيا وڻ آهن، يا جنهن تي ٻنهي طرفن کان ڏوپ پوي، پر جيڪڏهن هڪ طرف کان ڏوپ پوي ته اهو درخت مشرق هوندو يا مغرب يعني جنهن طرف کان ڏوپ پوي، ان جي لحاظ سان. چراغ هڪ اهڙي بابرڪت شجر، زيتون جي تيل سان روشن آهي، جيڪو مشرق ۽ مغرب جي نسبتن کان بلند، تمام نوع انسان لاءِ آهي. مگر سيني مفسرين وٽ هن نور مان مراد الله جي وحيءَ جو نور آهي. هن لحاظ سان زيتون جو درخت اهڙي ملڪ، اهڙي اهڙي جڳهه جتي ٻنهي طرفن کان ڏوپ پوي، رڳو هڪ طرف کان مٿي ٻڌايل آخري تشريح هن بعد ايندڙ آيتن سان وڌيڪ مناسبت رکي ٿي ته جيڪو تمام نوع انسان لاءِ آهي، رڳو هڪ طرف يا هڪ طبقي ۽ جماعت لاءِ نه آهي. الله تعالىٰ انسان ۾ فطري نور پنهنجي معرفت ۽ ان تي ايمان آڻڻ جي ڪيفيت سبب وديعت ڪيو آهي، جنهن کي ”سليم الفطرت“ چيو وڃي ٿو، جيڪا غلط ماحول سبب گهٽجي وڃي ٿي، پر نيڪ عملن جي ڪري اها فطري معرفت وڌيڪ ظاهر ٿئي ٿي، يعني هن جي روشني وڌي وڃي ٿي، جنهن کي ”نُوۡرٌ عَلٰی نُوۡرٍ“ سڏجي ٿو. جن نيڪ ماڻهن جو ذڪر سورة التوبه: 100/9 ۾ ”وَ السّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ“ سان آيو آهي ۽ ٻيا ماڻهو انهن جي پيروي ڪندڙ به هنن جي صف ۾ شامل ٿي وڃن ٿا، جنهن لاءِ اڳتي اچي ٿو: ”وَ الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ“ هي نور اهڙن

قنديلن ۾ آهي، جيڪي اهڙين مقدس جاين ۾ آهن، جيڪي نهايت اعليٰ مقام مرتبي واريون آهن ۽ ان روشنيءَ کي هر طرف پکيڙي رهيون آهن، جتي هڪ الله جي نانءَ جو ذڪر هلي ٿو ۽ رڳو ان جي تسبيح صبح و شام ڪئي وڃي ٿي. هت ”اَنۡ تُرۡفَعَ“ مان ”وَاِذۡ يَرۡفَعُ“ ڏانهن يعني ڪعبة الله، بيت المقدس ۽ ان سان گڏ اهي تمام مسجدون جيڪي مرڪزي مقام بيت الله جون شاخون آهن، اهي مراد آهن. (والله اعلم بالصواب) يا اهو وحي خداوندي جو چراغ مؤمن جي دلين واري مشڪوات يا ڪُڏي ۾ رهي ٿو، جنهن سان سندن گهرن ۾ روشني رهي ٿي. جتي الله جي گوناگون صفتن ۽ حڪمن جو ذڪر رهيو آهي. جن جو الله سان رابطو ۽ قربت هجڻ سبب جهان ۾ ڪين اعليٰ شرف ۽ بلند مقام حاصل آهي، جيڪي صبح و شام يعني هر وقت الله جي تسبيح ۽ تحميد ۾ مشغول آهن ۽ نظام خداوندي کي قائم رکي رهيا آهن ۽ ان فرض جي ادائگيءَ ۾ ايترا ته رڌل رهن ٿا جو دنيا جي ڪاروبار، تجارت، خريد و فروخت ڪين اصل مقصد کان غافل نٿا رکن.

”دست بڪار دل به يار“

يعني هٿ ڪم ۾ رڌل آهن، پر دل جو يار سان رابطو مضبوط ۽ قائم آهي. اهي اقامتِ صلواة جو اهتمام ڪن ٿا، جنهن ڪري انهن مقدس مقامن تي ”الله اڪبر“ ”الله اڪبر“ جون اذانون ۽ آواز بلند ٿيندا رهن ۽ مؤمنن جي جماعت گڏجي اقامت صلواة جي شمع روشن رکي ٿي ۽ دين حق جي تعليم تبليغ سان گڏ نوع انسان جي بهبود بهتري ۽ خوشحالي لاءِ انفاق في سبيل الله ۽ زڪوات جي پابندي ڪري ٿي. اهي ماڻهو اسلامي رياست ۽ انساني ضرورتن کي پورو ڪن ٿا ۽ هن فرض جي ادائگي ۾ ڪا ڪمي يا ڪوتاهي ڪو نه ٿا ڪن، چو ته هو ان ڏينهن جي عذاب کان بچڻ گهرن ٿا، جنهن جي دهشت کان دليون ڏڙڪندي الٽ پلٽ ٿينديون رهنديون ۽ اکيون هي منظر ڏسي حيرت مان هيڏي هوڏي ڏسي وائڙيون ٿي رهيون هونديون. اکين تان غفلت جا پردا هٽي ويندا ۽ هر شيءِ ظاهر نظر ايندي. هن دهشتناڪ ڏينهن جو ذڪر قرآن ۾ ڪيتري بار آيل آهي.

خدا جي حڪمن ۽ قانون جي پابندي ڪندڙ مؤمنن جي اهڙن نيڪ ڪمن ۾ وڌ کان وڌ بهرو وٺندڙن لاءِ الله طرفان ڪين بهتر کان بهتر بدلو ۽ معاوضو ملندو، نه رڳو ايترو

پر الله جي نوازش ۽ عنايت جو نتيجو (رزق) بي حساب هوندو، جنهن جي ڪا حد ناهي، خداوند ڪريم پنهنجون عنايتون پنهنجي شان ۽ ناتي مطابق ڏيندو آهي. (البقره: 261/2)

جيڏو تنهنجو ناءُ ٻاجهه بہ اوڏائي مڱان
ري ٿنيين ري ٿوڻين تون ڇپر تون ڇانءُ
ڪجاڙو ڪهاڻُ توکي معلوم مڙيوئي

میرے ساقی نے عطا کی مجھ کو مئے بے درد و صاف
رنگ جو دیکھتے ہو میرے پیمانے کی ہے

هي ذڪر هيو انهن خوشنصيب ماڻهن جو، جيڪي وحي الاهي جي نور مان مستفيض ٿي، پنهنجي هي دنياوي زندگيءَ کي خوشگوار، امن، سڪون ۽ سلامتيءَ سان سرشاريءَ جو لطف حاصل ڪن ٿا تہ آخرت ۾ انهن لاءِ جنت جا سدا بهار، شاد آباد باغ موجود آهن، ان کان سواءِ رضوان الله جون پلايون، فضل ۽ احسان ايترا تہ آهن جو انهن جو حد حساب ناهي، پر انهن جي برعڪس اهڙا بدبخت ۽ بدنصيب ماڻهو آهن، جن الله جي هن نور جي روشني حاصل ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ خدا جي نعمتن ۽ نوازشن کان محروم ٿي ويا، انهن جي زندگي جي تگ و دو، ڊوڙ ڊڪ، اهڙن عملن لاءِ آهي، جن جي ڪا حقيقت ناهي. جهڙيءَ طرح ريگستان ۾ پري کان سراب يعني رڃ پاڻي نظر اچي ٿو، پر ويجهو وڃو تہ اهي ئي ڪاريءَ وارا ڪک. جنهن ڏيک کي هو پاڻي سمجهي رهيو هيو، اهو پاڻي نہ هيو، پر پاڻي جي شڪل ۾ ڌوڪو هيو. سو هنن ڪافرن جا اعمال بہ اهڙا برا نتيجا ڏيکارين ٿا، جن کي اهي ڪافر پاڻ لاءِ سودمند سمجهن ٿا، پر اصل ۾ اهو سراب وانگر ڌوڪو آهي يا فريب نگاهہ آهي. اهڙن خام خيال گمراهہ ماڻهن کي الله جي مڪافات عمل وارو قانون گرفت ۾ آڻي حساب چڪتو ڪري ٿو. يا انهن ڪافرن جي گمراهيءَ جو هڪ ٻيو مثال سمجهو تہ ان آسماني روشنيءَ بجاءِ گهري سمنڊ جي تهہ واري تاريڪ تر انڌيرو هجي ۽ ان اٿاهہ اونداهيءَ مٿان وري لهرن جي لپيٽ سان اونداهي جا وڏيڪ پردا پئجي وڃن ۽ مٿان بادلن جي ڪالي گهٽا اوندهہ تي اوندهہ ڪري رهي هجي.

مطلب تہ رڳو اونداهي ۾ اونداهي هجي جتي هٿ هٿ کي نہ ڏسي تہ اهي ڪافر ان اونداهين جي تري ۾ پيل آهن، جتان سندن نڪرڻ ناممڪن هجي. اهڙن نامراد، بدبخت ماڻهن کي جيڪي خدا جي روشنيءَ کان محروم آهن، ٻئي ڪٿان بہ روشني ملي نٿي سگهي. (معاذ الله)

ساقیا شرمندہ ام از لطف بے پایاں تو
تو مرا پر می دہی من باز خالی می دہم

اي منهنجا ساقي! مان تنهنجي لطف ۽ احسان جي ناشڪري ڪري نهايت شرمنده آهيان، تون تہ مون کي پيالا پُر ڪري ڏين ٿو، پر هي منهنجي نالائقي آهي جو مان ان جي موٽ ۾ خالي پيالا ڏيان ٿو.

ان ڪري هي عذاب منهنجي نافرماني ۽ ناشڪري جو آهي، چو تہ:

ہرچہ ہست از قامت ناساز بے اندام ماست
ورنہ تشریف تو بر بالاءِ کس کوتاہ نیست

منهنجا مولا! تون تہ تشريف آوريءَ لاءِ هميشہ تيار آهين، پر ڇا ڪيان جو منهنجا قد ڪاٺ بوتو بناوٽ ان لائق ئي ناهي.

يا شيخ سعدي رحمة الله عليه چواڻي:

باراں کہ در لطافت طبعش خلاف نیست
در باغ لالہ روید در شور خارخس

خدا جي رحمت وارو مينهن تہ هر هنڌ هڪجهڙو وسي ٿو، پر باغ ۾ لالہ جا گل گلزار پيدا ٿين ٿا تہ ڪلراٺي زمين تي ڪک ڪندا اُڀجن ٿا.

الله طرفان تہ روشني ئي روشني، خير ئي خير، ڀلائي ئي ڀلائي آهي، پر انسان پاڻ لاءِ پاڻ شر انڌيرو ۽ برائي پيدا ڪري ٿو.

پريان سنڌي پار جي مڙيوئي منائي
ڪانهي ڪڙائي چڪين جي چيت ڪري

مومن ان وحيءَ جي نور (الله جي نور) مان روشني وٺي، پنهنجي دنيا ۽ آخرت روشن ڪن ٿا، پر ڪافر الله جي ان نور کان انڪار ڪري اونداهين جي اوڙاهه ۾ ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ۽ تباهه ڪن ٿا.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ
قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَ تَسْبِيْحَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤١﴾ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٤٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ
يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَ
يُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَ
يَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ﴿٤٣﴾ يُقَلِّبُ
اللّٰهُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٤٤﴾ وَ اللّٰهُ خَلَقَ
كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى بَطْنِهٖ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ
عَلٰى رِجْلَيْنِ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٥﴾ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ؕ وَ اللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ
يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٦﴾ وَ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالرَّسُوْلِ وَ اَطَعْنَا
ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَ مَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اِذَا

دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٨﴾
وَ اِنْ يَّكُنْ لَّهُمُ الْحَقُّ يَاْتُوْٓا اِلَيْهِ مُذْعِنِيْنَ ﴿٤٩﴾ؕ اَفِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَمِ
ارْتَابُوْٓا اَمْ يَخَافُوْنَ اَنْ يَّحِيْفَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ رَسُوْلُهٗ ؕ بَلْ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

چا توهان هن طرف نہ ڏٺو آهي تہ آسمان ۽ زمين ۾ جيتري بہ مخلوقات آهي، سڀ الله جي تسبيح ۾ سرگرم آهي، پکي بہ جيکي فضا ۾ پر کولي اڏامندا رهن ٿا، سمورن پنهنجي پنهنجي عبادت ۽ تسبيح جو طريقو معلوم ڪيو آهي (۽ سڀ ان جا سختيءَ سان پابند آهن) ۽ هو جو ڪجھ ڪندا رهن ٿا، الله جي علم ۾ آهي.(41) آسمانن ۽ زمين جي ساري بادشاهت الله جي ئي آهي ۽ آخرڪار سڀ ڪي ان ڏانهن رجوع ڪرڻو آهي.(42) چا توهان هن حقيقت تي غور ڪيو آهي تہ الله بادلن کي حرڪت ۾ آڻي ٿو ۽ هڪ ٻئي سان ملائي ٿو ۽ پوءِ هنن کي تھہ مٿي تھہ ڪري ٿو ۽ سڀ ملي هڪ نظر اچن ٿا. پوءِ ڏسو ٿا تہ بادلن مان مينهن وسي ٿو. اهڙي طرح بادلن مان ڳڙا وسڻ شروع ٿين ٿا. اهو الله جتي گھري ٿو، سندس مشيت سان برسات وسائي ٿو ۽ جتي سندس مشيت ناهي، برسات نٿو وسائي ۽ انهن بادلن ۾ اهڙي بجلي چمڪي ٿي جو اکين جي بصارت ۽ بينائي جھٽي وٺي.(43) اهو الله ئي رات ۽ ڏينهن بدلائيندو رهي ٿو. هن ۾ بصيرت وارن لاءِ درس عبرت آهي.(44) ۽ اها بہ ان الله جي ڪارفرمائي آهي، جنهن پاڻيءَ مان تمام ساهہ وارن کي پيدا ڪيو آهي انهن مان ڪجھہ اهڙا آهن، جو پنهنجي پيٽ جي سهاري هلن ٿا، ڪي اهڙا آهن جيڪي ٻن پيرن تي هلن ٿا ۽ ڪجھ چار پيرن تي هلن ٿا. الله جي مشيت

موجب هر شيءِ پيدا ٿئي ٿي، هن جي قدرت کان ڪا بہ شيءِ ٻاهر ناهي (يا هر شيءِ ۾ هن جي قدرت سمايل آهي) (45) بيشڪ اسان اهڙيون آيتون نازل ڪيون آهن، جيڪي حقيقت حال کي روشن ڪري ٽيون ڇڏين، پوءِ ان مان جن ماڻهن کي مشيت ايزدي گهري ٿي، صراط مستقيم تي هلائي ٿي.(46) ۽ ڏسو هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي چون ٿا تہ اسان الله عزو جل ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم تي ايمان آڻيون ٿا ۽ اطاعت اختيار ڪيون ٿا. پوءِ هي سڀ ڪجهہ اقرار ڪرڻ بعد انهن مان ڪجهہ ماڻهو ڦري وڃن ٿا. حقيقت اها آهي تہ اصل ۾ ئي ايمان کان عاري هئا.(47) اهڙن ماڻهن کي جڏهن الله جل شانہ ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم طرف سڏيو وڃي ٿو تہ هنن جي درميان فيصلو ڪيو وڃي تہ انهن مان ڪجهہ منهن ڦيريو ڇڏين ٿا.(48) پر جنهن معاملي ۾ حق هنن جي حق ۾ آهي تہ پوءِ هو الله جل شانہ جي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم ڏانهن سر جهڪائي اطاعت گذار ٿي ڊوڙندا اچن ٿا.(49) ڇا هنن منافقن جي دل کي روڳ (مرض) لاحق ٿي ويو آهي؟ يا هو شڪ ۾ اچي ويا آهن، يا انهن جي خيال ۾ آهي تہ الله جل شانہ ۽ الله جو رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم هنن سان زيادتي نہ ڪن؟ پر هو پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا آهن. (50)

---

قرآن هر هنڌ هن حقيقت ڏانهن توجه ڏياريو آهي تہ هن ڪائنات ۾ جو ڪجهہ آهي، سڀ الله جل شانہ اڳيان جهڪيل آهن. تسبيح ۽ تقديس ۾ مشغول آهن ۽ سڀ ان جي عبادت ۾ سر گرم آهن. "وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ" (بني اسرائيل: 44/17) پر توهان انهن جي تسبيح سمجهڻ کان قاصر آهيو. هي انسان ئي آهي جو اهڙي عالمتاب روشنيءَ جي هوندي سخت اونداهين ۾ زندگي بسر ڪري ٿو. ڪائنات جي ڪنهن بہ شيءِ ۾ اها حالت نہ آهي. هر شيءِ پنهنجي وديعت ڪيل فطرت جي قانون جي ادائگيءَ ۾ سرگرم عمل آهي. ذرا هنن پکين ڏانهن ڏسو، اهي ڪهڙي طرح پنهنجا پر پکيڙي فضا ۾ محو

پرواز آهن ۽ پنهنجي پنهنجي راهه تي روان آهن. جنهن ۾ هو ڪا غلطي نٿا ڪن. (بني اسرائيل: 44/17) اهڙي طرح ڪائنات جي هر شيءِ پنهنجي صلواة يعني زندگيءَ جي مقرر ڪيل فريضي کي پوري طرح ڄاڻي ٿي ۽ مقرر ڪيل مقصد کي ماڻڻ لاءِ ڪوشان آهي. هي سموريون شيون زبانِ حال سان انسان کي آگاهه ڪري رهيون آهن ۽ دعوت ڏين ٿيون ته هو به انهن سان حمد ۽ تسبيح ۾ شريڪ ٿي، الله جي عبادت ذريعي ان جي رحمت جو مستحق ٿئي، پر جيڪڏهن ان نظام کان ٻاهر پير رکي ٿو ته هو ڪائنات جي مجموعي نظام اطاعت کان الڳ ٿي وڃي ۽ ان سان هو پاڻ کي نقصان ڏئي ٿو، پر الله جو ڪجهه به بگاڙي نٿو سگهي. الله ان کي ڄاڻي ٿو جو ڪجهه هو ڪن ٿا.

ياد رکو ته هن ساري ڪائنات ۽ مخلوقات تي بادشاهت حڪمراني اختيار ۽ اقتدار صرف الله جل شانه وٽ آهي. ڪا به اهڙي شيءِ ناهي جو ان جي دائري اختيار کان ٻاهر هجي. هو وحده لا شريڪ له، احد ۽ صمد ذات هن ساري نظام کي هلائي رهي آهي ۽ هر شيءِ جو قدم ان طرف کڄي رهيو آهي. هن آيت ڪريمه ۾ الله جي قدرت ۽ نظام ربوبيت کي جنهن واضح طريقي ۽ چٽن دليلن سان بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي برهان ربوبيت سان تعبير ڪيو ويو آهي. (الفرقان: 54/25) توهان بادلن کي ڏسو ته اهي خرامان خرامان رفتار خدا جي قانون مطابق گهمندا رهن ٿا ۽ هنن جو هڪ ٽڪرو ٻئي ٽڪري سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا ۽ انهن ۾ ڪا تفريق نظر نٿو اچي. جڏهن اهي هڪ ٻئي تهه به تهه چڙهي، هڪ ڪاري ڪڪر جي صورت اختيار ڪندا آهن ته اهي برسات بڻجي وسڻ شروع ڪن ٿا، جنهن سان غير آباد زمين کي آباد ڪري، باغ بهار ڪن ٿا. اجايلن جي اڄ ختم ڪن ٿا ۽ ساري ملڪ ۾ نئين زندگي جو روح ڦوڪي ڇڏين ٿا، پر وري جبلن جي چوٽين تي سوار ٿي ان کي برف جي سفيد چادر سان ڍڪي ڇڏين ٿا. بعد ۾ اهي برف پگهاري، ندين ۽ نالن جي ذريعي سيلاب جي صورت اختيار ڪري کلي ميدانن کان گذري سمنڊ ۾ پهچي وڃن ٿا. جتان وري سمنڊ جو پاڻي بخارات جي صورت ۾ بادل ناهي ٿو ۽ اهو نظام اهڙي طرح قائم آهي، جنهن تي عقل حيران آهي. هن پاڻي مان به اهو فائدو حاصل ڪن ٿا، جيڪي ماڻهو قانون فطرت جي رهبري ۾ ان مان فائدي جا طلبگار آهن. پر جيڪي ماڻهو

ان کان غافل رهن ٿا تہ رحمت خداوندي جو اهو پاڻي بہ انهن کان منهن موڙي وڃي ٿو ۽ هو ان جي برڪتن ۽ رحمتن کان رهجي وڃن ٿا. هنن بادلن ۾ بجلي بہ چمڪي ٿي جيڪا اکين کي متاثر ڪري ٿي. (البقره: 20/2-19) خدا جي وحيءَ جو نور بہ ائين هر هڪ جي در تي دستڪ ڏئي ٿو. نصيب وارا روشني حاصل ڪن ٿا، پر بدنصيب محروم رهجي انڌيرن ۾ ڀٽڪي وڃن ٿا. "مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ" (الانعام: 38/6 اهو ان الله جو قانون فطرت آهي، جنهن جي روشني ۾ رات ۽ ڏينهن متوازن طريقي سان گردش ڪري رهيا آهن ۽ انڌيري بعد روشني ۽ روشني بعد انڌيرا اچن ٿا. انهن آفاقي قانونن ۾ اهل نظر ۽ فڪر لاءِ بصيرت موجود آهي، جنهن ۾ هر خارجي دنيا کان عبرت ۽ رهبري حاصل ڪري، خود انساني معاشرو ان نظام کي آڻي سگهي ٿو ۽ چڱي طرح سمجهي ٿو تہ جڏهن انساني معاشرو خدا جي قانون تي پابندي سان عمل ڪندو، ان جا ڪيترا نہ خوشگوار نتيجا وقوع پذير ٿين ٿا. قومن جو ڪمال ۽ زوال بہ ان قانون جي مرهون منت آهي. خدا جي قانون جي اطاعت سان قومي عروج ۽ ڪمال ملي ٿو تہ وري ان جي حڪمن کان منهن موڙڻ وقت نزول ۽ زوال اچي ٿو. هي بہ ان الله جي قدرت جي ڪارفرمائي آهي، جو هن جاندار کي پاڻي مان پيدا ڪيو آهي، يعني زندگيءَ جو آغاز پاڻيءَ کان ٿيو آهي، جهڙي طرح هن جي پئدائش پاڻي جي ذريعي آهي، اهڙي طرح ان جي بقا جو انحصار بہ پاڻيءَ تي آهي. علم الحيات هن پوشيده حقيقت تان پردا هٽائي، قرآن جي تصور کي قبول ڪيو آهي تہ انسان پاڻيءَ جي پيدائش آهي ۽ تمام جاندار بہ پاڻي جي پيدائش آهن. خدا جي اها مخلوق جدا جدا خاصيتن، صلاحيتن ۽ تخليق ۾ نظر اچي ٿي، انهن مان ڪجھ اهڙا آهن جيڪي پنهنجي پيٽ جي سهاري رڙهن ٿا، ڪجھ جاندار ٻن پيرن تي هلن ٿا ۽ ڪيترا چئن پيرن تي هلي چلي سگهن ٿا. الله پنهنجي تخليق واري قانون مطابق جنهن کي گهري ٿو، پنهنجي مشيت واري قانون موجب پيدا ڪري ٿو. هن هر شيءِ لاءِ قدر يعني اندازا ۽ پيمانہ مقرر ڪري ڇڏيا آهن. "قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا" (الطلاق: 3/65) هر شي ۾ ان جي قدرت يا تقدير جو پيمانو موجود آهن، سنکئي ۽ شنگرف ۾ زهر مارڻ لاءِ، تہ ترياق بچائڻ لاءِ آهي. "لِكُلِّ دَآءٍ دَوَآءٌ" مرض آهي تہ ان جو علاج بہ آهي، فرعون آهي تہ موسىٰ بہ آهي.

اسان هن موعظت ۽ نصيحت آميز بيان ۾ اهڙا دليل بيان ڪيا آهن، جيڪي حق جي طالب ۽ متلاشي لاءِ عرفان حقيقت جي روشني نمايان ڪن ٿا، جنهن سان هو سعادت واري صراط مستقيم حاصل ڪري وٺي ٿو. پويان پيش ڪيل دليل ۽ برهان آيت 35 کان آيت 45 تائين وارا ڪيترو نه دلڪشا ۽ حقيقت نما آهن. قرآن جن کي اصل حقيقت آشڪار ڪري وضاحت سان بيان ڪرڻ لاءِ دليل ۽ برهان سڏيو آهي، هي اهڙا دليل آهن، باقي انسانن جي مغز ماري، منطقي مقدما، فلاسفي ۽ بحث اصل دليل نه آهن. الله پنهنجي مشيت واري عدل ۽ انصاف تي مبني قانون سان هنن آيتن ۽ دليلن سان جيڪي روشن ۽ نمايان آهن، جنهن کي گهري ٿو هدايت واري سڌي راهه تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري ٿو. هنن ماڻهن کي ڏسو ته سندن قول ۽ فعل ۾ ڪيترو فرق آهي، هو ظاهري طور چون ٿا ته اسان الله جل شانه ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ تي ايمان آندو آهي ۽ ان جي اطاعت اختيار ڪئي آهي، پوءِ هي سڀ ڪجهه اقرار ڪرڻ بعد انهن مان ئي اهڙو ٽولو آهي، جو الله جل شانه ۽ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي حڪمن کان منهن موڙي ڇڏين ٿا. (النساء: 65/4، الاحزاب: 36/33) پر ڪي اهڙا آهن، جو قبول ڪن ٿا. (النور: 51/24) هي حق ۽ سچ وارو سڌو رستو انهن جي مقدر ۾ اچي ٿو، جيڪي سچي دل سان ان جي تصديق ڪن ٿا ۽ عمل پيرا ٿين ٿا، پر جيڪي منافق اڄ اقرار ۽ سڀاڻي انڪار يا اڄ صبح جو ايمان ۽ شام جو ڪفر ڪن ٿا، اهي هن مان سعادت ۽ ڪامراني حاصل ڪري نٿا سگهن ڇو ته هي مؤمن آهن ئي ڪو نه. هن جو عملي ثبوت اهو آهي جڏهن هنن کي هن بابرڪت نظام جي دعوت ڏجي ٿي ته الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ پاران خدا طرفان وحي ٿيل حڪمن جي قبول ڪرڻ ۽ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ٿئي ٿي ته هو هنن ۾ پيدا ٿيل اختلاف جو فيصلو ڪري، اهو نافرمان گروهه ان تي اعتراض ڪري ٿو، يعني زبان سان اقرار ڪري پاڻ کي مؤمن ظاهر ڪري ٿو ۽ اسلامي رياست جا نفعا حاصل ڪري ٿو ۽ اسلامي قانون کان بچڻ لاءِ پاڻ کي مؤمن ظاهر ڪري ٿو پر هو اندر ۾ ابليس آهي ۽ ايمان کي دل سان قبول نٿو ڪري، هي منافق آهي، اهڙن ماڻهن کي مؤمن ۽ مسلمان سمجهڻ درست ناهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو معاملو هجي ٿو، جيڪو هنن جي حق ۾ آهي ته هو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي حضور

ڊوڙندا اچن ٿا ۽ ان ڪان منهن نٿا موڙين. پنهنجي فائدي لاءِ خدا جي رسول ﷺ جي
تابعداري ظاهر ڪن ٿا ۽ سرجهڪائي بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿين ٿا. ڇا هنن منافقن جي
دل ڪي روڳ (مرض) لاحق ٿي ويو آهي؟ ڇا هو شڪ ۾ اچي ويا آهن، يا انهن جي خيال ۾
آهي ته الله جل شانه ۽ الله جو رسول ﷺ هنن سان زيادتي نه ڪن؟ نه ائين ڪجهه
ناهي، پر هو پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ وارا آهن، جنهن جو نه
ڪو دارون نه دوا.

اِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ
اَنْ يَّقُوْلُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٥١ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ
وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَخْشَ اللّٰهَ وَ يَتَّقْهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ۝٥٢ وَ اَقْسَمُوْا
بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ اَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ؕ قُلْ لَّا تُقْسِمُوْا ۚ
طَاعَةٌ مَّعْرُوْفَةٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٥٣ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ
وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ وَ عَلَيْكُمْ مَّا حُمِّلْتُمْ ؕ
وَ اِنْ تُطِيْعُوْهُ تَهْتَدُوْا ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝٥٤ وَعَدَ
اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِى الْاَرْضِ
كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَ لَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِى
ارْتَضٰى لَهُمْ وَ لَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِىْ لَا
يُشْرِكُوْنَ بِىْ شَيْـًٔا ؕ وَ مَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝٥٥

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٥٦﴾
لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۚ وَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ
وَ لَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٥٧﴾ ع

ع ٧ ١٤

مؤمن جو شان تہ هي آهي، جڏهن الله جل شانه ۽ ان جي رسول ﷺ طرفان کين فيصلي لاءِ سڏيو وڃي تہ هو چون اسان ٻڌو ۽ حڪم مڃيو، يقينًا اهي ماڻهو ئي ڪامياب آهن. (51) جو شخص خدا ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪندو ۽ الله جو خوف رکي ٿو ۽ هن جي قانون جي نگهداشت ڪري ٿو، اهو ئي بامراد آهي.(52) هي منافق وڏا وڏا قسم ڪڻي چون ٿا تہ اگر توڪان هنن کي حڪم ملندو تہ هو گهرن مان (جنگ لاءِ) نڪري ايندا، هنن کي چئو تہ قسم نہ کڻو، سچي اطاعت درڪار آهي. بيشڪ الله توهان جي هر عمل کان واقف آهي.(53) اي پيغمبر ﷺ تون هنن کي چئو تہ توهان الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪريو. پر جيڪڏهن اوهان (اطاعت کان) منهن موڙيو تہ پوءِ ٻڌو تہ اسان جي رسول ﷺ جي اها ذميداري آهي، جيڪا هن تي وڌي وئي آهي ۽ توهان جي اها ذميداري آهي جيڪا توهان تي وڌي وئي آهي، پوءِ جيڪڏهن اوهان هن جي اطاعت ڪندؤ تہ هدايت حاصل ڪندا. اسان جي رسول ﷺ جي رڳو ايتري ذميداري آهي تہ هو توهان تائين احڪام چڏي. (54) جن ماڻهن اوهان مان ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن سان الله جو وعدو آهي تہ انهن کي زمين تي خلافت عطا ڪندو، جهڙي طرح هن توهان کان اڳ وارن (قومن) کي خلافت ڏني ۽ هو ضرور ان دين کي غلبو عطا ڪندو، جيڪو هن انهن لاءِ پسند ڪيو آهي ۽

ضرور خوف کان بعد هنن کي امن و سکون عطا کندو، اهي ماڻهو منهنجي عبادت کندا ۽ مون سان کنهن کي بہ شريک نہ کندا. هن بعد بہ جيکي ماڻهو کفر اختيار کندا تہ اهڙا ماڻهو ئي بدکردار آهن.(55) نماز قائم کيو ۽ زکوات ڏيندا رهو ۽ پيغمبر خدا خاتم النبيين ﷺ جي حکم جي پيروي کريو تہ توهان تي رحمت کئي وڃي. (56) ۽ ڪڏهن بہ اهو خيال نہ کندا تہ کافر اوهان تي غلبو حاصل کندا. هنن (کافرن) جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ اهو نهايت خراب ٺکاڻو آهي.(57)

مؤمنن کي يقين آهي تہ خدا طرفان عطا کيل نظامِ حيات سراپا سچ آهي، ان جي صداقت تي کو شک ناهي. اهڙن مؤمنن کي جڏهن الله جل شانه ۽ رسول خاتم النبيين ﷺ پاران کنهن فيصلي لاءِ سڏايو وڃي ٿو تہ هنن جو هميشہ هي جواب آهي تہ اسان حکم ٻڌو ۽ ان کي قبول کيو. يقيناً اهڙي مثبت موٽ ڏيڻ وارا ماڻهو آهن، جيکي دنيا ۽ آخرت ۾ کامياب هوندا. هن آيت ۾ قضا يعنىٰ فيصلي جو حکم آهي، پر ان جو منشا ۽ مقصود عام آهي. هتان معلوم ٿيو تہ کٿي بہ ۽ کنهن وقت قرآن ۽ سنت جو کو فيصلو مسلمانن کي پيش اچي تہ اهي ان فيصلي تي ضرور "سَمِعۡنَا" (اسان ٻڌو) ۽ "اَطَعۡنَا" (اسان قبول کيو) چئي ان فيصلي آڏو جهکي وڃن. جنهن سان سمورن حيلن بهانن ۽ حجتن جو خاتمو ٿيڻ گهرجي. هنن نهايت اهم حکم کي نظر انداز کري جن ماڻهن پنهنجن اڳواڻن ۽ امامن جي اقوال ۽ آراء کي پنهنجي تقليد جو مرکز بڻايو آهي ۽ هو ان تي عمل پيرا آهن، اهي الله جل شانه ۽ رسول خاتم النبيين ﷺ حکمن تي ايترو توجه نٿا ڏين، جيترو پنهنجن پيشوائن جي اطاعت ۽ تابعداري کن ٿا.(المائده: 44/5 کان 47) اها حقيقت آهي تہ کامياب ۽ بامراد اهي ماڻهو آهن، جيکي الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي حکمن جي دل جي خلوص سان اطاعت کن ٿا ۽ ان تي عمل کرڻ کي پنهنجو مقصد حيات سمجهن ٿا. هو خدا جي حکمن جي سرکشي کرڻ جي انجام کان خوف زده آهن ۽ ان جي پوري پوري نگهداشت رکن ٿا. هت منافقن جي ان روش جو ذکر آهي، جنهن ۾ هو

ٻڌي پاليسي رکندا هئا. هو وڏا وڏا قسم کڻي اي نبي محترم ﷺ! توکي چون ٿا جيڪڏهن هنن کي جنگ لاءِ پنهنجي گهرن کان نڪرڻو پيو ته ضرور نڪرندا ۽ جنگ ۾ شريڪ ٿيندا. اهڙي طرح گويا هو پنهنجي اطاعت ۽ وفاداريءَ جو يقين ڏيکارڻ گهرن ٿا. پر هنن جو عمل سندن هن دعوىٰ کي رد ڪري ٿو. تون هنن کي چئو ته قسم کائڻ سان ڪجهه حاصل نه ٿيندو. جيڪڏهن اوهان پنهنجي هن دعوىٰ ۾ سچا آهيو ته پوءِ عملي طور ان جو مظاهرو ڪيو. اطاعت زباني دعوىٰ نه، پر عملي اقدام جو نالو آهي. اها قسمن جي محتاج نه آهي. سچو ماڻهو جو ڪجهه چوندو آهي، ان تي قسم کڻي يقين نه ڏياريندو آهي. چو ته سچ کي قسم جي ضرورت ناهي. ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻڻ ان جو ڪم آهي، جنهن جي دل ۾ چور هجي، ڪو ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ قسم کڻڻ جو سهارو وٺندو، اهو منافق جو ڪردار آهي. اوهان جو ڪجهه چئو ٿا الله کي ان جي پوري خبر آهي. هنن کي چئو ته قسمن کڻڻ سان اعتماد پيدا ڪرڻ جي بجاءِ عملي طور ڪري ڏيکاريو. هتان معلوم ٿي ويندو ته هو ڪيترا سچا ۽ وفادار آهن. ان جي باوجود جيڪي اطاعت قبول نٿا ڪن، انهن جي ڪا به ذميداري توتي ناهي. تنهنجو فرض منصبي هنن تائين خدا جي حڪمن کي واضح طور پهچائڻ آهي، جيڪو ڪم تو ڪيو آهي ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ هنن جي ذميداري آهي. منافق جيڪڏهن اوهان جي اطاعت ڪندا ته اوهان کي صحيح رستي جي رهنمائي ملي ويندي، پر جيڪڏهن روگرداني ڪندا ته ان جو خميازو توهان کي ئي ڀوڳڻو پوندو.

باقي رهيو ته هنن سخت حڪمن جي پيروي ڪرڻ، پنهنجن خواهشن کي ختم ڪرڻ ۽ ذاتي مفادن کان دستبردار ٿيڻ ۽ هن دين کي قبول ڪرڻ سان آخر اسان کي ڇا ملندو؟ اسان انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله تي ايمان رکن ٿا، نيڪ ڪم ڪن ٿا ۽ اسان جي حڪمن جي بجا آوري ڪن ٿا، وعدو ڪيو آهي ته هنن کي اقتدار ڏئي ڪنداسون. (الزمر: 39/ 74، الحج: 41/22) هي سنت الله يعني ابدي قانون آهي، جنهن موجب اسان گذشته قومن کي انهيءَ قانون موجب حڪومت ڏني. (القصص: 6/28) انهيءَ ساڳي قانون جي روشنيءَ ۾ اسان هنن کي به حڪومت عطا ڪنداسون ۽ مستحڪم رکنداسون، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جو خوف امن ۾ بدلجي ويندو. الله تعالىٰ توهان لاءِ اسلام کي دين ڪري مقرر

ڪيو آهي، جنهن کي هي طرح پورو ڪيو ويو آهي (المائده: 3/5) تہ جيئن هو صرف اسان
جي قانون جي اطاعت ڪن ۽ مون سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائين. جنهن سان اوهان جي
اطاعت وارو دين سمورو الله جو دين ٿي ويندو. (الانفال: 39/8) پر جن ان بعد بہ ڪفر
ڪيو، اهي فاسق آهن. الله تعالىٰ هن ڪان اڳ "بَعۡدَ ذَالِكَ" جا الفاظ چئي، مؤمنن سان ٽي
وعده ڪيا آهن: (1) خلافت سان نوازيندو. (2) توهان جي دين کي غالب ڪندو ۽ (3) توهان
جي خوف ۽ غمن کي لازمي طور بدلي ڇڏيندو. جيڪو مسلمان هن وعدي تي سچائيءَ
سان عمل نہ ڪندو، اهو ڪفر جو مرتڪب ٿيندو.

بعد ۾ صلح حديبيه ۾ سورة الفتح ۾ "فتح مبين" جي بشارت آهي. ان ڪان بعد
خيبر فتح ٿيو. 8 هجري ۾ مڪو پاڪ فتح ٿيو ۽ 9 هجري ۾ اعلان ڪيو ويو تہ اڄ ڪان پوءِ
ڪوبہ مشرڪ مسجد حرام ۾ داخل ٿي نہ سگهندو. هن ڪان بعد خلافت راشده جي دؤر ۾
الله جو دين نبوت واري رستي تي قائم رهيو ۽ رسول الله ﷺ جا فرمان مبارڪ اکر
بہ اکر ثابت ۽ سچا نڪتا. الله تعالىٰ سورة التوبه: 33/9، سورة الفتح: 28/48 ۽ سورة الصف:
9/61 ۾ واضح طور هنن لفظن ۾ اعلان فرمايو آهي: "هُوَ الَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَ دِيۡنِ
الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ" يعني هي اهو الله آهي، جنهن پنهنجي رسول ﷺ کي
هدايت ۽ دين حق ڏئي موڪليو تہ جيئن هو ان کي هن سرزمين تي سمورن بين ديني
طريقن تي غالب ڪري. هنن واضح حڪمن ۽ هدايتن باوجود بہ جيڪڏهن هنن اطاعت نہ
ڪئي ۽ نافرماني جي روش اختيار ڪئي تہ اهي فاسق فاجر ۽ نافرمان هوندا. هنن جو
ٺڪاڻو دوزخ آهي، جتي هو هميشہ عذاب ۾ پيڙهبا رهندا. جيڪڏهن اوهان گهرو ٿا تہ
اوهان کي سڪون ۽ قرار ملي ۽ دل جو سڪون حاصل ٿئي تہ نماز جي قيام جو اهتمام
ڪريو ۽ واقعي اهڙي پر امن معاشري جا خواهش مند آهيو تہ پوءِ پنهنجي رسول محترم
ﷺ جو دامن مضبوطي سان پڪڙيو ۽ ان جي اطاعت ڪريو، جنهن جي نتيجي ۾ اوهان
تي خدا جي نوازشن جي بارش ٿي ويندي. توهان انهن ڪان ذرا پر خوف نہ ڪريو تہ هو
اوهان تي غالب اچي ويندا ۽ اوهان کي عاجز ڪري ڇڏيندا ۽ هن زمين تي قابض ٿي ويندا.
الله اوهان سان وعدو ڪيو آهي. "وَاَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ" اوهان ئي ڪامياب ڪامران هوندا.

(المائده: 56/5) هن مضمون جي تائيد ۾ سورة سبا: 28/34 ۽ سورة الانبياء: 107/21 ۾ مذڪور آهي تہ الله تعالىٰ رسول کي سمورن انسانن جي هدايت ڪري موڪليو آهي ۽ سمورن جهانن جي لاءِ رحمت آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَ الَّذِيْنَ لَمْ
يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَ حِيْنَ تَضَعُوْنَ
ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَ مِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَآءِ ۫ؕ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ
لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَ لَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ
عَلٰى بَعْضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۸﴾ وَ اِذَا
بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا اسْتَاْذَنَ الَّذِيْنَ مِنْ
قَبْلِهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۹﴾ وَ
الْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ
يَّضَعْنَ ثِيَابَهُنَّ غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۭ بِزِيْنَةٍ ؕ وَ اَنْ يَّسْتَعْفِفْنَ خَيْرٌ
لَّهُنَّ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۶۰﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الْاَعْرَجِ
حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلٰۤى اَنْفُسِكُمْ اَنْ تَاْكُلُوْا مِنْۢ بُيُوْتِكُمْ
اَوْ بُيُوْتِ اٰبَآئِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اُمَّهٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اِخْوَانِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ
اَخَوٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَعْمَامِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ عَمّٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخْوَالِكُمْ اَوْ

بُيُوْتِ خٰلٰتِكُمْ اَوْ مَا مَلَكْتُمْ مَّفَاتِحَهٗۤ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ
جُنَاحٌ اَنْ تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا اَوْ اَشْتَاتًا ؕ فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰۤى
اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ
الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۧ ٦١ ع ٨/١٤

اي ايمان وارؤ! جيڪي توهان جي زيردست (ٻانهيون ۽ غلام) آهن ۽ جيڪي اجان بالغ نہ ٿيا آهن، اهي جيڪڏهن هنن ٽن وقتن ۾ اوهان وٽ اچن تہ اجازت وٺي اچن. صبح جي نماز کان اڳ ۾، منجهند جي وقت جڏهن آرام ڪرڻ لاءِ ڪپڙا لاهي ڇڏيندا آهيو، نماز عشا کان پوءِ. هي ٽي وقت توهان جي پردي جا وقت آهن. انهن وقتن کانسواءِ باقي وقتن ۾ اچڻ تہ ڪو گناهہ نہ آهي، نہ توهان لاءِ ۽ نہ هنن لاءِ. هنن جو توهان وٽ اچن وڃڻ رهي ٿو، توهان مان هڪ ٻئي کي ٻئي وٽ اچڻ جي ضرورت هوندي آهي. ڏسو الله اهڙي طرح کولي کولي احڪام بيان ڪري ٿو. هو هر (چڱي بري) شيءِ جو ڄاڻڻ وارو آهي ۽ سندس هر ڪم حڪمت تي مبني آهي.(58) جڏهن اوهان جا ٻار بلوغت تي پهچي وڃن تہ اهي بہ اجازت وٺن، جهڙي طرح هن کان اڳ بالغ ماڻهو اجازت وٺي داخل ٿيندا هئا. اهڙي طرح هي بہ اجازت وٺي داخل ٿين. اهڙي طرح الله کولي کولي احڪام بيان ڪري ٿو. هو هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو ۽ پنهنجي سمورن ڪمن ۾ حڪم رکڻ وارو آهي.(59) ۽ پوڙهيون عورتون جن کي هاڻي نڪاح ڪرڻ جي آرزو نہ رهي آهي، جيڪڏهن پنهنجي پردي واري چادر لاهي ڇڏين تہ ان ۾ ڪو گناهہ ناهي، بشرطيڪ پنهنجي هار سينگار جي نمائش مطلوب نہ هجي، پر جيڪڏهن انهيءَ ۾ بہ احتياط ڪن تہ هنن جي حق ۾ زياده بهتر آهي،

الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو ۽ هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي.(60) ڪو ماڻهو انڌو آهي يا منڊو آهي يا بيمار آهي، انهن لاءِ به ڪو حرج ناهي ۽ نه وري توهان لاءِ ڪو حرج آهي ته پنهنجي گهر ۾ کاڌو کائو يا انهن گهرن مان کاڌو کائو جيڪي توهان جي والد، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، چاچي، ڦڦي، مامي ۽ ماسيءَ جا گهر آهن يا انهن ماڻهن جا گهر، جن گهرن جون ڪنجيون اوهان وٽ آهن يا دوستن جا گهر هجن ته ان ۾ ڪا گناهه جي ڳالهه ناهي ته اوهان گڏجي کاڌو کائو يا الڳ الڳ ٿي کائو. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ داخل ٿيڻ گهرو ته پوءِ اوهان کي پنهنجن ماڻهن کي ”السلام عليڪم“ چوڻ گهرجي. هي سلامتي جي دعا جيڪا الله مقرر ڪئي آهي، مبارڪ ۽ پاڪيزه آهي. اهڙي طرح الله پنهنجا احڪام کولي کولي بيان ڪري ٿو ته جيئن اوهان سمجهو. (61)

---

هن کان اڳ آيت 27-28 ۽ 29 ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪنهن جي گهر وڃو ته اجازت وٺي وڃو، يعني گهر ڌڻيءَ کي معلوم هجي ته توهان هن جي گهر وڃي رهيا آهيو، ائين اوچتو ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي نه وڃو. هاڻي هت انهيءَ معاشرتي قاعدن ضابطن ۾ ٻڌايو ٿو وڃي ته گهرن اندر خلوت Privacy جو خيال رکڻ به ضروري آهي. توهان جا ملازم ۽ ڇوڪرا جيڪي اڃان بالغ نه ٿيا آهن، گهر جي ڪمن ڪارين لاءِ گهر ۾ اچن وڃن ٿا. ان ۾ ڪا به بندش ناهي، پر هنن ٽن وقتن ۾ فجر جي نماز کان اڳ، ٻنپهرن يعني منجهند جو جڏهن آرام لاءِ ڪپڙا لاهي ڇڏيو ٿا ۽ عشا جي نماز بعد اجازت کانسواءِ اوهان جي ڪمرن ۾ داخل نه ٿين، پر اجازت وٺي پوءِ اچن. ائين ڪرڻ سان نه اوهان کي پريشاني ٿيندي ته اوهان خلوت واري حالت ۾ هئا ۽ نه وري انهن ملازمن کي شرمندگي محسوس ٿيندي. هنن ٽن وقتن کانسواءِ باقي وقتن تي اچڻ وڃڻ جي اجازت آهي. هي حڪم رڳو نوڪرن لاءِ نه آهي، پر گهر ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ به آهي، ٻئي گهر ڀاتيءَ جي ڪمري ۾ وڃڻ ان کي اطلاع يا ”السلام عليڪم“ چئي پوءِ اندر وڃجي. پر جڏهن اوهان جا اهي صغير نوڪر جڏهن بالغ ٿي وڃن ته پوءِ انهن کي گهرن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اجازت وٺڻ ضروري آهي،

جهڙي طرح ٻين ماڻهن لاءِ اجازت وٺي اچڻ ضروري آهي. (النور: 27/24) هي هدايتون ۽ حڪم انهيءَ لاءِ آهن ته ڪو اڻ وڻندڙ واقعو رونما نه ٿئي ۽ گهر جي سڪون ۾ خلل واقع نه ٿي وڃي. انهن وقتن تي اڪثر ڪپڙن لٽن کان اهڙي طرح آجا هوندا آهن، جو ڪنهن جي اوچتو بنا اطلاع داخل ٿيڻ ناگوار حالتون پيدا ڪري سگهي ٿو. ڏسو اوهان جي ڀلائي لاءِ الله تعالىٰ ڪولي ڪولي ڇٽيون هدايتون ۽ حڪم ڏئي ٿو، ڇو ته هو هر شيءِ جي ڀلي بري کان چڱي طرح آگاهه آهي ۽ هن جو هر ڪم حڪمت ۽ مصلحت تي مشتمل آهي.

هن کان اڳ آيت 31 ۾ عورتن جي پردي بابت چيو ويو ته هو پنهنجون چادرون پنهنجي سينن تي اوڙهي، پاڻ کي پردي ۾ رکن ۽ پنهنجي هار سينگار ۽ زيب و زينت وارين شين جي نمائش نه ڪن. ايتري قدر جو هلڻ وقت زور سان پير زمين تي هڻي پنهنجن گجهن زيورن جي ڇنڪار ظاهر نه ڪن، پر اهڙيون پوڙهيون عمر رسيده عورتون جن کي نڪاح ڪرڻ جي آرزو ۽ اميد نه هجي، يا ٻين لفظن ۾ هو مجامعت ۽ شهوت واري خواهش جي عمر ۽ حد کان گذري چڪيون آهن ته اهي جيڪڏهن ستر ڪرڻ واريون چادرون سينن تي نه اوڙهين ته هن ۾ ڪو حرج ناهي، بشرطيڪ ان ۾ به پنهنجي زيب و زينت ۽ هار سينگار يا زيورات جي نمائش جو ارادو نه هجي. (الاحزاب: 23/33) ان اجازت هوندي به جيڪڏهن هو پردي واري چادر ڍڪي رکن ته انهن لاءِ بهتر آهي. خاص ڪري اهڙين حالتن ۾، جتي ملڪ اندر ست اٺ سال جون نياڻيون به بدڪردار ماڻهن جي شهوت جو نشانو هجن. ياد رکو الله اوهان جي هر قول کي ٻڌي رهيو آهي ۽ فعل جو علم رکي ٿو. ان جي ڪبريائي ۽ جلال جو احساس هميشه دل ۾ هجي.

هي جو ڪجهه ضابطا ۽ قانون جي بيان سان پابنديون وڌيون ويون آهن ته گهر ڏٽين کان اجازت وٺڻ ضروري آهي، متان اهو خيال نه اچي ته هن سان معاشرتي دوريون تي وينديون ۽ پنهنجن عزيزن قريبن جا گهر به غيرن جا گهر محسوس ٿيندا، بلڪل ائين نه آهي. چو ته رشتيداري ۽ خلوت Privacy جو خيال به الڳ شيون آهن ۽ هڪ ٻنهي تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا مشڪل ناهي. گهڻو ڪري رشيتداريءَ ۾ اهو هوندو آهي ته اوهان هڪ ٻئي جي گهر کاڌي جي دعوت تي ويندا آهيو ۽ ان ۾ ڪو تڪلف نه هوندو آهي، ان ڪري اوهان پنهنجي گهر کاڌو کائو يا پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي گهر کائو، يا پنهنجي ماءُ جي

گهر ياءُ ۽ ڀيڻ، چاچي ڦڦي، مامي يا ماسي جي گهر کاڌو کائو، يا انهن گهرن مان جنهن جو انتظام سار سنڀال توهان پاڻ ڪيو ٿا، يا دوستن جي گهران خوشيءَ سان کائو. هن ۾ انڌي، منڊي، بيمار يا تندرست توانا ۾ ڪا تميز ناهي، سڀ برابر آهيو. پر انڌي، لولي، لنگڙي ۽ مريض ماڻهوءَ کي گهرن ۾ رهڻ ۽ اچڻ وڃڻ جي اجازت آهي، جنهن ۾ ڪجهه کي اجازت آهي ته ڪجهه کي منع آهي ائين نه آهي. رشتيداري جي تعلقات جو قائم رکڻ ۽ ان ۾ ستر جو ڀرم رکڻ به ضروري آهي. هن ۾ به ڪو حرج ناهي ته سڀ گڏجي کاڌو کائن، زياده پسنديده عمل آهي، پر الڳ الڳ کائڻ کان به منع نه آهي. پر جهڙي طرح آيت 27 ۾ ذڪر ٿي آيو آهي ته هڪ ٻئي جي گهر وڃو ته بنا اطلاع اوچتو نه ڪڙڪو، پر اڳ ۾ ”السلام عليڪم“ چئي سلامتيءَ جو پيغام ڏيو ۽ خير سگالي جو اظهار ڪريو. معذور بيمار ماڻهو به پنهنجي رشتيدارن ۽ دوستن سان گڏجي کاڌو کائڻ کي برو نه سمجهن ۽ اهڙي طرح ڪو به انهن معذور ۽ بيمار ماڻهن سان گڏجي کائڻ خراب نه سمجهي. هر ماڻهو پنهنجي دسترخوان کي ٻئي لاءِ ڪشادو رکي. گڏجي کائڻ وڌيڪ بهتر آهي، پر ڪو الڳ ويهي کاڌو کائي ته به حرج ناهي. الله جل شانه پنهنجن حڪمن کي ان ڪري کولي کولي وضاحت سان بيان ڪري ٿو ته توهان ان جي روشني ۾ هڪ مهذب معاشري جو ثبوت ڏيو.

---

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اِذَا كَانُوْا مَعَهٗ عَلٰٓى اَمْرٍ
جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ اِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ
شَاْنِهِمْ فَاْذَنْ لِّمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٦٢﴾ لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ قَدْ

يَعۡلَمُ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ يَتَسَلَّلُوۡنَ مِنۡكُمۡ لِوَاذًا ۚ فَلۡيَحۡذَرِ الَّذِيۡنَ يُخَالِفُوۡنَ
عَنۡ اَمۡرِهٖۤ اَنۡ تُصِيۡبَهُمۡ فِتۡنَةٌ اَوۡ يُصِيۡبَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۶۳﴾ اَلَاۤ اِنَّ
لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ قَدۡ يَعۡلَمُ مَاۤ اَنۡتُمۡ عَلَيۡهِ ؕ وَيَوۡمَ يُرۡجَعُوۡنَ
اِلَيۡهِ فَيُنَبِّئُهُمۡ بِمَا عَمِلُوۡا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۶۴﴾ ع

ع ٩ ١٥

سچا مؤمن تہ اھي آھن، جيڪي الله ۽ ان جي رسول خَاتَمِ النَّبِيِّيْن ﷺ تي ايمان آڻين ٿا ۽ ھو ڪنھن اجتماعي صلاح مشوري لاءِ رسول الله ﷺ سان مجلس ۾ گڏ آھن تہ ھو اتان ھليا نٿا وڃن، جيستائين توھان کان اجازت نٿا وٺن، يقيناً جيڪي توھان کان اجازت گھرن ٿا، ھي اھي اشخاص آھن، جيڪي الله جل شانه ۽ ان جي رسول ﷺ تي ايمان رکن ٿا. پوءِ جيڪڏھن توھان کان اجازت طلب ڪن ٿا، ڪو عذر پيش ڪري تہ پوءِ تون انھن مان جنھن کي گھرين اجازت ڏئي ڇڏ ۽ انھن لاءِ استغفار ڪرڻ فرمايو. بيشڪ الله تمام گھڻو بخشڻھار ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آھي. (62) توھان الله جي رسول ﷺ جي سڏ کي پنھنجي سڏ وانگر نہ سمجھو. الله انھن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو، جيڪي اوھان مان ھڪ ٻئي جي اوٽ وٺي کسڪي وڃن ٿا، جيڪي ماڻھو رسول الله ﷺ جي حڪم جي مخالفت ڪن ٿا، ھنن کي ڊڄڻ گھرجي تہ انھن تي ڪا مصيبت اچي يا کين درد ناڪ عذاب پھچي.(63) آگاھ ھجو تہ اھو سڀ ڪجھہ جيڪو آسمانن ۽ زمين تي آھي، اھو الله جو آھي. اوھان جنھن حال ۾ ھجو، ھو ان کان باخبر آھي. جڏھن اھي ماڻھو ان (الله) طرف واپس موڪليا ويندا تہ ھو ھنن کي انھن جا سمورا اعمال ناما ٻڌائيندو، الله ھر شيءِ جو پورو پورو علم رکي ٿو.(64)

سورت جي آخر ۾ آيت 62 ۽ 63 ۾ حضور ﷺ جي اطاعت جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. جو تہ ان ڪان سواءِ خدائي حڪمن جي بجا آوريءَ ۾ سچو روح پيدا نہ ٿيندي، جو تہ انسانن سان پاڻ الله مخاطب ناهي، پر پنهنجي رسول ﷺ جي ذريعي احڪام الاهي جي بجا آوري جو خواهان آهي، سو جڏهن نبي اڪرم ﷺ ڪنهن اهم معاملي جي مشاورت لاءِ مجلس ڪوٺائيندا هيا تہ منافق رڳو حاضري لڳائڻ لاءِ ايندا هئا ۽ پوءِ مجلس هلندي کسڪي ويندا هئا. مؤمنن جو اهو شيوه ناهي. مسلمانن جي مصلحت ۽ ڀلائيءَ لاءِ جيڪڏهن مجلس گهرائي وڃي ۽ جماعت ۽ امت جا اهم معاملا طئي ٿي رهيا آهن تہ هر مؤمن، مسلمان کي ان ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ گهرجي، منافقن وانگر لڪي ڇپي، اک بچائي، کسڪي نہ وڃڻ گهرجي. (الحجرات: 49/2-1) پر جيڪڏهن ڪا مجبوري هجي تہ اجازت وٺي پوءِ وڃي ۽ نبي اڪرم ﷺ جنهن جو عذر معقول سمجهي تہ ڀلي ان کي رخصت ڏئي ڇڏن ۽ ان لاءِ استغفار جي دعا ڪن تہ جيئن هن جي اجازت واري عمل ۾ ڪا ٿوري گهڻي خامي هئي تہ ان لاءِ خدا هن کي معاف ڪري. خدا جي رسول ﷺ جي حڪمن کي نظر انداز ڪرڻ ۽ ان کي اهميت نہ ڏيڻ وارن کي خطا جي پڪڙ جو خوف رکڻ گهرجي، جو تہ قائد جي حڪمن جي مخالفت گويا دين ايمان جي مخالفت آهي.

غور سان ڏٺو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي، اهو سڀ ڪجهہ الله جو آهي، هر هنڌ الله جو اقتدار ۽ بادشاهت آهي. هن کي سڀ معلوم آهي، جو ڪجهہ اوهان ڪري رهيا آهيو. توهان جو هر عمل پوري طرح اکر بہ اکر محفوظ آهي. قيامت واري ڏينهن جڏهن ساري مخلوقات الله جي حضور رجوع ڪندي تہ ان وقت ڪين سندن سمورن ڪارنامن جي خبر ڏني ويندي. نيڪ کي نيڪي جو ۽ بد کي بديءَ جو بدلو ملي ويندو. الله کان ڪا بہ شيءِ لڪل يا ڳجهي ناهي، هن کي هر شيءِ جو پورو پورو علم آهي.

---

سڀ تعريفون، حمد ۽ شڪر الله تبارڪ وتعالىٰ جي لاءِ آهن، جنهن جي توفيق ۽ اعانت سان هن حقير سورة النور جو ترجمو ۽ شرح اڄ 22 شوال 1444هجري بمطابق 12 مئي 2023عيسوي بروز جمعة المبارڪ 10 وڳي لکي پورو ڪيو. الله در دعا آهي تہ هن پورهئي کي پذيرائي عطا ڪري. آمين

بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني و اياکم بالآيات والذکر الحکيم

(گلاسڪو-برطانيہ)

# سُوۡرَةُ الۡفُرۡقَانِ

هن سورت جو نالو پهرين آيت "تَبٰرَكَ الَّذِيۡ نَزَّلَ الۡفُرۡقَانَ" مان ئي ورتو ويو آهي. هيءَ سورة مڪي آهي. قرآن مجيد جي ترتيب ۾ هن جو نمبر 25 آهي، ليڪن نزول جي حساب سان هن جو شمار 66 لکيو ويو آهي. يعني 65 سورتون هن کان اڳ مڪ شريف ۾ نازل ٿي چڪيون هيون، هن بعد هن کان بعد 24 سورتون مڪ شريف ۾ ۽ پوءِ 24 سورتون مديني شريف ۾ نازل ٿيون. هن سورت ۾ مڪي جي ڪافرن طرفان نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ، سندس نبوت ۽ قرآن مجيد بابت جيڪي غلط پروپئگندا ڪئي ويندي هئي، شڪ شبها ۽ اعتراض ڪيا ويندا هيا، انهن جو واضح ۽ چٽو جواب ڏنو ويو آهي ۽ حق جي دعوت کان منهن موڙيندڙن ڪي سندن برن ڪمن جي بدلي نهايت برن نتيجن جو صاف صاف بيان ڪيل آهي.

آخر ۾ سورة المؤمنون وانگر مؤمنن جي اخلاقي خوبين جي هڪ تصويري پيش ڪئي وئي آهي ته مؤمن ۾ اهي خوبيون ضروري هئڻ گهرجن. ٻئي طرف ڪافر پنهنجي جهالت جا طور طريقا برقرار رکڻ جا خواهشمند هيا، پر الله تعالىٰ جو نظام يعني دين اسلام غالب ٿيندو ويو.

آيتون ٧٧ | سُوۡرَةُ الۡفُرۡقَانِ (مدني سورت) | رڪوع ٦

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

تَبٰرَكَ الَّذِیۡ نَزَّلَ الۡفُرۡقَانَ عَلٰی عَبۡدِہٖ لِیَکُوۡنَ لِلۡعٰلَمِیۡنَ نَذِیۡرَا ۙ﴿۱﴾
الَّذِیۡ لَہٗ مُلۡکُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لَمۡ یَتَّخِذۡ وَلَدًا وَّ لَمۡ یَکُنۡ لَّہٗ
شَرِیۡکٌ فِی الۡمُلۡکِ وَ خَلَقَ کُلَّ شَیۡءٍ فَقَدَّرَہٗ تَقۡدِیۡرًا ﴿۲﴾ وَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ
دُوۡنِہٖۤ اٰلِـہَۃً لَّا یَخۡلُقُوۡنَ شَیۡئًا وَّ ہُمۡ یُخۡلَقُوۡنَ وَ لَا یَمۡلِکُوۡنَ لِاَنۡفُسِہِمۡ
ضَرًّا وَّ لَا نَفۡعًا وَّ لَا یَمۡلِکُوۡنَ مَوۡتًا وَّ لَا حَیٰوۃً وَّ لَا نُشُوۡرًا ﴿۳﴾ وَ قَالَ
الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡۤا اِنۡ ہٰذَاۤ اِلَّاۤ اِفۡکُ ۣ افۡتَرٰىہُ وَ اَعَانَہٗ عَلَیۡہِ قَوۡمٌ اٰخَرُوۡنَ ۚۛ
فَقَدۡ جَآءُوۡ ظُلۡمًا وَّ زُوۡرًا ۚۛ﴿۴﴾ وَ قَالُوۡۤا اَسَاطِیۡرُ الۡاَوَّلِیۡنَ اکۡتَتَبَہَا فَہِیَ
تُمۡلٰی عَلَیۡہِ بُکۡرَۃً وَّ اَصِیۡلًا ﴿۵﴾ قُلۡ اَنۡزَلَہُ الَّذِیۡ یَعۡلَمُ السِّرَّ فِی السَّمٰوٰتِ
وَ الۡاَرۡضِ ؕ اِنَّہٗ کَانَ غَفُوۡرًا رَّحِیۡمًا ﴿۶﴾ وَ قَالُوۡا مَالِ ہٰذَا الرَّسُوۡلِ یَاۡکُلُ
الطَّعَامَ وَ یَمۡشِیۡ فِی الۡاَسۡوَاقِ ؕ لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡہِ مَلَکٌ فَیَکُوۡنَ مَعَہٗ
نَذِیۡرًا ۙ﴿۷﴾ اَوۡ یُلۡقٰۤی اِلَیۡہِ کَنۡزٌ اَوۡ تَکُوۡنُ لَہٗ جَنَّۃٌ یَّاۡکُلُ مِنۡہَا ؕ وَ قَالَ
الظّٰلِمُوۡنَ اِنۡ تَتَّبِعُوۡنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسۡحُوۡرًا ﴿۸﴾ اُنۡظُرۡ کَیۡفَ ضَرَبُوۡا لَکَ
الۡاَمۡثَالَ فَضَلُّوۡا فَلَا یَسۡتَطِیۡعُوۡنَ سَبِیۡلًا ﴿۹﴾ ع

معانقة ١٠ عند المتاخرين

ع ١٦ ٩

هي الله عزو جل نهايت بابرڪت آهي، جنهن پنهنجي عبد (بندي) تي قرآن
نازل ڪرڻ فرمايو آهي، جيڪو تمام جهان وارن (تمام جهانن) لاءِ نذير
(عاقبت جي انديشن ڪان) آگاهه ڪرڻ وارو آهي. (1) اها هستي، جنهن جي
آسمانن ۽ زمين تي بادشاهي آهي، جنهن ڪنهن کي پنهنجي اولاد نه بنايو
آهي ۽ ڪو به هن جي بادشاهي (اقتدار ۽ اختيار) ۾ شريڪ ناهي، جنهن هر
شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ ان جا اندازا ۽ پيمانا مقرر ڪيا آهن.(2) هنن
(ماڻهن) هن ڪان سواءِ پنهنجا اهڙا معبود بنايا آهن، جيڪي ڪجهه تخليق
ڪري نٿا سگهن، بلڪ هو پاڻ مخلوق آهن ۽ نه وري پنهنجي لاءِ نفعي ۽
نقصان جو اختيار رکن ٿا. موت ۽ حيات به انهن جي اختيار ۾ نه آهي ۽ نه وري
بعث بعدالموت يعني مئلن کي وري اٿي کڙو ڪرڻ جو اختيار آهي.(3) ۽
ڪافر چون ٿا ته هي قرآن من گهڙت ڪهاڻي آهي، جيڪا هن (رسول
خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم) پاڻ گهڙي آهي ۽ هن جي مدد ٻين ماڻهن به ڪئي آهي. ائين چئي
هنن ڪافرن ظلم ۽ ڪوڙ جو ارتڪاب ڪيو آهي.(4) چون ٿا ته گذري ويل
قومن جون ڪهاڻيون آهن، جو هن ڪنهن ڪان لکرائي رکيون آهن، جيڪي
هن کي صبح شام پڙهي ٻڌايون ٿيون وڃن. (5) توهان هنن کي چئو ته هن کي
ان نازل ڪرڻ فرمايو آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جي پوشيده شين جو علم
رکي ٿو، بيشڪ هو غفور رحيم، بخشڻ ۽ حفاظت ڪرڻ وارو ۽ هميشه رحم
ڪرڻ وارو آهي. (6) چون ٿا ته هي ڪهڙو پيغمبر آهي، جو کاڌو کائي ٿو ۽
بازارن ۾ گهمي ڦري ٿو. هن سان گڏ ڪنهن فرشتي کي ڇو نه نازل ڪيو ويو
آهي، جيڪو هن سان گڏجي خبردار ڪرڻ وارو هجي ها.(7) يا هن طرف
آسماني خزانو لاٿو وڃي ها، يا هن جو ڪوئي باغ هجي ها، جنهن مان هو کائي
پيئي ها ۽ هي ظالم ٻولو چوي ٿو ته توهان جادو ٿيل شخص جي پيروي ڪيو

**تا.(8) اي پيغمبر ﷺ ڏس، تنهنجي باري ۾ هي ڪهڙيون ڪهڙيون (غلط) ڳالهيون ڪن ٿا. هو گمراهه ٿي ويا آهن ۽ سڌو رستو نٿا وٺي سگهن.(9)**

خير ڪثير وارو فيض رسان آهي، اها ذات گرامي جنهن پنهنجي عبد (خاص بندي) تي هي فرقان (قرآن) نازل ڪرڻ فرمايو آهي، ته اهو عالمين يعني تمام جهان وارن ۽ تمام جهانن کي خبردار ڪري. "لِيَكُوْنَ" جو فاعل آنحضرت خاتم النبيين ﷺ (عبد) به ٿي سگهي ٿو، قرآن به ٿي سگهي ٿو. حضور خاتم النبيين ﷺ آخري نبي آهي، تمام عالمين يعني سمورن جهانن ۽ سمورن جهانن وارن انسانن، جنن جي لاءِ حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ، ظلم ۽ انصاف درميان واضح فرق ۽ تميز جو دستاويز آهي، جيڪو نوع انسان جي لاءِ وحي ذريعي آيل آخري ڪتاب آهي. (الاعراف: 158/7) اهڙي پيغمبر تي نازل ٿيو آهي، جو خاتم النبيين آهي. هن کان بعد وحي الاهي جا در بند آهن ۽ هي انبياءَ جي قطار ۾ آخري نبي آهي. هن ڪتاب کي نازل ڪرڻ وارو اهڙي بي پايان ۽ بي حد خير ڪثير جو فيض بخشيندڙ مالڪ آهي، جنهن پوري ڪائنات لاءِ رحمت للعالمين کي سراپا رحمت بنائي، سيني جهانن ۽ سيني جهانن وارن لاءِ اهڙو ڪتاب ڏئي موڪليو آهي، جيڪو ڪتاب "الفرقان" آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ عَمِلَ عَمَلًا لَيْسَ اَمْرُنَا فَهُوَ رَدٌّ" (صحيحين) يعني جنهن ماڻهوءَ اسان جي طريقي تي ڪم نه ڪيو، هو رد آهي. يعني نوع انسان کي حق ۽ باطل درميان تميز ڪري، حق جون خوبيون، نعمتون ۽ بخششون واضح طور بيان ڪري ٿو ۽ ان راهه تي هلڻ جي رهبري ڪري ٿو، جيڪو رستو ٻانهي کي الله سان روشناس ڪرائي ٿو ۽ باطل جون خرابيون، ذلتون ۽ گمراهيون بيان ڪري، نوع انسان کي بي راهه روي ۽ ضلالت جي واٽ تان ڪڍي، شيطان کان دوري ۽ الله جي صحبت اختيار ڪرائي ٿو. هن ڪتاب کي "ميزان" به سڏيو ويو آهي ته جيئن هو شخص ان جي آيتن جي پلڙي تي توري ڏسي ته ڪهڙو حق آهي، ڪهڙو باطل. هي هڪ ڪسوٽي آهي ۽ فيصلي جو اهڙو معيار آهي، جيڪو حجتِ قاطع آهي، جنهن ۾ ترميم، تصحيح يا تبديلي ڪرڻ جي گنجائش نه آهي. رهبري ۽ رهنمائي جو روشن مينار آهي، جيڪو پليل پٽڪيل ماڻهن کي سڌي رستي تي هلائي، منزل، مقصود تي پهچائي ٿو. هن جي نازل ڪرڻ وارو حق، هي

ڪتاب بہ حق ۽ جنھن تي نازل ٿيو اھو بہ حق جو مظھر آھي. ”وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ“ (الانعام:19/6) مون ڏانھن ھي قرآن وحي ڪيو ويو آھي، تاڪ مان توھان ڪي بہ خبردار ڪريان ۽ ان ڪي بہ، جنھن تائين ھي قرآن پھچي وڃي. يعني ھي ڪتاب قيامت تائين ھر انسان لاءِ رحمت ۽ ھدايت جو سدا حيات چشمہ حيات آھي. حضور پاڪ خاتم النبيين ﷺ تمام جھانن لاءِ رحمت ۽ رھبريءَ جو الله طرفان انسان لاءِ رسالت ۽ نبوت جو آخري عطيو آھي. ”يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا“ (الاعراف: 158/7) حديث شريف ۾ آھي: ”بُعِثْتُ اِلَى الْاَحْمَرِ وَالْاَسْوَدِ“ مان ڪارن ۽ گورن يعني پوري نوع انسان ڏانھن نبي ڪري موڪليو ويو آھيان. ”كَانَ النَّبِيُّ يُبْعَثُ اِلٰى قَوْمِهٖ خَآصَّةً وَّبُعِثْتُ اِلَى النَّاسِ عَآمَّةً“ (صحيح بخاري) ھر نبي رڳو خاص پنھنجي قوم لاءِ موڪليو ويو ھيو، پر مان تمام انسانن لاءِ موڪليو ويو آھيان.

اھا بابرڪات ذات، جنھن جي بادشاھي، اقتدار ۽ اختيار ۾ سمورا آسمان ۽ زمين آھي. ڪائنات جي ذري ذري تي ھن جو حڪم ھلي ٿو. ھو احد ۽ بي نياز آھي. ھن ڪي ڪنھن جي سھاري يا مدد جي ضرورت ناھي، ھن جو ڪو بہ شريڪ ڪار يا ھٿ ونڊائڻ وارو ناھي. ھو ملڪ جو اڪيلو بادشاھ آھي. ھن ھر شيءِ ڪي خاص ترتيب سان پيدا ڪيو آھي ۽ ھر شيءِ جي صلاحيتن ۽ خاصيتن جا پيمانا مقرر ڪيا آھن، جن ڪي عرف عام ۾ ”تقدير“ چئبو آھي. (الفرقان: 59/25) زھر جي تقدير (پيمانو) مارڻ آھي ۽ ترياق جي تقدير جيارڻ آھي، پاڻي باھ ڪي وسائي ٿو ۽ باھ پاڻيءَ ڪي گرمائي ٿي يعني ھر شيءِ جي جدا جدا خاصيت، پيمانو ۽ تقدير آھي. (بني اسرائيل: 111/17) الله جل شانه جو تہ اھو شان آھي، پر ماڻھن جي جھالت ڏسو، جو ھو قادر ڪل الله ڪانسواءِ ٻين ڪي صاحب اقتدار سمجھن ٿا ۽ انھن ڪي راضي رکڻ لاءِ سندن نالي تي نذر و نياز ڪن ٿا ۽ انھن آڏو عجز و انڪساري سان سر جھڪائي پرستش ڪن ٿا ۽ ھنن جي جھالت ۽ ناداني تہ ڏسو ھو ان ڪي پنھنجو الٰہ (معبود) بنائين ٿا، جو ڪنھن شيءِ جي پيدا ڪرڻ جي قدرت نٿو رکي، اھي تہ خود خدا جي مخلوق جي پيدا ڪيل آھن. ھو نہ پنھنجو دفاع ڪري سگھن ٿا ۽ ٻين ڪي ڇڏيو، ھو خود پاڻ ڪي بہ نفعو نقصان ڏئي نٿا سگھن. ھو پاڻ بي حس، بي بس ۽ بي ڪس بوتا آھن. ھو پنھنجي جسم تان مک ڪي روڪي نٿا سگھن. نہ وري اھي ڪنھن ڪي

حياتي ڏئي سگھن ٿا ۽ نہ وري ڪنهن جي دعوت جو اختيار رکن ٿا ۽ نہ وري مرڻ بعد ڪنهن کي زندهہ ڪرڻ جي قوت رکن ٿا. نفعو نقصان، موت و حيات جو مالڪ هڪ الله آهي. مرڻ بعد وري اٿارڻ بہ الله جي هٿ وس آهي. حيرت جي اها ڳالهہ آهي تہ هي نادان، منڪر، بي حس ۽ بي بس بوتن جي سهاري قرآن جي پيش ڪيل حقيقتن ۽ جهانن جي مالڪ خالق جو انڪار ڪن ٿا. اهي منڪر ماڻهو، جيڪي نہ رڳو الله، رسول ۽ قرآن تي ايمان نٿا آڻين پر هو اهو بهتان هڻي رهيا آهن تہ وحي وغيره جي دعوىٰ جي ڪا حقيقي ناهي. نہ وري هي خدا جو موڪليل رسول آهي. هن هي قرآن پاڻ گهڙي پيش ڪيو آهي ۽ هاڻي ان کي خدا ڏانهن منسوب ڪري ٿو تہ خدا پاران نازل ڪيل آهي. هن جعلسازيءَ ۾ هو اڪيلو ناهي، پر ڪنهن جماعت جي هن کي مدد حاصل آهي ۽ هي سڀ گڏجي هن کي جوڙي ونن ٿا ۽ اسان کي پنهنجي ابن ڏاڏن واري دين ۽ طور طريقن کان روڪي ٿو. هي نادان، صريحًا حق ۽ سچائي جو انڪار ڪري، ڪوڙ ۽ فريب تي ايمان آڻين ٿا ۽ قرآن جهڙي حقيقت کي انسان جي هٿ جو گهڙيل داستان سمجهن ٿا. (النحل: 103/16) ۽ چون ٿا تہ اهو گڏريل قومن جا افسانا آهن، جيڪي هن لاءِ صبح شام لکايا وڃن ٿا ۽ انهن کي هي اسان آڏو خدا جون آيتون ڪري پيش ڪري ٿو. هن اسان کي بي عقل سمجهيو آهي، جو هو اسان کي پنهنجي طريقي، راهہ روش کان موڙي، پنهنجي ڪوڙي داستان ڏانهن متوجه ڪري ٿو.

هنن کي چئو تہ هي قرآن ان خدا عزو جل نازل ڪرڻ فرمايو آهي، جيڪو هن ڪائنات جي پوشيده رازن کان واقف آهي. جيڪڏهن هي وحي ٿيل ۽ الله پاران نازل ٿيل نہ هجي ها ۽ انسانن جو جوڙيل هجي ها تہ هن ۾ جن حقيقتن جو ذڪر آهي، انهن حقيقتن ۽ ڪائنات جي مخفي رازن جو علم انهن کي ڪيئن ٿي ويو، جو هن ڪتاب ۾ موجود آهي. اهي مخفي راز ۽ حقيقتون تہ صرف الله ئي ڄاڻي ٿو. ڪائنات جو هي نظام سج چنڊ جو نظام، زمين جي گردش، بادل، هوا، دريا، سمنڊ جو نظام جيڪو بنا نقص ۽ عيب جي هلي رهيو آهي ۽ ان جو جيڪو مالڪ آهي، هي قرآن بہ ان جي نظام هيٺ نازل ٿيو آهي، جو سراپا حق ۽ سچائي آهي. هن قرآن جو انڪار دراصل رسول الله خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم ۽ الله جل شانه جو انڪار آهي. هن قرآن کي هٿ جو جوڙيل ڪتاب قرار ڏيڻ بعد هاڻي هو

ماڻهو خود رسول ﷺ خلاف اعتراض ڪن ٿا تہ هي رسول هجي ها تہ پوءِ بين ماڻهن کان ممتاز هجي ها. کائڻ پيئڻ جي هن کي حاجت نہ هجي ها، پر هو بلڪل اسان وانگر کائي پيئي ٿو ۽ بازار وڃڻ جي کهڙي ضرورت هئي. هي سڀ اهڙا فعل آهن، جيڪي عام انسان ڪري ٿو. نبوت جي دعويٰ ڪندڙ بہ اهي عام انسان واريون حاجتون ۽ ضرورتون رکي ٿو (الفرقان: 41/25) تہ اهو خدا جو موڪليل نبي ڪيئن ٿو ٿي سگهي. چون ٿا جيڪڏهن خدا هن کي نبوت جو ڪم سونپيو ها تہ پوءِ هن جي مدد لاءِ ڪو فرشتو بہ موڪلي ها، پر هن سان اهڙو فرشتو بہ مدد ڪرڻ لاءِ ناهي، جو هن سان گڏجي اهو خبردار ڪرڻ وارو ڪم ڪري. حالانڪ رسول الله ﷺ ڪڏهن بہ فرشتي هجڻ يا بادشاهہ هجڻ جي دعويٰ نہ ڪئي آهي، پر هميشہ چيو آهي تہ "اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰى اِلَيَّ" برابر انساني صفت ۾ اوهان جهڙو انسان آهيان، پر حقيقي صورت ۾ حاملِ وحي، "نُوْرٌ مِّنْ نُّوْرِ اللّٰهِ" آهيان، جيڪڏهن بشري صفت واري صورت نہ هجي ها تہ اوهان چئو ها هي فرشتو آهي، اسان انسان آهيون ۽ فرشتي وانگر ڪٿي هن جي نقش قدم تي هلي سگهون ٿا. پوءِ توهان الله جي رسول لاءِ چئو ٿا تہ هن جي ڳالهہ قبول ڪندا تہ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا. درحقيقت اهو اوهان جو پاڻ تي وڏو ظلم آهي. هو اهو بہ چون ٿا تہ جيڪڏهن هن وٽ فرشتو نہ آهي تہ ڪم از ڪم هو هڪ وڏي خزاني جو مالڪ هجي ها. يا ڪيس ڪو وڏو وسيع عريض باغ هجي ها. هي تہ بلڪل مسڪين ۽ هٿين خالي انسان آهي. هي تہ اسان وانگر مالدار ۽ خوشحال بہ ناهي، پر اسان جهڙا معتبر ۽ مرتبي وارا ماڻهو هن جي قيادت ڪيئن قبول ڪندا. هي ظالم ماڻهو رڳو ان تي اڪتفا نٿا ڪن، پر ماڻهن کي ورغلائين ۽ ڀڙڪائين ٿا تہ پنهنجو سچو مذهب ڇڏي، اهڙي شخص جي پيروي ڇو ٿا ڪيو، جنهن تي ڪنهن هستيءَ جادو ڪيو آهي ۽ هن جو دماغ ڦري ويو آهي جو اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو.

اي رسول خدا ﷺ! هنن بيوقوف، بي عمل ماڻهن جي بڪواس ٻڌندو وڃ تہ هي تنهنجي ذات اقدس بابت ڇا ڇا بڪي رهيا آهن. هنن جي اهڙن جاهلانا شوشن سان هو تنهنجو ڪجهہ بگاڙي نٿا سگهن. تون بلڪل رنجيده دل نہ ٿيءُ. هو سڌي رستي تان ڀٽڪي گمراهہ ٿي چڪا آهن. حق ۽ ناحق جي پرک ڪرڻ واري صلاحيت کان محروم

آهن. هو ڪنهن صورت ۾ منزلِ مقصود تائين رسائي نٿا حاصل ڪري سگهن. ” خَتَمَ اللّٰهُ
عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ وَ عَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ “ هي گمراهيءَ جي اهڙي غار ۾ غرق ٿي
چڪا آهن، جن جو اتان نڪرڻ مشڪل آهي.

---

تَبٰرَكَ الَّذِیْٓ اِنْ شَآءَ جَعَلَ لَكَ خَیْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ ۙ وَ یَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ﴿١٠﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ ۫ وَ اَعْتَدْنَا
لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِیْرًا ﴿١١﴾ۚ اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۭ بَعِیْدٍ سَمِعُوْا
لَهَا تَغَیُّظًا وَّ زَفِیْرًا ﴿١٢﴾ وَ اِذَآ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَیِّقًا مُّقَرَّنِیْنَ دَعَوْا
هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ﴿١٣﴾ؕ لَا تَدْعُوا الْیَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّ ادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِیْرًا ﴿١٤﴾
قُلْ اَذٰلِكَ خَیْرٌ اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِیْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ كَانَتْ لَهُمْ
جَزَآءً وَّ مَصِیْرًا ﴿١٥﴾ لَهُمْ فِیْهَا مَا یَشَآءُوْنَ خٰلِدِیْنَ ؕ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ
وَعْدًا مَّسْـُٔوْلًا ﴿١٦﴾ وَ یَوْمَ یَحْشُرُهُمْ وَ مَا یَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَیَقُوْلُ
ءَاَنْتُمْ اَضْلَلْتُمْ عِبَادِیْ هٰۤؤُلَآءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِیْلَ ﴿١٧﴾ؕ قَالُوْا
سُبْحٰنَكَ مَا كَانَ یَنْۢبَغِیْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ دُوْنِكَ مِنْ اَوْلِیَآءَ وَ لٰكِنْ
مَّتَّعْتَهُمْ وَ اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَ كَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٨﴾ فَقَدْ
كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا تَسْتَطِیْعُوْنَ صَرْفًا وَّ لَا نَصْرًا ۚ وَ مَنْ
یَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِیْرًا ﴿١٩﴾ وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِیْنَ

اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَ يَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ وَ جَعَلْنَا
بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ؕ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَ كَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿۲۰﴾ ع ٢ ١١ ١٧

الله عزو جل نهايت با برڪت آهي. ان جي مشيت گهري تہ ان کان گهڻو وڌيڪ رونما ڪري سگهي ٿو، اهڙا باغ، جن جي دامن ۾ نهرون وهن ٿيون ۽ تو لاءِ محلات ٺاهي ڇڏي. (10) اصل ڳالهہ اها آهي تہ انهن ماڻهن قيامت کي ڪوڙو سمجهيو آهي ۽ جيڪو قيامت کي ڪوڙو چوندو آهي ان لاءِ اسان شعلا انگيز ڀڙڪندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي.(11) اها باهہ جڏهن هنن کي پري کان ايندو ڏسندي تہ هو ان باهہ جو جوش ۽ ڀڙڪڻ جو آواز ٻڌندا.(12) ۽ جڏهن هنن کي زنجيرن ۾ جڪڙي تنگ جڳهہ ۾ اڇلايو ويندو تہ هو ان وقت ٻاڏائيندا تہ موت اچي وڃي. (13) اڄ هڪ موت کي سڏ نہ ڪريو، پر گهڻن موتن کي سڏ ڪيو. (14) هاڻي هنن کان پڇو تہ هي بهتر آهي يا هميشہ رهڻ واري اها جنت، جنهن جو متقي ماڻهن سان وعدو ڪيو ويو آهي. اها (باهہ) هنن جي اعمال جو بدلو ۽ سفر جي آخري منزل هوندي.(15) هنن لاءِ اتي هنن جي خواهش جي هر شيءِ موجود هوندي. هي اوهان جي پروردگار جو اوهان سان واجب الادا وعدو آهي. (16) پر ان ڏينهن جڏهن هو (الله) هنن کي ۽ انهن کي جن کي هو پوڄيندا هئا، هڪ هنڌ گڏ ڪندو تہ انهن ٻتن کان پڇاڻو ڪندو تہ ڇا توهان منهنجي ٻانهن کي گمراهہ ڪيو هيو، يا هو پاڻ سڌي رستي کان ڀٽڪي ويا هئا.(17) هو چوندا تہ تنهنجي ذات گرامي پاڪ آهي، اسان لاءِ تہ هي جائز ئي ڪو نہ هيو تہ اسان تو کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ڪارساز سمجهون، پر اي پروردگار! تو ئي هنن کي ۽ هنن جي ابن ڏاڏن کي مال متاع سان نوازيو هيو، هاڻي ايتري قدر

جو هو ياد دهاني کي بہ وساري وينا آهن ۽ هي تباهہ ٿيندڙ ماڻهو آهن.(18) هنن تہ اوهان جي هن ڳالهہ کي جيکي اوهان چئو ٿا هنن ان ۾ توهان کي ڪوڙو قرار ڏنو آهي، سو هاڻي هو نہ پنهنجي شامت کي ٽاري سگهندا ۽ نہ وري پنهنجي مدد ڪري سگهندا ۽ توهان مان جيڪو ظلم ڪندو رهندو، انهن کي اسان بري عذاب جو مزو چکائينداسون، توهان کان اڳ جيترا رسول اسان موڪليا آهن، اهي سڀ کاڌو کائيندا هئا ۽ بازار ۾ گهمندا ڦرندا هئا.(19) مؤمنو! اسان توهان کي (هڪ ٻئي لاءِ توهان جي غربت ۽ هنن جي تحقير ۽ تضحيڪ کي) آزمائش (فتنو) بڻايو آهي تہ ٻڌايو توهان هنن سمورين ڳالهين تي صبر ڪريو ٿا. توهان جو رب هي سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي.(20)

---

هي منافق ماڻهو، جيڪي تو تي اعتراض ڪن ٿا ۽ توکي خدا جو نبي هجڻ جي ثبوت لاءِ چون ٿا تہ توکي فرشتو مدد لاءِ ڇو نہ مليو آهي، جيڪو تنهنجي هن ڪم ۾ تنهنجا هٿ ونڊائي. توکي مسڪين ۽ بي سرو سامان ڇو ڪيو ويو آهي، توکي وڏو خزانو ڇو نہ ڏنو ويو آهي يا ڪو سرسبز، شاد، آباد باغ ڇو نہ مليو آهي. تون ڪهڙو نبي آهين جو اسان وانگر کائين پيئين ٿو ۽ بازارن ۾ گهمين ڦرين ٿو. توکي تہ انهن ڳالهين کان مبرا، صاف پاڪ هئڻ گهرجي. هنن جون اهڙيون دعوائون ۽ اهڙا اعتراض جو توکي الله هنن سڀني شين کان گهٽو سنيون ۽ وڌيڪ سودمند نعمتون ۽ نوازشون عنايت ڪري، اهڙا سدا بهار باغ، جن جي هيٺان دامن ۾ نهرون جاري آهن ۽ توکي آرام ۽ سڪون لاءِ عاليشان محلات عنايت ڪري. هي تہ آهن آخرت جون نعمتون، پر دنيا ۾ بہ هڪ باغ تہ ڇا ڪيترا سرسبز شاداب باغ ڏئي ۽ نيز قيصرو ڪسرىٰ جا محلا قبضي ۾ ڏئي ۽ اهو ثابت بہ ٿي ويو جڏهن قيصر ۽ ڪسرىٰ جا ڪوٽ فتح ڪيا ويا. اصل حقيقت هي آهي تہ هنن قيامت قائم ٿيڻ کي ڪوڙو افسانو ڪونيو آهي. ياد رهي تہ جيڪو بہ ماڻهو قيامت کي نہ مڃيندو، ان لاءِ اسان پڪا ڏيندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي. قيامت جو انڪار گويا رسالت جو انڪار آهي ۽ رسالت جو انڪار، توحيدِ خدا وندي جو انڪار آهي. جڏهن هنن ماڻهن

کي دوزخ ڏانھن ڌڪيليو ويندو تہ جھنم جي باھہ ھنن کي پري کان ڏسي وٺندي ۽ غصي ۾ ڀڙڪا ڏيندي ۽ ڪين پنھنجي عذاب جي دامن ۾ اچڻ لاءِ پڪاري پڪاري سڏي رھي ھوندي تہ منھنجا مھمان اچو تہ مان اوھان جو آڌر ڀاءُ ڪريان. توھان جو ھميشہ لاءِ مون ۾ نڪاڻو ڪيو ويو آھي. ”اِذَآ اُلۡقُوۡا فِیۡهَا سَمِعُوۡا لَهَا شَهِیۡقًا وَّ هِیَ تَفُوۡرُ○ تَكَادُ تَمَیَّزُ مِنَ الۡغَیۡظِ“ (الملڪ: 67/ 8-7) جڏھن جھنمي ماڻھن کي جھنم ۾ وڌو ويندو تہ ھو ان جھنم جي باھہ جا ڀڙڪا ٻڌندا. اھا غصي ۽ غضب جي جوش ۾ ڦاٽي پوندي. ياد رھي تہ جھنم جو چيخڻ چلائڻ ھڪ حقيقت آھي، استعارو نہ آھي. سخت ڀڙڪا ڏيندڙ باھہ جي اھا ڪيفيت ھڪ يقيني امر آھي ۽ ان دوزخ جي باھہ جو پيٽ نہ ڀربو ۽ چوندي اڃان منھنجا مھمان باقي آھن؟ ”هَلۡ مِنۡ مَّزِیۡدٍ“ (ق 30/50) تہ مان انھن جي انتظار ۾ آھيان. جڏھن ھنن ڪافرن کي ھڪ تنگ ڪوٺڙي ۾ زنجيرن ۾ جڪڙي اڇلايو ويندو ۽ ھو دوزخ جي باھہ جي عذاب ۾ پُڄي رھيا ھوندا ۽ اتان نڪرڻ يا ڀڄي وڃڻ جو ڪو رستو نظر نہ ايندو تہ درد جي اذيت کان دانھون ڪري، موت کي سڏيندا. چوندا تہ اسان کي موت اچي ۽ ختم ڪري ھن عذاب کان نجات ڏياري. ڪين چيو ويندو، ھڪ موت کي سڏ نہ ڪر پر گھڻا موت سڏ ڪر. پوءِ ٽيڻو اھو ئي آھي، جيڪو توھان سان ٿي رھيو آھي. توھان کي لڳاتار زندھہ بہ رھڻو آھي ۽ عذاب بہ ڀوڳڻو آھي. نہ ھن عذاب جي شدت ۾ ڪمي ايندي ۽ نہ وري موت اچي توھان کي ھن عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياريندو.

پيارا حبيب ﷺ! ھنن کي چئو تہ ھي دوزخ جي عذاب واري زندگي بھتر آھي يا جنت جي خوشگوار سدا بھار زندگي سٺي آھي. اھا جنت جنھن جو الله طرفان متقي ۽ خدا ترس ماڻھن سان واعدو ڪيو ويو آھي. اھا جنت ۽ اتان جي پرسڪون زندگي خدا جي نعمتن ۽ نوازشن سان ڀرپور حياتي انھن نيڪ ڪردار ماڻھن جي اعمال جو بدلو ھوندي ۽ اھا ھنن جي سفر جي آخري منزل ھوندي، جنھن ۾ ھو ھميشہ خوش خرم رھندا. اھو ھوندو انسان جي ڪوششن جو صلو، جيڪو ھن دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ ھوندو ۽ آخرت جي زندگي ۾ بہ اھڙو سلامتي ۽ سڪون وارو ماحول ميسر ھوندو. جنت ۾ ھو جو ڪجھہ بہ خواھش ڪندا، اھا انھن لاءِ ھر وقت موجود ھوندي. ھو ان جنت ۾ سدا مزا ماڻيندا رھندا. ھي يقين ڏھاني آھي تہ اھي نعمتون مؤمنن کي ضرور ملنديون، ڇو تہ اھو پروردگار جي

ذمي هڪ وعدو آهي، جيڪو ضرور پورو ٿيڻ وارو آهي. هن ڪان اڳ آيتن ۾ جيڪو مؤمنن ۽ ڪافرن بابت بيان ڪيو ويو آهي، ان موجب دوزخ ۽ جنت جا احوال حالات سزا جو بيان ڪرڻ مان اها مدعا آهي ته ڪافرن جو ڪهڙو درد ناڪ انجام هوندو ۽ مؤمنن لاءِ ڪهڙو حيرت ناڪ قابل رشڪ اجر ۽ ثواب هوندو.

هت اهل ايمان لاءِ چار ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. (1) هڪ ته ايمان وارن کي اهي نعمتون سندن عمل صالح جو بدلو هونديون، جنهن جا هو حقدار هوندا. (2) ٻيو هي ته اهي نعمتون عارضي ۽ وقتي نه هونديون، پر دائمي هونديون، جن مان ڪيس ڪڏهن به محروم نه ڪيو ويندو. (3) ٽيون هي ته هنن کي اهو سڀ ڪجهه ملندو جنهن جي هو خواهش ڪندا. (4) چوٿون هي ته الله تعالىٰ هن وعدي کي حتمي وعدو قرار ڏئي پنهنجي ذمي ان جي ادائگي جو يقين ڏياريو آهي، جيڪو هر حال ۾ پورو ٿيندو. رَبَّنَا وَ اٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَ لَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ○ (آل عمران: 194/3) اي اسان جا پروردگار! تو پنهنجي رسولن جي ذريعي اسان سان جيڪي وعدا ڪيا آهن، اهي پورا ڪرڻ فرماءِ. قيامت واري ڏينهن تون اسان کي رسوا ٿيڻ کان بچائجان ۽ بيشڪ تون پنهنجن وعدن جي وعده خلافي نه ڪندو آهين. الله تعالىٰ پنهنجن وعدن کي ضرور پورو ڪندو. هي ان جي بي پايان رحمت جو پنهنجي ٻانهن تي اظهار آهي، جو هن ان کي پنهنجي ذميواري قرار ڏنو آهي.

جڏهن انسان جا اعمالناما کوليا ويندا ۽ ان جي نتيجن جو اعلان ڪيو ويندو ته انهن کي سندن مصنوعي معبودن سميت گڏ ڪيو ويندو، جن کي اهو خدا جي اقتدار ۽ اختيار ۾ شريڪ ڪندا هئا ۽ انهن بتن کي هو پنهنجو حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهندا هئا، پنهنجي هر اميد ۽ خوف کي انهن طرف منسوب ڪندا هئا، يعني الله جي اختيارن ۾ هنن کي شريڪ ڪندا هئا ته پوءِ انهن معبودن کي گويائي عطا ڪئي ويندي ۽ پڇيو ويندو ته منهنجي ٻانهن کي توهان گمراهه ڪيو هيو يا پاڻ ئي گمراهه ٿي ويا هئا. انهن بتن جو آيت 3 ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ پٿرن جا بت، فرشتا ۽ انبياء شامل آهن، جن ڪان الله پڇندو ته هنن کي توهان گمراهه ڪيو يا هو پاڻ گمراهه ٿي ويا ته سڀ هڪ آواز ٿي چوندا ته اسان جا پروردگار! تنهنجي ذات پاڪ آهي، تنهنجو ڪو برابر ناهي،

تون خالق آهين، ٻيا سڀ مخلوق آهن. اسان کي اهو حق ناهي تہ اسان تو جهڙي قادر مطلق رب کي ڇڏي، عاجز ۽ ڪمزور بتن ۽ مخلوق کي پنهنجو ولي وارث ۽ ڪارساز سمجهون، مگر ڳالهہ اها آهي تہ تنهنجي ربوبيت ۽ رحمت هنن کي مال متاع، دولت ۽ اختيار جو ڌڻي بنائي ڇڏيو. زندگيءَ جو هر سامان فراوانيءَ سان عنايت ڪيو هيو، هو پاڻ کي ايترو تہ مغرور ۽ خوددار سمجهڻ لڳا جو تو جهڙي محسن، شفيق ۽ رحمت واري ذات گرامي کان بي پرواهہ ٿي ويا. لاڳيتو ڊگهو عرصو اهي دنياوي نعمتون ملڻ سبب ان غلط فهمي جو شڪار ٿي ويا تہ هي هنن جو پيدائشي حق آهي، جيڪو هنن کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليو. هن ۾ ڪنهن ٻئي جي عنايت يا عطيو ناهي، هي اسان جي پنهنجي هٿن جي ڪمائي آهي. انهن غرور ۽ بدگمانيءَ هنن کي خالق حقيقي کان دور ڪري وساري ڇڏيو ۽ هڪ تباهہ ۽ برباد قوم ٿي ويا. ان وقت انهن بتن جي پوڄارين کان پڇيو ويندو تہ اوهان پاڻ هنن جو بيان ٻڌو آهي، توهان هميشہ اها دعويٰ ڪندا هئا تہ اسان جو ڏوهہ ناهي، اسان کي هنن بتن گمراهہ ڪيو آهي، جيڪڏهن هي اسان کي گمراهہ نہ ڪن ها تہ اسان ضرور پنهنجي رب کي پنهنجو سچو معبود سمجهي، ان جي عبادت ڪريون ها، سو اسان بلڪل بي ڏوهي آهيون. دوزخ جي باهہ جي عذاب جا اهي اسان جا معبود مستحق آهن، اسان کي ان کان بچايو وڃي. پر توهان پنهنجن ڪنن سان ٻڌو آهي تہ توهان جي منهن تي هنن چٽو چٽو چيو آهي تہ توهان غلط ٿا چئو، هنن توهان جي هن دعويٰ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. دراصل توهان پاڻ ئي ذميدار آهيو ۽ هي بت پرستي اوهان جي غلط ۽ ڪمزور عقيدن جو نتيجو هئي، ان ڪري اوهان کي ڏوهي قرار ڏنو تو وڃي ۽ هي عذاب اوهان کي ضرور ڀوڳڻو آهي. توهان هن عذاب جو رخ پاڻ کان ڦيري ڪنهن ٻئي جي سر مڙهي نٿا سگهو ۽ نہ وري هينئر توهان جي مدد لاءِ ڪو ايندو ۽ اوهان کي هن عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياريندو. ان ڪري توهان مان جنهن بہ اسان جي حڪمن ۽ قانون جو انڪار ڪيو آهي ۽ سرڪشي اختيار ڪئي آهي، هاڻي انهن کي هن دردناڪ عذاب جو مزو ضرور چکڻو پوندو. هي اوهان جي اعمال ۽ سرڪشي خلاف قانون مڪافات جو فيصلو آهي، جيڪو هر حال ۾ وقوع پذير ٿيندو.

هو چوندا تہ اسان جا پروردگار! تنهنجي ذات شرڪ کان پاڪ ۽ منزه آهي. اسان لاءِ هرگز مناسب نہ هيو جو تنهنجي ذات پاڪ کي پنهنجو ڪارساز ۽ آقا سمجهڻ بدران هنن

کي پنهنجو معبود بڻايون. دراصل ائين ٿيو جو هنن کي تنهنجي طرفان ايترو گهڻو مال ملڪيت، ڌن دولت، اختيار ۽ عزت مليو، جنهن تي هنن جو دماغ ڦري ويو هو، ان کي تنهنجي عطا ۽ عنايت سمجهڻ بدران ذاتي ملڪيت سمجهيو، هو ان غرور ۽ تڪبر واري نشي ۾ بدمست ٿي تنهنجو قانون وساري وينا ۽ تباهه ٿي ويا. ياد رهي ته اصل ۾ الله ۽ اهل ايمان جي درميان ولايت جو باهمي مضبوط رشتو قائم آهي، الله مؤمنن جي ولي آهي ۽ مؤمن الله جا ولي آهن. "اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ" (البقره: 257/2) الله مؤمنن جو ولي آهي، اهو مؤمنن کي انڌيري مان ڪڍي ٿو، نور جي روشني طرف يعني مؤمن الله جو نائب آهي ۽ الله جي نظام جو انچارج، جنهن کي روءِ زمين ۽ نوع انسان لاءِ جاري ڪرڻ ۽ ان جي نگهداشت ڪرڻ جو ذميوار آهي، تنهن ڪري الله اهڙي مؤمنن جو هن فرض جي ادائگي ۾ سندن معاون ۽ مددگار آهي، يعني الله مؤمنن جو ولي آهي. "اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (يونس: 62/10) جيڪي (مؤمن) الله جا ولي آهن، انهن کي ڪو خوف ناهي ۽ نه هو غمگين آهن. ان ڪري مؤمن خدا جو نظام الله جي هدايت موجب ادا ڪري ٿو ته جڻ الله جو هٿ ونڊائي ۽ الله جو ولي ٿي اهو فرض ادا ڪري ٿو. هن جي برعڪس جعلي معبودن جو، جن جا هو پوڄاري آهن، انهن جو پنهنجن پوڄارين سان ڪو واسطو ناهي. هنن بي بس بتن جو نه ڪو نظام حيات آهي ۽ نه وري هو ڪنهن جي ڪم اچي سگهن ٿا، ان ڪري انهن جي پوڄا ڪرڻ گويا ٻَرن ڪان ٻير گهرڻ آهي. هنن بتن مورتين، ديو ۽ ديوين ته توهان جي هن دعویٰ کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته توهان جي چوڻ مطابق توهانکي انهن معبود گمراهه ڪيو هيو، ان ڪري اوهان جي دعویٰ غلط آهي ۽ باطل پرستي جو الزام اوهان تي ثابت ٿئي ٿو ۽ ان جي سزا به اوهان کي ملندي، خدا جو اهو اٽل فيصلو ٻڌي، هو پريشان ٿي ويندا، پر ايترا ته مجبور ۽ بي بس هوندا، جو اهي پاڻ هن عذاب کي ٽاري به نه سگهندا ۽ نه وري ڪو ٻيو ماڻهو هنن جي مدد ڪري سگهندو، جنهن جنهن ماڻهوءَ ظلم، سرڪشي، غرور ۽ وڏائيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ته انهن کي مڪافات واري عدل ۽ انصاف تي ٻڌل قانون مطابق هڪ وڏي دردناڪ عذاب جو مزو ضرور چکائيندا سون. هن دنيا ۾ به ذليل خوار هوندا ۽ آخرت ۾ به دوزخ جي باهه جو ٻارڻ هوندا ۽ هميشه لاءِ انهيءَ عذاب جي حالت ۾ رهندا. گذريل آيتن ۾ جنهن

ڪفر ۽ شرڪ جو ذڪر ٿيو آهي، ان ڪي قرآن جي قانون ”ظلم عظيم“ چيو آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ تي ظلم عظيم جي فرد جرم چارج ٿيندي.

اي منهنجا حبيب ﷺ! اها هڪ حقيقت آهي ته تو کان اڳ جيڪي به منهنجا رسول آيا آهن، اهي سمورا کاڌو به کائيندا هئا ۽ بازار ۾ گهمڻ ڦرڻ ايندا هئا، ان ڪري ڪافرن جو تو تي اهو اعتراض ته تون نبي نه آهين، ڇو ته تون بين انسانن وانگر کاڌو به کائين ٿو ۽ بازار گهمڻ به وڃين ٿو. اهو ته اسان انسانن جو ڪم آهي، جيڪڏهن تون واقعي سچو رسول آهين ته پوءِ اسان جهڙا ڪم ڇو ٿو ڪرين، کهڙي ڳالهه ۾ اسان کان نرالو آهين، تون به اسان جي قوم جو اسان وانگر هڪ فرد آهين. هنن کي ڇئو ته نوح، ابراهيم، اسماعيل، موسیٰ، هارون ۽ عيسیٰ عليهم السلام سمورا خدا جا رسول ۽ نبي هئا (الانعام: 124/6) ۽ اهي سڀ کاڌو به کائيندا هئا ۽ بازار به ويندا هئا. اوهان هي بي بنياد اعتراض ڇو ڪيو آهي. اسان ماڻهن کي هڪ ٻئي جي لاءِ آزمائش بڻايو آهي، يعني هنن جي هٺ غرور ۽ تڪبر سبب توهان (مؤمنن) خلاف تحقير ۽ تضحيڪ ۽ اوهان جي مسڪيني، غربت، ڪسرنفسي ۽ خوش اخلاقيءَ کي هنن لاءِ آزمائش بڻايو آهي. هو پنهنجي ان وڏائيءَ واري نشي ۾ بدمست ٿي، حق جو انڪار ڪري رهيا آهن ۽ چون ٿا جيڪڏهن هي دين الله طرفان هجي ها ته پوءِ مڪي ۽ طائف جي رئيسن ۽ سردارن کي ملي ها ۽ قلاش مسڪين ۽ غريب مؤمنن کي نه ملي ها. الله کي ايتري سمجهه ته هوندي، (نعوذ بالله) هاڻي توهان کي عزم استقلال ۽ حوصلي سان اڳتي وڌڻو آهي ۽ هو هن امتحان ۽ آزمائش ۾ ناڪام وڃن ٿا ته انهن کي انهيءَ حال ۾ رهڻ ڏيو، توهان جي ۽ هنن جي سوچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

پرواز ہے دونو کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور
الفاظ و معانی میں تفاوت نہیں لیکن
ملا کی اذاں اور ہے مجاہد کی اذاں اور

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہے آفاق

(اقبال رحمة الله عليه)